ماهوار سنڌي
شعور
حيدرآباد
مئي-جون ١٩٨٩ع
[redacted]

حڪمران طبقي جي داخلي چڪتاڻ
۽ ان جا سنڌ تي اثر

جمهوريت ۽ ثقافت

ڪامريڊ جام ساقيءَ جي پارٽ جي
دوري جي رپورٽ

پاڪستان ۾ قومي
مسئلو

دنيا جا مزدورو هڪ ٿي وڃو!

شعور

ماهوار سنڌي

حيدرآباد سنڌ

شاعري - ڪهاڻي - پالڪ رنگ

سنڌ

ايڊيٽوريل

مضمون

پاڪستاني فوج جي جاسوسي اداري آءِ ايس آءِ تي آمريڪي مئگزين ٽائيم جي رپورٽ — صلاح قاضي

حڪمران طبقي جي داخلي ڇڪتاڻ ۽ ان جا سنڌ تي اثر — منصور ڪاهوڙي

جمهوريت ۽ ثقافت — رئوف نظاماڻي

يوم مئي ۽ اسان جون ذميواريون. — عبيد احمد فردوسي

انٽرويو

ڪميونسٽ پارٽي جي پولٽ بيورو جي ميمبر پروفيسر جمال نقوي

پاڪستان ۾ قوميتي مسئلو — ڊاڪٽر فيروز احمد

قومي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ هارين جي قرباني ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي — قربان رستماڻي

نظام ڪيئن بدلبو آهي — ابو رضا

رپورٽ

جام ساقي جو پارٽ جو دورو — جام ساقي

اشرف جوڻيجي جي پنجين ورسي — ديدار موس بخاري

شعور سٿ

چيف ايڊيٽر

غلام محمد ڏيرو

ايڊيٽر اعزازي

امداد قاضي

سب ايڊيٽر

طارق آريجو

شمارو نمبر ۲

ملهه ۸ روپيا

مهينو مئي جون

ڪيليگرافي ۽ لي آئوٽ

حفيظ قاسماڻي

پيسٽنگ:

مشتاق پيٽي

هي رسالو غلام محمد ڏيري جمالي پريس مان ڇپرائي نظام لاج گاڏي کاتي حيدرآباد مان پڌرو ڪيو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اڄ سڄڻ مون سان

● باوجود انهيءَ حقيقت جي ته هي جمهوري حڪومت ڪجهه عوام دشمن گروهن جي آڏو بيوس آهي، پوءِ به هن اهڙا قدم کنيا آهن، جيڪي سچ پچ جمهوري قدرن کي سگهارو ڪرڻ ۾ اڳتي هلي ڪم ڏيندا. ڇاپيهن سالن کان پوءِ پهريون ڀيرو عوامي سڌ سماءَ جي وسيلن تي سرڪاري اگهري باهوڙ ۾ گهٽتائي آئي آهي، مخالف، ڌر به اڄ انهيءَ حيثيت ۾ آهي ته اها پنهنجو آواز، انهن وسيلن ذريعي، عوام آڏو رکي سگهي. تنهن کانپوءِ پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس وارو ڊيموڪلس جو خنجر اسانجي سرن تان هٽايو ويو آهي. (جيتوڻيڪ اهو مڪمل نموني ختم ۽ جمهوري نه بڻايو ويو آهي، پر پوءِ به انهيءَ جو هٿيار طور استعمال ختم ڪيو آهي). نتيجي ۾ ڪافي رسالا توڙي اخبارون شروع ٿي ويون آهن، جيڪي يقينن سياست ۾ صحتمند رجحانن کي فروغ ڏيڻ ۾ سوڀارا ٿيندا. انهيءَ کان علاوه شاگرد ۽ مزدور يونين تان پابنديون هٽائڻ جو عمل به يقينن آمريتي باقيات کي تيلي ڏيڻ ۾ مددگار بڻبو.

● ٽي- وي جيڪو ماس ميڊيا جو اهم ترين ۽ سگهارو ذريعو آهي سو گذريل دور حڪومتن ۾ فاشي رجحان ڇٽيندو رهيو آهي ۽ ماڻهن کي ذهني بيمار ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي اٿس. بهرحال اسلم اظهر جهڙي عوام دوست دانشور جي، (جنهن جي ٽي ڪوشش سان هي ادارو وڌيو ۽ ويجهيو آهي) رهنمائي ۾ اڄ ٽي- وي پنهن جو اهو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جيڪو اسانجي ملڪن ۾، ان کي ڪرڻ گهرجي. لب آزاد، نيلي هاٿ، ٽپش، مسافر رهه وفا ڪي، آدهي دنيا، ٻچون ڪا پارڪ جهڙا ڊراما ۽ فيچر ماڻهن ۾ صحت مند رجحان پختا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. بهرحال هڪ شڪايت اها آهي ته باوجود سنڌي پروگرامن جي وقت وڌائڻ جي، اڃا تائين انهن ۾ گهربل تبديليون نه آنديون ويون آهن. اڄ به ليکڪن جو هڪ محدود ٽولو هڪ هٽي قائم رکيو وينو آهي. جنهن ڪري سان اردو ڊرامن ۾ تبديلي آئي آهي ان جي نسبت ۾ سنڌي ڊرامن کي نه سڌاريو ويو آهي. جمهوري قدرن کي پختو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌ جي عوام دوست ليکڪن جي جيڪي گذريل آمريت دوران بليڪ لسٽ رهيا آهن، صلاحيتن مان فائدو وٺي زندگي سان ويجهو ڊراما ۽ فيچر ڏيکاريا وڃن.

● هن سال سڄي دنيا اندر پهرئين مئي مزدورن ۽ پورهيتن جو ڏهاڙو ملهايو ويو. اسان جي ملڪ ۾ يارهن سالن جي بدترين-آمريت جي خاتمي کانپوءِ پهريون ڀيرو وڏيڪ آزادي ۽ سرڪاري ڌر جي ڀرپور شرڪت سان اهو ڏهاڙو ملهايو ويو. مزدور ۽ پورهيت سماج جا متحرڪ ۽ سگهارا حصا آهن، تن جو اتحاد ۽ تنظيم ڪاري جيتري سگهاري هوندي، اوترو جمهوري قدر نوبنا ٿيندا. اها حقيقت اسان جي حڪمرانن جي اک ۾ ڪنڊو بڻجي چڀندي رهي آهي. انهيءَ ڪري انهن اهڙا قدم کنيا آهن، ته جيئن هي پورهيت ۽ مزدور نستا رهن. هينئر جڏهن ٻي پي عوام جي آڌار تي اقتدار ۾ آئي آهي تڏهن ان جي اها تاريخي ذميواري آهي، ته پنهنجي عوامي نعرن جو ڀرم رکي، پورهيتن کي منظم ۽ متحد ڪرڻ جون ڪوششون ڪري، ياد رکڻ گهرجي ته پي پي حڪومت خلاف جيڪي به سازشون سٽيون پيون وڃن، تن جو توڙ مزدور قوت ئي آهي.

● ٢١ مئي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي مرتئي جو ڏهاڙو آهي. هيءَ ڏهاڙو اسان کي اهو موقعو ٿو ڏئي ته نه رڳو ڪامريڊ جي ڪردار مان اتساهه ماڻيون، پر ساڳئي وقت حالتن ۾ جيڪا مقداري ۽ ڪيفيتي تبديلي آئي آهي، تنهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، پنهن جي سرگرميءَ جو رخ متعين ڪريون. اها هڪ افسوسناڪ حقيقت آهي ته ڪامريڊ جي ڪوشش سان قائم ڪيل هاري تحريڪ اڄ مختلف گروهن ۾ ورهائجي، ذري گهٽ ناڪاره ٿي چڪي آهي. ان وقت جنهن نموني جاگيرداري تي وار ڪيا ويا، اهي سرگرمي هينئر خوشگوار ياد بڻجي پئي آهي. هن وقت مرندڙ جاگيرداري تي جهن رٿا سان وار ڪرڻ جي ضرورت آهي، سا مختلف جماعتي پاليسين جي نتيجي ۾ رهجي وئي آهي. ڇا اسين اها اميد نٿا ڪري سگهون ته ڪامريڊ جي هيلوڪي ورسيءَ جي موقعي تي هاري تحريڪ کي مختلف پارٽين جي قيد مان آزاد ڪرائي ڪا صحت مند سرگرمي عمل ۾ آندي ويندي؟

● گذريل بدترين آمريت، پنهنجي اقتدار کي طول ڏيڻ لاءِ عوام کي سڄي ملڪ، خاص ڪري سنڌ اندر، مختلف مذهبي ۽ نسلي گروهن ۾ ورهائي، کين هڪٻئي سان ڇنڊا پٽ ۾ مشغول ڪيو. اهو قصو ١٩٨٣ع جي جمهوري جدوجهد (جنهن ۾ هتان جي عوام ملٽري جبر جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو) کان پوءِ وڌيڪ اينگهائيو ويو ته جيئن ان جدوجهد جي اثرات کي متاثي سگهجي. ان رٿا تي ايتري ته سرگرميءَ سان عمل ڪيو ويو، جو اڄ جمهوري حڪومت لاءِ هماليه جيڏو مسئلو بڻيل آهي. هڪ طرف هيءَ حڪومت پنهن جي ليکي ان جهيڙي جون پاڙون پٽڻ لاءِ ڪوششون پئي ڪري، ته ٻئي طرف نسل پرستي ۽ فرقي پرستي جي ڊونڊ تي پلجندڙ ضياڻي ڳجهون پنهن جي عوام دشمن مفادن جي آبياريءَ لاءِ ان نفاق مان نه رڳو فيضياب ٿي رهيون آهن پر ان کي تيز ڪرڻ جون سرتوڙ ڪوششون وٺي رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ هتان جي محب وطن پرست، سنڌ دوست ۽ عوام دوست ڌرين تي اهو تاريخي فرض ٿو عائد ٿئي ته اهڙيون حرڪتون نه ڪيون وڃن جن تي نالو ته سنڌ دوستيءَ جو رکيو وڃي پر اصل ۾ انهن حرڪتن سان فسادي قوت کي جواز ملي پوي، جيترو جلد ۽ جيتري پيماني تي هت امن قائم ٿيندو، انهيءَ نسبت ۾ عوام دشمنيون، موت سان ملاقاتي ٿينديون.

● پورن ٽيهن سالن کان پوءِ ڪميونسٽ روس جو سربراهه ميخائل گورباچوف، ڪميونسٽ چين جي دوري تي آسهيو آهي. يقينن انهي دوري جي نتيجي ۾ ٻنهي ڪميونسٽ ملڪن جي تعلقاتن ۾ قائم ماضي جون تلخيون گهٽبيون ۽ هي ملڪ وڌيڪ ويجهو ٿيندا. اها هڪڙي حقيقت آهي ته ٻنهي ملڪن جي ايهه سالا رقابت يا ڪشيدگي هن پوري خطي لاءِ سٺو سوڻ ثابت نه ٿي آهي. البت اها ڪشيدگي هند چيني، ايشيا- پيسفڪ ۽ ٻين خطن ۾ ڏولاون جو سبب بڻي آهي. رقابت جي ٻي جاءِ تي هي نئين رفاقت هن خطي توڙي پوري عالم تي خوشگوار اثر ڇڏيندي پوءِ. جيان اسين به ڪنهن سٺي خبر جي تانگهه ۾ آهيون. ●

پاڪستاني فوج جي جاسوسي اداري آءِ ايس آءِ تي آمريڪي مئگزين ٽائيم جي رپورٽ

صلاح قاضي

سنڌيڪار

(آمريڪي هفتيوار رسالي ”ٽائيم“ ۾ پاڪستاني فوج جي جاسوسي اداري بابت هڪ اهم رپورٽ شايع ٿي آهي. رپورٽ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ان جو ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون.) (اداره)

جڏهن محترمه بينظير ڀٽو وزير اعظم بڻي تڏهن کيس به شايد ان حقيقت جو علم نه هئو ته سندس حڪومت ڪيتري ڪمزور آهي. ضياءالحق، جنهن جي موت کي اڃان سادا ٽي مهينا ٿي گذريا هئا، جنهن جو فوجي ادارن تي اڃان به گهرو اثر هئو خاص ڪري فوج جي انٽيليجنس تي جنهن جو نالو آءِ ايس آءِ (انٽر سروسز انٽيليجنس) آهي، ضياءَ جي مري وڃڻ جي باوجود اڄ به سندس روحاني وارثن جو ٽولو اهائي ساڳي پراڻي راڳڻي ڳائڻ ۾ مصروف آهي. هي لفظ آهن اسلام آباد جي هڪ سفارتڪار جا.

محترمه بينظير ڀٽو جي اقتدار ۾ اچڻ کان چار مهينا پوءِ به پاڪستاني سوچي رهيا آهن ته ڇا هوءَ ملٽري انٽيليجنس جي روش کي قابو ڪري سگهندي. هن سوال جو ڪنهن وٽ به فوري جواب ڪونهي ڇو ته حڪومت جا ماڻهون ٿي ڇو نه هجن. بيشڪ هي جاسوسي ادارو پنهنجو اثر وڃائي چڪو آهي پر اهوئي ادارو سالن جا سال پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي دشمن سمجهندي ان جي خلاف برسر پيڪار رهيو آهي.

گذريل (نومبر) چونڊن ۾ هي ادارو اسلامي جمهوري اتحاد کي ٺاهڻ، هلائڻ، ڪامياب ڪرائڻ ۽ پيپلز پارٽيءَ کي ناڪام ڪرڻ ۾ مصروف رهيو. ان ڪم ۾ ته ناڪام ٿيو پر هاڻي به هي ادارو ملڪ اندر سياسي مخالفن جي نگراني ڪري ٿو، حزب اخلاف کي پاليسي ڏئي ٿو. افغانستان جي باري ۾ ادارو جارحانه پاليسي تي عمل ڪري رهيو آهي جيڪو بينظير جي خواهش جي خلاف آهي. مرڪزي ڪابينه جي هڪ وزير جي چوڻ مطابق ته هي ادارو خود هڪ حڪومت آهي جنهن تي ڪنهن جو به ڪنٽرول ڪونهي.

تنهن هوندي به وزيراعظم پيش قدمي ڪئي آهي. جنوريءَ ۾ ڪنهن حد تائين هن اداري جي ڪاروائين تي اثر انداز ٿيڻ لاءِ قدم کنيا آهن. هن اداري جو سربراهه هاڻي ليفٽيننٽ جنرل گل حميد آهي. جنهن جي عمر ٥٢ سال آهي جنهن کي ضياءَ خود ١٩٦٧ ۾ ان عهدي لاءِ چونڊيو هو. وزير اعظم هڪ چار رڪني ڪاميٽي ريٽائرڊ ايئر مارشل ذوالفقارعلي خان جي سربراهيءَ ۾ جوڙي آهي جيڪا مارچ جي آخر تائين جاسوسيءَ جي هن اداري جي نئين سر جوڙجڪ بابت سفارشون ڪندي. وزير اعظم جا ڪجهه ساٿي سندس ڪنيل هن قدم تي پريشان آهن ته جوابي ڪاروائي نه ٿئي ڇاڪاڻ ته هي هڪ انتهائي دليرانه قدم هو. ذوالفقار ڪاميٽيءَ جي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ جنرل گل حميد ٻڌايو ته هو پنهنجي اداري جي ملڪ اندر سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ شاخ بند ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هڪ مهينو پوءِ ملڪ اندر سياسي سرگرمين جي انچارج برگيڊيئر امتياز کي واپس فوجي خدمتن لاءِ ڊيوٽيءَ تي موڪليو ويو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪجهه ماڻهن جي چوڻ موجب ته هي ڪجهه خوفناڪ آفيسرن مان هڪ هئو. هڪ آفيسر جو چوڻ آهي ته ماضيءَ ۾ هي ادارو ضياءَ کان سڌيون هدايتون وٺندو هو، پر هاڻي هن تبديليءَ تي هو مطمئن آهي ته اهو صرف فوجي مقصدن لاءِ جاسوسي ڪري ۽ هن ملڪ جي سياسي شعبي جي ذميواري حڪومت کڻي.

اهي ماڻهون جيڪي هن محڪمي جي تاريخ کان واقف آهن اهي شڪ جو اظهار ڪري رهيا آهن ته ١٩٤٨ع ۾ ٺهڻ کان پوءِ هر حڪمران هن اداري کي پنهنجن سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو آهي، ١٩٧٤ع ۾ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي هن اداري جي ملڪ اندر سياسي معاملن ۾ مداخلت کي قانوني تحفظ ڏنو. ضياءَ ١٩٧٧ع ۾ بغاوت ذريعي حڪومت تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن سياسي مخالفن خلاف هن اداري کي استعمال ڪيو جنهن ۾ پ پ پ جا سرگرم ڪارڪن هن جو نشانو ٿيا. ضياءَ هن اداري کي افغانستان ۽ سوويت يونين خلاف مجاهدن کي هٿيار پهچائڻ لاءِ استعمال ڪيو، هنن اختيارن هيٺ هن اداري اربين ڊالرن جا هٿيار مجاهدن جي حوالي ڪيا جيڪي آمريڪا ۽ سعودي عرب کان مليا هئا ۽ اڄ به هي

ادارو ساڳيو ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي. ضياءَ جي موت تائين مقامي توڙي مغربي ماهر انهيءَ ڳالهه تي متفق هئا تہ ٽئين دنيا جو هي سڀ کان وڏو جاسوسي ادارو آهي، جيڪا پاڪستانين لاءِ تشويش جوڳي ڳالهه هئي چاڪاڻ تہ سندن حد کان وڌيڪ جاسوسي ۽ چوڪسي ڪئي وڃي ٿي، هزارين ماڻهون ملڪ اندر اداري جا ايجنٽ طور ڀرتي ڪيل آهن. پاڪستان جو هر ٻيون صحافي ۽ اخباري خاطو هن اداري جو ملازم آهي، هن جي تصديق لاهور جي هڪ ايڊيٽر بہ ڪئي آهي. هڪ اخباري نمائندو جيڪو هن اداري جو پگهاردار ناهي تنهن ٻڌايو تہ هن هڪ ميڙ ۾ محترمہ بينظير ڀٽو سان نومبر جي اليڪشن کان اڳ گهڻن دوستن سان گڏ هڪ هوٽل ۾ مليو ۽ ڪيس خاموشيءَ سان هڪ مشورو ڏنو پر ڪجهہ ڏي ڪلاڪن بعد هن اداري جي ايجنٽن هن سان رابطو ڪيو. ڪين ان مشوري جو پورو علم هو ۽ اهي سنگين نتيجن متعلق ڌمڪائي رهيا هئا.

اهي ماڻهون جيڪي گل حميد کي چڱيءَ ريت سڃاڻن ۽ جن کي هن اداري جي ٻين اهم ماڻهن متعلق علم آهي انهن جو چوڻ آهي تہ جاسوسيءَ جي هن اداري جا ماڻهون پنهنجي ذهن ۾ هڪ ڳالهہ ويهاري چڪا آهن تہ بي نظير ڀٽو پاڪستان جي مفادن جو سودو ڀارت سان ڪري ڇڏيندي، انهيءَ جو بنياد سندن ذهن ۾ ڀٽو خاندان جي ڀارت سان لاڳاپن جي مفروضي تي آهي. هن اداري ٣٤ سالہ مرتضيٰ ڀٽي جي ڪيتري عرصي تائين چوڪسي ڪئي آهي. جيڪو لبيا يا شام ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي ۽ جنهن ضياءَ دشمن دهشت گرد تنظيم الذوالفقار جي سربراهي ڪئي آهي. آءِ ايس آءِ جي اداري جو چوڻ آهي تہ هي ڪاروايون هن ڀارت جي جاسوس اداري سان ملي ڪيون آهن. بي نظير ڀٽو اقتدار ۾ اچڻ کان ڪجهہ عرصو پوءِ جڏهن پنهنجي ڀاءُ جو فائيل گهريو تہ ان تي هن اداري اهو چئي ڇڏيو تہ اهو گم ٿي ويو آهي.

ضياءَ جي موت کان پوءِ هن اداري ۽ فوج اليڪشن ڪرائڻ جي حمايت ڪئي. جنرل مرزا اسلم بيگ ۽ فوج جي ڪجهہ ٻين اعليٰ آفيسرن جو خيال هو تہ فوج کي سياست کان الڳ ٿيڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ في الحال. انهيءَ جي ابتڙ هن جاسوس اداري ضياءَ جي دوست سياستدانن کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ چيو ۽ اسلامي جمهوري اتحاد ٺهرائي تہ جيئن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مخالف سيني ٽرين کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري سگهجي. ڪجهہ سياستدانن چيو تہ هو هن وقت تيار نہ آهن تڏهن برگيڊيئر امتياز تنبيهہ ڪئي تہ صرف جماعت اسلاميءَ سان اتحاد ڪري ئي بي نظير کي اقتدار کان پري رکي سگهجي ٿو.

> هزارين ماڻهو ملڪ جي اندر ۽ ٻاهر آءِ جا ايجنٽ طور ڀرتي ڪيل آهن. پاڪستان جو هر ٻيو صحافي ۽ اخباري هن اداري جا ملازم آهن.

هن اداري جا اعليٰ عملدار اليڪشن ۾ پنهنجي گهٽي مداخلت کان انڪار ڪن ٿا، پر اسلامي جمهوري اتحاد جا بيشمار سياستدان ان ڳالهہ جي تصديق ڪري چڪا آهن تہ هن اداري آءِ جي آءِ کي تجزين، مشورن ۽ تمام ڪريل حربن استعمال ڪرڻ ۾ بہ مدد ڪئي آهي. هن اداري جي ايجنٽن هڪ ڪم اهو بہ ڪيو جو هڪ غلط خبر تيار ڪرائي اخبارن ۾ شايع ڪرائي ڇڏي، هن خبر ۾ چيو ويو تہ محترمہ بي نظير ڀٽو سرگوڌا ۾ تقرير ڪندي چيو تہ اسان هڪ پنجابيءَ کي ڪيئن ٿا وزير اعظم مڃي سگهون. حزب اختلاف جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ برگيڊيئر امتياز چونڊن دوران گهڻو وقت لاهور ۾ گذاريو ۽ آءِ جي آءِ جي مدد ڪئي. هاڻي جڏهن هن کي واپس فوج ڏانهن موڪليو ويو آهي، پوءِ بہ هن اداري جا ماڻهو اسلامي اتحاد جي اجلاسن ۾ باقاعده شريڪ ٿين ٿا.

نواز شريف جي هڪ صلاحڪار مطابق تہ هو آءِ ايس آءِ تي الزام نہ ٿا ڏين، چاڪاڻ تہ ان چواڻي اهو سڀ ڪجهہ ڪندي آءِ ايس آءِ پنهنجن اصولن تي عمل ڪري رهي آهي.

في الحال بي نظير ڀٽو جو سڀ کان وڏو تضاد، جيڪو گل حميد سان آهي، اهو افغان مسئلي تي آهي. ضياءَ وانگر گل حميد بہ بنياد پرست مجاهد گروپن جي حمايت ڪري ٿو، جڏهن تہ بينظير ڀٽو جي نظر ۾ اها هڪ غلطي آهي. جڏهن تہ آءِ. ايس. آءِ ان کان انڪار ڪري رهي آهي. پر گذريل مهيني افغان شوريٰ جي ٺاهڻ جي موقعي تي هن اداري بنياد پرست جلاوطن حڪومت ٺهرائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ لاءِ وڏيون رشوتون بہ ڏنيون ويون. گل حميد جي هن

بقايا ص ٢٠ تي

حڪمران ٽولي جي داخلي ڇڪتاڻ ۽ ان جا سنڌ تي اثر

منصور ڪاهوڙي

ملڪ ۾ عام چونڊن جي نتيجي ۾ جمهوري حڪومت جي بحال ٿيڻ کانپوءِ علائقي جي صورتحال ۾ مثبت تبديلين ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿيا هئا. جمهوري حڪومت سک انتها پسندن جي مدد بند ڪري هڪ ته انڊيا جي اندروني معاملن ۾ مداخلت بند ڪئي. ٻيو ته انڊيا سان تعلقات بهتر ڪرڻ لاءِ ڪافي پيشرفت ڪئي. ان سان سکن جي مسلح ڪاروائين کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ انڊيا جي حڪومت کي آساني پيدا ٿي. ٻئي پاسي ملڪ جي مغربي سرحد تي افغانستان ۾ به ساڳي اميد رکي پئي وئي. پر سول حڪومت چاهيندي به افغان پاليسيءَ ۾ ڪا تبديلي آڻي نه سگهي آهي. حالانڪ افغانستان ۾ پاڪستان جي مداخلت ۽ هٿيار بند ڪاروائين جي نتيجي ۾ ملڪ جي غير جمهوري قوتن کي فائدو ۽ جمهوري حڪومت لاءِ مشڪلاتون پيدا ٿي رهيون آهن. معاشي پاليسيءَ جي حوالي سان آءِ ايم ايف ۽ عالمي بينڪ جي پراڻين پاليسين کي به تبديل نه ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته گذريل يارنهن سالن ۾ ملڪ جي جيڪا ڦرلٽ ڪئي وئي آهي ان کي اهي ٻئي ادارا تبديل ڪرڻ نٿا گهرن.

ملڪ اندر جمهوري قدر پيدا ڪرڻ ۽ معاشري کي جمهوري انداز سان هلائڻ لاءِ البت سول حڪومت ڪافي اطمينان جوڳا قدم کنيا آهن. ان سان ملڪ جي عوام کي آزاد فضا ۾ ساهه کڻڻ جو موقعو مليو آهي. جمهوريت مخالف قوتن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ به سول حڪومت ڪافي بهتر قدم کنيا آهن. ان سان سول حڪومت قائم ٿيڻ وقت جيڪي خدشا ظاهر پئي ڪيا ويا ته سول حڪومت کي اقتدار ۾ جيڪو حصو مليو آهي ان توازن کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ۾ سول حڪومت فيل نه ٿي وڃي، انهن خدشن کي به ڪافي حد تائين گهٽايو ويو آهي ۽ جمهوريت مخالف قوتن کي سياسي ميدان ۾ مسلسل شڪست طرف ڌڪيو پئي ويو پر جمهوري آزادين ۽ پريس جي آزاديءَ سبب جمهوريت دشمن قوتن جي ميڊيا ۾ مضبوط پاڙن ڪري جمهوري حڪومت خلاف جمهوريت مخالف قوتن جي پروپيگنڊا ۽ پبلسٽي وڌيڪ تيز ٿي وئي آهي. جمهوري آزادين سان هڪ طرف عوام انڪريچ ٿي رهيو آهي ۽ ملڪ جي عوام ۽ خاص طور مظلوم قومن ۾ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوري آزادين جو فائدو وٺندي جمهوريت مخالف، رجعت پسند، جاگيردارن ۽ فوجي ٽولي جون ايجنٽ قوتون به اڪٽي نڪري آيون آهن. انهن کي اڄ وري مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي شرم محسوس نه پيو ٿئي.

ملڪ ۾ جمهوريت جو مستقبل ڇا رهندو. ان باري ۾ وري سوال پيدا ٿيڻ لڳا آهن. اچو ته ڪجهه ان صورتحال جو جائزو وٺون.

جمهوري حڪومت بحال ٿيڻ کانپوءِ فوج جي سياسي اداري آءِ ايس. آءِ (انٽر سروسز انٽيليجنس) ۽ نئين حڪومت وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ لازمي ڳالهه هئي. ڇاڪاڻ ته ان اداري گذريل يارنهن سالن ۾ عوام جي جمهوري امنگن کي ڪچلڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. آءِ ايس آءِ جي مضبوط ۽ پراڻي پوزيشن ۾ بحالي معنيٰ جمهوري حڪومت جي ناڪامي. انڪري جهڙيءَ ريت آءِ ايس آءِ طرفان ٺهرايل رجعتي اتحاد آءِ جي آءِ ٿي جمهوري حڪومت جي سربراهه سياسي حملا ڪري ان کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن ٿي جمهوريت دشمن فوجي ٽولي جي سياسي اداري آءِ ايس آءِ جي جوڙجڪ کي به تبديل ڪرڻ لاءِ انتظامي قدمن کڻڻ جي شروعات ڪئي وئي.

هڪ طرف انهن آفيسرن جن جي اڳواڻيءَ ۾ هن اداري جا سياسي سيل ڪم ڪندا هئا انهن کي ريگيولر آرميءَ ۾ موڪليو ويو ته ٻئي طرف ڪميٽي جوڙي وئي جيڪا سفارشون تيار ڪري ته آءِ ايس آءِ جي ڪيئن نئين سر جوڙجڪ ڪئي وڃي. ٻيو ته افغان عبوري حڪومت ٺاهڻ لاءِ پاڪستان

جي دفاعي بجيٽ مان فنڊز استعمال ڪرڻ کي به روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهي انتهائي دليريءَ وارا قدم هيا.

جمهوري حڪومت جي سربراهه محترمه بي نظير ڀٽو ٻنهي محاذن يعني رجعتي اتحاد آءِ جي آءِ ۽ آءِ ايس آءِ تي جوانمرديءَ سان نه صرف حملا ڪري ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ملڪ جي عوام کي به همٿ ڏيارڻ جي ڪوششن جي ابتدا ڪئي. انهن قدمن ڪري ٻئي قوتون جمهوري حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ وڌيڪ متحرڪ ٿي ويون آهن. سنڌ ۾ تازا فساد به انهن جو ئي ڪرشمو آهن. ان سان فوج جي ان ٽولي، جيڪو سياست کان پري رهڻ نٿو گهري ۽ فوج جي سول معاملن ۾ مداخلت جو حامي آهي، ان اها ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ته خود سول حڪومت مجبور ٿي آهي ته پاڻ فوج کي سول معاملن ۾ ملوث ڪري. ٻئي طرف آءِ جي آءِ سنڌ جي سيني غير جمهوري سوچ رکندڙ قوتن کي متحرڪ ٿيڻ ۾ مالي ۽ سياسي مدد فراهم ڪئي آهي.

سنڌ جون انتها پسند قوم پرست نسل پرست ڌريون تمام گهڻيون سرگرم ٿي ويون آهن. آءِ جي آءِ تي تنقيد ڪرڻ ان ۾ شامل ڌرين جي طرفان گذريل ٻارهن سالن ۾ عوام دشمن حرڪتن کي تنقيد جو نشانو بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا جمهوري حڪومت جي استحڪام لاءِ ڪوششون وٺڻ ته نهيو، پر سموري تنقيد ۽ مخالفت صرف جمهوري حڪومت جي ٿي آهي. اهو پهو ظاهر ڪيو وڃي ته ڇڻ گذريل ٻارهن سالن ۾ سنڌ کي سڀ حق ملي ويا هئا ۽ هالي جمهوري حڪومت اهي کسي رهي آهي. صلاح مصلحت ڪانفرنس هجي يا دهشت گردي بند ڪريو ڪانفرنس، سنڌ قومي اتحاد جي رهبر ڪاميٽي جي ميٽنگ هجي يا جلسو جلوس هڪ به اهڙي قرارداد پاس نه ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ جمهوري تبديليءَ جي ساراهه ڪيل هجي يا مارشل لا ئي قوتن جي مذمت هجي.

ابتر ڪيو ايم جنهن جي جمهوري نيچر نه رهي ئي نه آهي پ پ سان سياسي اتحاد ۾ هئڻ جي باوجود بليڪ ميل ڪرڻ جي

> جي ايڇ ڪيو جا ايجنٽ پيهر مارشل لا لاڳو ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

ڪوشش جاري رکيون اچي. انهن سيني ڌرين طرفان ٿيندڙ سڀ سرگرميون سنڌ ۾ ٽڪراءَ واري صورتحال پيدا ڪري رهيون آهن. ان ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي حقن حاصل ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿيل جمهوري رستا بند ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي رهيا آهن. مارشل لا ئي قوتون جن جو اثر گهٽجي رهيو هو، اهي وري تيز ٿي ويون آهن ۽ جي ايڇ ڪيو جا ايجنٽ پيهر مارشل لا لاڳو ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، ان سان سڀ کان وڌيڪ سنڌ جو نقصان ٿي رهيو آهي.

سنڌ ۾ ان ٽڪراءَ جي صورت حال سان غير جمهوري قوتن کي پيهر اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿي رهيو آهي. پر سنڌ جي جاگرافيائي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي صورت حال پڻ پيدا ٿي رهي آهي. سنڌ جي نسلي فسادن جي نتيجي ۾ اندرون سنڌ جي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ڏانهن ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد مان اندرون سنڌ ڏانهن جيڪا آباديءَ جي لڏ پلاڻ ٿي رهي آهي، ان جا تمام خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته اردو آباديءَ جي هڪ هنڌ منتقل ٿيڻ سان ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ لاءِ ماحول تيار ٿي ملي رهيو آهي. ۽ ان سان کين متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ ۾ آمريڪا کي وڌيڪ آساني ٿي ويندي. جنهن لاءِ ملڪ جون ترقي پسند ڌريون اول ئي دانهون ڪنديون پئي آيون. پر اڄ هر باشعور ماڻهو محسوس ڪري رهيو آهي، ته ايم ڪيو ايم بنيادي طور ٺهرايو ئي ان مقصد لاءِ ويو آهي ته جيئن ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته آمريڪا کي ڪراچيءَ جو سمنڊ، ڪراچيءَ جي مارڪيٽ جو فري پورٽ هئڻ ۽ سندن فوجين جي عياشيءَ لاءِ ان جي سخت ضرورت آهي.

●

ان مقصد لاءِ مهاجر دلال سرمائيدار وڏي پيماني تي رقم به فراهم ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن ڪوئي ٿوري به سياسي سمجهه رکندڙ ماڻهو اها ڳالهه محسوس ڪري رهيو آهي ته ڇا انهن نام نهاد سنڌ جي سڄڻن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. جن ماڻهن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي انهن کي فسادن واري صورتحال پيدا ڪرڻ ۽ مارشل لائي قوتن جي مدد بند ڪرڻ گهرجي.

انهن مسئلن جي شدت ختم ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته ملڪ ۾ جمهوريت کي استحڪام ملي. جنهن جي نتيجي ۾ عوام جا مسئلا حل ٿيندا، مظلوم قومن جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ ماحول تيار ٿيندو.

متي ذڪر ڪيل صورتحال ۾ اسانکي هڪ ڳالهه چٽي نظر اچي رهي آهي ته ملڪ جون جمهوريت مخالف، رجعت پسند قوتون ۽ جمهوريت مخالف فوجي ٽولو ته سڄي ملڪ جي عوام دشمن قوتن کي جمهوري حڪومت جي مخالفت ۾ سرگرم ڪري ويو آهي ۽ اڻ سڌيءَ طرح هڪ اشتراڪ عمل به پيدا ڪري ورتو آهي، پر محترمه بي نظير پنهنجي فطري اتحادي قوتن کي پاڻ سان جوڙڻ جي ڪا ڪوشش نه پئي ڪري، محترمه کي گهرجي ته اهڙين سيني قوتن جن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي مشڪل حالتن ۾ مدد ڪئي هئي ۽ اڄ به ڪيس اقتدار تائين پهچائڻ ۾ مدد فراهم ڪئي آهي، کي پاڻ سان اتحادي بنائڻ گهرجي. چاڪاڻ ته بيهر غلطيءَ جي گنجائش نه آهي. کاٻي ڌر جون جيڪي قوتون اعلانيه چئي رهيون آهن ته ملڪ ۾ جمهوريت جي مڪمل بحاليءَ لاءِ جيڪڏهن بي نظير کي اسانجي پٺن تي لٺيون وسائيون پون ته به اسان سهڻ لاءِ تيار آهيون چاڪاڻ ته جمهوريت پٺ کان وڌيڪ اسانجي ضرورت آهي. انهن سان پٺ کي ظاهر ظهور نه ته به اندروني ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ گهرجي. ملڪ جي مزدورن، هارين، شاگردن ۽ کاٻي ڌر جي اڪثريت سائس ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. بي نظير صاحبه ٻين ته ٺهيو پر جنهن عوام کيس ووٽ ڏئي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهاريو آهي ان کي ته فوري طور اقتدار جي ان اندروني ڇڪتاڻ ۾ پنهنجي طرف متحرڪ ڪرڻ گهرجي. آئين جي اٺين ترميم جو ختم ڪرڻ، افغانستان ۾ مداخلت بند ڪرڻ، انڊيا سان تعلقات بهتر ڪري فوجي بجيٽ کي گهٽائڻ لاءِ ماحول تيار ڪرڻ واسطي انهن قوتن سان اشتراڪ عمل اڄ جي ضرورت آهي.

ملڪ جي کاٻي ڌر تي به ان سلسلي ۾ ڪي لازمي ذميواريون عائد ٿين ٿيون. انهن کي حڪمران ڌر جي اندروني ڇڪتاڻ ۾ جمهوري حصي جي زباني مدد ڪرڻ بجاءِ عملي جدوجهد ڪرڻ گهرجي. نسلي فسادن کي روڪڻ لاءِ رڳو فسادي قوتن جي مذمت ڪرڻ بجاءِ خاص طور سنڌ جي عوام ۾ ڀائيچاري جو ماحول پيدا ڪرڻ ۽ جمهوري ماحول کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ گهرجن. کاٻي ڌر جي قوتن کي به پنهنجي نئين سر صف بندي ڪرڻ گهرجي. اهڙا اتحاد جن وسيلي جمهوريت لاءِ خطرا پيدا ڪيا پيا وڃن ۽ فاشزم کي بيهر رائج ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن، انهن اتحادن کان فوري طور پاڻ کي الڳ ڪرڻ گهرجي. حالتون تيزيءَ سان ان طرف وڌي رهيون آهن. جن ۾ جمهوريت مخالف قوتن ۽ جمهوري قوتن کي واضح طور مدمقابل ٿي بيهڻو پوندو. جيڪڏهن کاٻي ڌر جي قوتن پنهنجو فرض پورو نه ڪيو نه صرف تاريخي فرض ۾ ڪوتاهيءَ ڪرڻ جو مسئلو نه رهندو پر مستقبل ۾ تمام گهڻو ڪجهه ڀوڳڻو پوندو.

ٻيو خاص مسئلو جنهن طرف کاٻي ڌر جي پارٽين کي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي اهو هي آهي ته آمريڪا ۽ جمهوريت مخالف فوجي ٽولو ايترو ته مضبوط آهي جو اک ڇنڀ ۾ حالتون پنهنجي مفاد ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو ته انهن طرفان کاٻي ڌر جي تنظيمن ۾ به اهڙا ماڻهو موجود هوندا جيڪي انهن تنظيمن کي مضبوط ٿيڻ ۽ سياسي عمل ۾ رڪاوٽون پيدا ڪندا هوندا. ان جو مثال هي آهي ته کاٻي ڌر جون مختلف پارٽيون گذريل ڪافي عرصي کان ڪابه سياسي سرگرمي نه ڪري سگهيون آهن صرف پنهنجي اندروني تنظيمي بحرانن جو شڪار آهن. روزانو ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آهن. ڪين انهن کان به پاڻ کي صاف ڪرڻو پوندو

ان ڳالهه جي به ضرورت آهي ته نين حالتن ۽ عالمي طور ٿيندڙ نظرياتي تبديلين جي مثبت ۽ منفي پهلوئن ۽ پنهنجي مخصوص حالتن ۾ انهن جي عملي شڪل لاءِ ڪارڪنن کي تعليم ڏني وڃي، ته جيئن سندن ڪارڪن مخالف ڪئمپ مان اٿندڙ پروپئگنڊا جي طوفان ۾ لڙهي نه وڃن. ملڪ ۾ ڪلاسيڪل مارڪسزم جو مواد ته چڱو خاصو موجود آهي، پر نئين فنا منا متعلق مواد تخليق ڪيو وڃي.

محترم ايڊيٽر: عرض ته توهان جي ١٣ شماري ۾ منهنجي سنڌ ۾ آبادڪاريءَ جا اثرات واري مضمون ۾ هڪ اهم غلطي ڪئي وئي آهي. جيڪا هن مضمون جي آخر ۾ نوٽ هئي درستي ڪئي وڃي. ص ٨ تي هڪ نقطي ۾ لکيل آهي ته سنڌ ۾ وڌيڪ ڪارخانا لڳائڻ بند ڪيا وڃن. اهو اصل ۾ هيئن آهي:

”ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ ڪارخانه لڳائڻ بند ڪيا وڃن ۽ اندروني سنڌ، پنجاب ......

(منصور ڪاهوڙي)

جمهوريت ۽ ثقافت

جمهوريت ڪو محدود تصور ڪونهي، جنهنجو مقصد چڙو چوندون هجن يا انهن چوندن جي نتيجي ۾ قائم ٿيندڙ ڪا سرڪار هجي. اهو هڪ وسيع تصور آهي ۽ انساني رهڻ جي هر پهلوءَ تي ڇانيل آهي ڪنهن به سماج ۾ جمهوريت ان وقت تائين قلجي ۽ اسري نٿي سگهي جيستائين اها سماج جي اجتماعي نفسيات جو حصو نٿي بڻجي وڃي. ان جو مطلب اهو آهي ته رڳو ٿورڙائي يا اقليت، گهڻائي يا اڪثريت جي فيصلن جي تابع رهي، پر مڙني کي راءِ جي اظهار جو حق ڏنو وڃي ۽ ان حق جو بلڪل اهڙيءَ طرح بچاءُ ڪيو وڃي، جهڙي طرح پنهنجي حق جو تحفظ ۽ دفاع ڪيو ويندو آهي. اهڙي نموني هيءُ معاشرو هڪ اهڙو گلدستو بڻجي ويندو آهي، جنهن ۾ مختلف رايا مختلف گلن جيان پنهنجي سگند وسيلي سموري سماج کي هبڪاري ڇڏيندا آهن.

انهن قدرن جي واڌ ويجهه ۽ اوسر خاص ڪري اسان جهڙي سماج ۾ تمام ضروري آهي. ان جا ڪي ڪارڻ هيٺين ريت آهن:

۱- تمام وڏي عرصي کان اسين آپيشاهي واري سرشتي جي پنجوڙ ۾ جڪڙيل رهيا آهيون، ان ڪري اسان جي عوام جي لڪل جمهوري قدرن کي اسرڻ ۽ وڌڻ جا موقعا گهٽو ڪري ورلي مليا آهن. ان آپيشاهيءَ واري سرشتي سبب اسان جي عام ماڻهن کي هڪٻئي سان ملڻ، ڪچهريون ڪرڻ ۽ هڪٻئي کي سمجهڻ جا موقعا بنهه گهٽ ملي سگهيا آهن، جيڪي جمهوري عمل جي واڌاري جي سلسلي ۾ تمام ضروري هوندا آهن. نتيجي طور فاصلا وڌي ويا آهن ۽ سماج وڌ کان وڌ ٽوڙ ڦوڙ واري عمل جو شڪار ٿي انتشار ۽ ڇڙواڳيءَ ڏانهن گهيلجندو ٿو وڃي. ان عمل جي نتيجي ۾ اسين شايد پاڻ ۾ ڪنهن احساس کي محسوس ئي نٿا ڪريون ۽ نه رڳو اهو ته هڪٻئي کي شڪ سان ڏسون ٿا، پر ڳالهه ٻولهه لاءِ به اسان رڳو هٿيارن جي ٻولي ڪتب آندي آهي.

۳- سست صنعتي اوسر سبب پيداوار جا جاگيرداراڻا رشتا مڪمل طرح ختم نه ٿي سگهيا آهن. ان ڪري هڪ ته اسان محدود پٽي جو شڪار ٿي ويا آهيون، ٻيو انهن قدرن کي پوريءَ ريت ورتائي نه سگهيا آهيون، جيڪي جمهوري معاشرن جي سڃاڻ هوندا آهن ۽ ايئن اسان جي سوچ وڇڙيل دؤر واري سوچ جو نمونو اختيار ڪري ويئي آهي. عقل ۽ دليل کي محدود سڏيندي يا انهن کي غير اهم سمجهندي رد ڪيو وڃي ٿو. مختلف مسئلن ڏانهن نهايت انتهاپسند لاڙا نه رڳو اختيار ڪيا وڃن ٿا، پر ٻين ماڻهن مٿان انهن کي زوريءَ مڙهيو وڃي ٿو ۽ کين مجبور ڪيو ٿو وڃي ته هو سندن راين کي هرو ڀرو جيئن جو تيئن قبول ڪن ۽ مڃين.

۴- انهن سمورين ڳالهين کي برقرار رکڻ خاطر عام ماڻهن کي تعليم ۽ علم کان ماڳهين محروم ڪيو ويو آهي. ائين ڪرڻ ان ڪري به ضروري آهي جو اعليٰ تعليم جارج برنارڊشا جي چواڻيءَ موجب، ظلم، جبر ۽ مراعات يافته طبقي لاءِ هاڃيڪار هوندي آهي ناٿي واڌ سرشتي ۽ مذهبي مهندارن جي اختيار جو ڪامل مدار عام ماڻهن جي اڻ ڄاڻائي تي هوندو آهي. مراعات يافته طبقن ۽ رڙنشي باز فاتح پنهنجي شاهاڻي ٻوڇا ۽ هيرو ورشپ لاءِ ان ڳالهه کي ضروري سمجهن ٿا ته عوام کي اڻ ڄاڻ ۽ جاهل رکيو وڃي.

ان سموري صورتحال جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن اسين پنهنجي چوڌير ڏسون ٿا ته پتو پوي ٿو ته اتاهه اڪثريت کي رٿيل سازش ذريعي پنهنجي اوسي پاسي کان اڻ ڄاڻ ۽ لاتعلق بڻائي جانورن جيان زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. پاڪستان ۾ وڏي مشڪل سان ڏهه سيڪڙو اهڙا ماڻهو هوندا جن کي اسين بين الاقوامي معيار مطابق تعليميافته چئي سگهون ٿا.

د- حاڪم ترين عوام کي ثقافت جي اصل مفهوم ۽ معنيٰ

ڪان اڻ واقف رکيو آهي. هن ثقافت کي غير متحرڪ هڪ هنڌ بيٺل ۽ بي جان مظهر ٻڌائي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ٿورڙي به تبديلي جڙ ان کي بگاڙڻ جو ڪارڻ بنجي ويندي.! تنهن ڪري معاشي ترقي، ان جي نتيجي ۾ وجود ۾ ايندڙ طبقن ۽ نئين ثقافت کي حاڪم ڌرين (Economic growth & culturel liquedation جا مدي خارج نعرا ڏيئي مڪمل طرح رد ڪيو ڇڏين. اها سوچ دراصل ان ڳالهه کي ٻئي نموني پيش ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي، جنهن ۾ اها پروپئگنڊا ڪئي وڃي ٿي ته جمهوريت ۽ سوشلزم وغيره غير ملڪي نظريا آهن ۽ انهن جو اسان جي تهذيب ۽ ثقافت سان ڪنهن به قسم جو تعلق ناهي.

ساڳي نعري جي اوٽ ۾ حڪمران طبقا وس پڄندي تمام گهڻي ڪوشش ڪندا آهن ته ملڪ جي مختلف ٻولين جا ترقي پسند ثقافتي ڪارڪن پاڻ ۾ ميل ميلاپ نه ڪن. ان ڏس ۾ هن قومپرستي جي روپ ۾ مختلف قسم جا جواز پيش ڪيا آهن، پر جيڪڏهن ڪجهه ويچار ڪيو وڃي ته اها ڳالهه پڌري پٽ تي نروار ٿيندي ته حاڪم ڌرين جي ثقافت جا محافظ پنهنجي طبقي جي ماڻهن سان ملڻ ۾ ڪنهن به قسم جو عار يا عيب ڪو نه پائيندا آهن، پوءِ ڀلي سندن طبقي جي ماڻهن جو تعلق ڪنهن به زبان سان هجي. سندن پاران ڪوشش اها ڪئي ويندي آهي ته محدوديت پسنديءَ جيڪا جمهوريت جو ضد هوندي آهي، کي وڌايو وڃي ۽ پنهنجي حاڪماڻي اقتدار کي وڏي چمار ڏياري وڃي.

اسان وٽ انفرادي ۽ گروهي اقتدار جا اڻٽا مرڪز موجود آهن جن جي سڃاڻ ڪرائيندي "فرينڪلن روزويلٽ" چيو هو ته: "جمهوريت جي آزادي ان وقت محفوظ نه رهندي جڏهن ماڻهو ذاتي، انفرادي اقتدار جي واڌ کي ايتري حد تائين برداشت ڪرڻ لڳن. جنهن حد ڪان اهو ذاتي اقتدار جمهوري رياست کان به وڌيڪ ٻلواڻ ۽ طاقتور ٿيڃي وڃي. اهو ذاتي اقتدار پنهنجي جوهر ۾ فاشزم هوندو آهي، جنهن ۾ حڪومت ڪنهن اڪيلي فرد گروهه وغيره جي ذاتي قبضي هيٺ اچي وڃي."

اهڙي صورتحال ۾ ثقافتي ڪارڪنن جون ذميواريون ڪيئي ڀيرا وڌي وينديون آهن، پوءِ توڙي اهي ادب سان لاڳاپيل هجن يا سندن واسطو فلم ۽ ٿيئٽر جي دنيا سان هجي. اسان وٽ ادب جي اثر جو دائرو محدود آهي، انڪري "Performing Arts" تمام گهڻو اثرائتا ثابت ٿي سگهن ٿا. انهن ذريعن جي مدد سان هڪ ته انهن تخليقي صلاحيتن جي ڳولا ڪرڻي پوندي، جيڪي عام ماڻهن ۾ موجود هونديون آهن، پر ڪين منظر عام تي اچڻ جا موقعا ميسر ڪونهن. ٻين لفظن ۾ باعمل ثقافتي ڪارڪنن کي انهيءَ کيتر ۾ کوجنا ڪندڙن جو ڪردار نڀائڻو پوندو. ٻيو ته انهن صلاحيتن کي گڏ ڪري ۽ انهن جي گڏيل سهڪار وسيلي اهڙي ڪلچر جي اوساري ڪرڻي پوندي، جيڪو سماج جو ضمير ٻڻجي وڃي ۽ هر روشني داز آمريت پسند جي هٿانءَ ۾ وڏ ۽ ڇهر وجهي ۽ ان جي دل ۾ هر وقت چوڪ ڏيندو رهي. ٿورڙن لفظن ۾ ان ڪلچر جو مقصد اسان جي معاشري ۾ تقسيم در تقسيم جي عمل کي ٻنجو ڏيڻ ۽ ٻڌيءَ کي سگهارو ٻڻائڻ انتها پسندي ۽ Absolu ism جي قوتن جي خلاف مزاحمت ڪرڻ ۽ هن ڌرتيءَ تي موجود سدا حيات زندگيءَ جو هڪ خوبصورت تصور پيش ڪرڻ آهي.

هتي ان ڳالهه کي واضح ڪرڻ ضروري آهي ته هي ڪو سادو ۽ سولو عمل ناهي، پر ان عمل ۾ گهڻائي ور وڪڙ ۽ مشڪلاتون آڏو اچي سگهن ٿيون، خاص طور تي اسان جهڙي سماج ۾ جتي رجعت پسنديءَ کي مستقل طور وڌايو ۽ گهرو ڪيو ويو آهي ۽ ان جي همت افزائي به ڪئي وئي آهي. ان جا مثال اسان جي سامهون آهن، گهڻو پري ماضيءَ ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪونهي. گورڪي جي ڊرامي "دشمن" جي پهرين قسط جي ٽيليڪاسٽ ٿيڻ کان پوءِ اهو تاثر ڏنو ويو ته جيڪڏهن هن ڊرامي کي مڪمل ڏيکاريو ويو ته پڪ سان پاڪستان جي سلامتي ۽ نظريه پاڪستان لاءِ ڏاڍو خطرو پيدا ٿي ويندو. ان پروپئگنڊا جي مزاحمت ڪرڻ لاءِ ترقي پسند ابلاغ جا ذريعا وڌيڪ مضبوط حيثيت ۾ نه هئا. نتيجو اهو نڪتو جو ٽيلي ويزن ڊرامي جي ٻي قسط کي جنهن نموني پيش ڪيو، ان سان ڊرامي جو

رجعت پرست چوندا آهن ته - جمهوريت ۽ سوشلزم غير ملڪي نظريه آهن انهن جي اسان جي تهذيب ۽ ثقافت سان تعلق نه آهي.

جوهر ئي ختم ٿي ويو. ساڳي ويڊن بوٽ فيسٽيول ۱۹۸۹ع سان ٿي. انهيءَ سڄي پروپئگنڊا جو مقصد هڪ طرف حڪومت کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ ٻيو انهن ثقافتي ڪارڪنن کي هيسائڻو آهي، جيڪي معاشري جي جمهوري بنيادن تي ترقي وڌائڻ کي پنهنجو مشن سمجهن ٿا.

چوڌاري موجود صورتحال کي ڏسنداسين ته معلوم ٿيندو ته ثقافتي ڪارڪنن ڪيترو نه تيزي ۽ گهرائي سان عوام کي متاثر ڪن ٿا انهن جي دلين ۾ گهر ڪيو وڃن ٿا. ثقافتي ڪارڪنن جي ايڏي گهري اثر ڪري ئي اهڙا ملڪ جتي بورجوا جمهوريت اسان جي پيٽ ۾ تمام گهڻي سگهاري ۽ مضبوط آهي، مستقل مفادن وارن ذريعي ثقافتي ڪارڪنن کي تمام وڏو خطرو سمجهن ٿيون. ان جو نفرت انگيز مثال اسان کي ويجهڙائي ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي بورجوا جمهوريت ڀارت ۾ مليو. جتي "جن نتيا منچ" جي صفدر هاشميءَ کي نهايت بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. ان قتل جي پويان جيڪي ماڻهو هئا، انهن جو تعلق ڪنهن ٻي جماعت سان نه پر حڪمران جماعت ڪانگريس سان هو. صفدر هاشمي ۽ "جن نتيا منچ" جي ٻين ڪارڪنن جو ڏوهه رڳو اهو هو ته هنن حڪمرانن جي نام نهاد ثقافت جي ايوانن کي رد ڪري ڇڏيو هو، ۽ پنهنجي فن کي عام ماڻهن جي وچ ۾ آندو هئائون ته جيئن انهن ۾ سماجي شعور کي اوسر ڏني وڃي، ۽ سندن ثقافتي سطح کي بلند ڪري سگهجي. اهو ڏوهه حڪمران طبقن جي نظر ۾ معاف ڪرڻ جوڳو نه هو ۽ ان جي سزا بس اها ئي ٿي پئي سگهي، جيڪا صفدر هاشمي کي

ڏني ويئي.

ساڳي نموني جي صورتحال اسان کي انهن ملڪن ۾ هر هنڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿي جتي جمهوريت، فرد جي آزادي، راءِ جي اظهار جي آزاديءَ جا ڍنڍورا وڄايا وڃن ٿا. جارج ايل ميچل اسان کي پنهنجي هڪ مضمون "فلمون، سياست ۽ رياست" ۾ ٻڌائي ٿو ته سٺ واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ تائين آمريڪا جي فلمي صنعت ڪنهن نه ڪنهن نموني سرڪاري ضابطن ۾ جڪڙيل رهي آهي. ٻي مهاڀاري ويڙهه کان پوءِ فلمي صنعت کان اها "فرمائش" ڪئي ويئي ته اها "نظرياتي پاڪيزگي" حاصل ڪرڻ ۾ سرڪار جي مدد ڪري ۽ اهڙيون فلمون بنائي جن وسيلي سياسي جدوجهد ۽ پورهيتن جي جدوجهد کي ڇيڻائي

جن نتيا منچ جو ڏوهه اهو هو ته هن حڪمرانن جي نام نهاد ثقافت کي رد ڪري ڇڏيو

سگهجي. تنهن وقت جيڪي فلمون بنايون ويون انهن ۾ ان ڳالهه جي تشهير ڪئي وئي ته پورهيتن جي جدوجهد آمريڪي قوم جي مزاج پٽاندر ناهي. ان غير فطري جدوجهد جي پويان اهي ماڻهو آهن جيڪي بالشويڪن جا ايجنٽ آهن ۽ کين ان سلسلي ۾ باقاعده پئسا ڏنا وڃن ٿا

ان سموري ماحول ۾ اهڙا ماڻهو نه هئڻ برابر هئا جيڪي ان اصول تي عمل ڪري رهيا هئا ته اهي فلمون جيڪي ماڻهن کي سوچڻ لاءِ تيار ڪن ۽ اهي فلمن جي ... جي ... ۾ هڪ نئين دور جي شروعات جو سبب ٿي سگهنديون.

پر اهڙن ماڻهن لاءِ ڪاميابي حاصل ڪرڻ بنهه ناممڪن هو. ان سلسلي ۾ فلم ڊائريڪٽر ايسينسٽن جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو جنهن آمريڪي فلمن ۽ اتان جي عوام جي حقيقي زندگي ۾ موجود جيڪا خليج ۽ وٿي يا فاصلو هو ان کي محسوس ڪري ورتو. ان خليج کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ آمريڪي ناٽي واڌ سرشتي جي تضادن کي پڌرو ڪرڻ لاءِ هن جيڪي خيال پيش ڪيا انهن کي پروڊيوسرن طرفان رد ڪيو ويو. ان جو ڪارڻ، سندس آتم ڪٿا جي ليکڪ موجب، شايد اهو هو ته عوام آڏو ان ڳالهه کي آڻڻو نه هو ته ڪو دولت يا سون انسان جي تباهيءَ جو ڪارڻ آهي.

وڌيڪ وضاحت لاءِ اسين محمود درويش جي ان نظم جو حوالو به ڏيئي سگهون ٿا جنهن سموري، اسرائيل ۾ هڪ زبردست هلچل پيدا ڪئي. ۲ اپريل ۱۹۸۸ع ڌاري اسرائيلي وزيراعظم شامير ڏسي ان نظم کي ... لاءِ پارليامينٽ ۾ آڇيو ... اسرائيل جا نام نهاد ترقي پسند دانشور جيڪي درويش جي دوستي ۾ فخر ڪندا هئا سي سندس سر جي گهر ڪرڻ لڳا. حالانڪ درويش ان ۾ رڳو اهو چيو ته: "مونکي پنهنجي وطن ۾ رهڻ جو حق ڏيو ۽ ان تي ڪيل ناجائز قبضو ختم ڪريو"

اهڙي طرح وڪٽر هارا کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو ويو جو هن پنهنجي عوام جا گيت ڳايا هئا ۽ کين سندن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ سگهه ڏني هئي پابلو نرودا کي گولين سان پروڻ ڪيو ويو. ناظم حڪمت کان شهريت ... حق کسي ڪبس جلاوطن ...

ويو سندن قصور اهو هو ته هنن عام ماڻهن کي آواز ڏنو، ڪين پنهنجا گيت ڏنا جيڪي عوام کي حوصلو بخشيندا هئا. اهڙي قسم جا مثال اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ به ڪي گهٽ نه ملندا. ڪتابن ۽ رسالن تي بندش ته عام رواج آهي. شيخ اياز، فيض، سجاد ظهير، اجمل خٽڪ، گل خان نصير سميت نالن جي هڪ فهرست آهي جيڪي هميشه کان رڳو ان ڪري ڏاڍ جو شڪار رهيا آهن جو هنن پنهنجي عوام جي ڳالهه ڪئي ۽ ڏاڍ ۽ جبر خلاف آواز بلند ڪيو اٿائون.

ان ڪري جمهوريت هڪ طرف انهن قوتن کي آزادي ڏئي ٿي جيڪي ٻي صورت ۾ پنهنجو آمريت ڪيترن ئي ادارن جي شڪل ۾ موجود آهي. اها نه رڳو سياست ۾ پر معيشت ۽ ثقافت جي شعبي ۾ پڻ تمام مضبوط شڪل ۾ موجود آهي. مختلف تعصبن کي اهڙيءَ ريت عوام جي نفسيات جو حصو بڻايو ويو آهي جو اهي ان جي ڪري مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهن. بلڪل اهڙي قسم جي پاڳلپڻي واري ڪيفيت پيدا ڪئي وئي آهي جو ڪو ماڻهو جيڪو ظاهري طرح ته ڏاڍو هوشمند نظر ايندو آهي سو اهو سڀ ڪجهه ڪري گذرندو آهي جنهن جي رڳو هڪ مٿي ڦريل مان ئي توقع ڪري سگهجي ٿي. مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ۽ مختلف ثقافتن وارن ماڻهن کي هڪٻئي خلاف اٿين عمل جي ٽريجڊي ۽ سانحو اهو آهي جو ترقي پسند جيڪي پنهنجي مقصد سان سچا هوندا آهن پر هڪ طرح جي قطعيت يا Asolutism جو شڪار بڻجي ويندا آهن. اهي منزل تائين پهچڻ کان پوءِ ڳنڍون سهڻ، پسند ڪرڻ نه چاهيندا آهن. سندن مرضي هوندي آهي ته جيڪڏهن ڪا تبديلي اچڻي آهي ته هڪدم اچي وڃي، نه ته ٻي صورت ۾ هو ان کي رد ڪري ڇڏيندا. وٽن ڌرتي تي بهشت جو تصور حاوي آهي.

ان سموري صورتحال ۾ جمهوريت ۽ ثقافت جي باهمي عمل کي پرکڻ ۽ پرجڻ لاءِ اسان کي انهن سمورن عنصرن کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو. گذريل يارهن سالن ۾ جهڙي

اسانجي ملڪ ۾ جمهوريت جا جيڪي ڳوڙها قنا آهن تن کي تکن ۽ تيز واچوڙن جو منهن ڏسڻو پيو آهي

اظهار نٿي ڪري سگهون ۽ ٻئي پاسي اهي ثقافتي قوتون هڪ اجتماعي نفسيات جي تشڪيل ڪري جمهوري عمل کي وڌيڪ سگهه ڏينديون آهن. تنهنڪري جيڪي قوتون جمهوريت مخالف هونديون آهن سي لازمي طرح هر انهيءَ ثقافت جي اظهار کي به ٺيڪ نه سمجهنديون آهن جنهن سان جمهوري عمل مضبوط ٿيندو هجي، ماڻهن جي دلين ۾ هڪٻئي لاءِ احترام پيدا ٿيندو هجي ۽ اختلاف راءِ کي هڪ تعميري عمل سمجهيو وڃي.

اسان جي ملڪ ۾ جمهوريت جا جيڪي ڳونچ ڦٽيا آهن انهن کي تمام تکن ۽ تيز واچوڙن سان منهن ڏيڻو پيو پئي. اسان وٽ اهڙون سامهون ٽڪراءَ جي صورت ۾ آندو ويو آهي جو هڪٻئي کي ڏسندي ئي سندن اکيون رت هاڻ لڳنديون آهن. مطلب ته انساني معاشري کي حيوانن جي اهڙي سطح تائين هيٺ ڪيرايو ويو آهي جتي ٽولن ۽ گروهن جا مفاد هر شيءِ تي حاوي ٿي ويا آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪڙو به هاڪاري قدم کڻڻ اهڙو لڳندو آهي جڻ نانگ جي ٻرڙ تي پير اچي ويو هجي. هر طرف ڪلڙيان هاڪاري قدم جي مخالفت ٿيڻ لڳندي آهي اهڙي مخالفت ڪڏهن ته ڪليو ڪلايو رجعت پسند ڪندا آهن پر ترقي پسنديءَ جي روپ ۾ به اهڙائي تير هلايا ويندا آهن. ان سموري ريت سموري سماج جي تاڃي پيٽي کي ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار بڻايو ويو آهي ان کي نظر ۾ رکڻو پوندو ۽ موجوده صورتحال جي حوالي سان ان ڳالهه کي پڻ ڏسڻو پوندو ته ملڪ ۾ نئين جمهوريت هن وقت ڪهڙي حيثيت ۾ آهي ۽ اهو به ته اها عمل جي لحاظ کان مڪمل نموني خود مختيار آهي يا مٿس اڃا ڪي پابنديون ۽ رڪاوٽون مڙهيل آهن. گهري ويچار ڪرڻ سان خبر پوندي ته ملڪ ۾ اڃا اقتدار جو ڪو هڪڙو مرڪز ناهي پر ڪيترائي مرڪز آهن. اها صورتحال عبوري آهي ۽ اقتدار جو هڪ مرڪز تي پهچڻ هڪ اڻٽر ۽ اٽل ڳالهه آهي. ان اقتدار کي ڪير پنهنجي حق ۾ استعمال ڪرڻ ۾

سوپارو ٿو ٿئي ان جو مدار ڇاڻايل مختلف مرڪزن جي سماج اندر موجود حليفن ۽ ساٿارين جي سگهه ۽ ڪمزوريءَ تي هوندو. جمهوريت جو حامي قوتون اسان ڪي ٽڙيل پکڙيل ۽ ڪمزور ڏسڻ ۾ ٿيون اچن پر سرنگ جي پرئين ڇيڙي وٽ ڪجهه ڪجهه روشني ضرور نظر اچي ٿي ۽ جمهوري قوتن ۾ اها صلاحيت ضرور موجود آهي جنهن کي منظم ڪري سلهاڙي ماڳ تي پهچي سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ وڏيون پرانگهون ڏيڻ بدران جٽاءُ دار نموني هوربان هوريان وڌڻ فائديمند ٿيندو.

ثقافت جي سلسلي ۾ هيئين رت اسان انهن قوتن جو جائزو وٺي سگهون ٿا جيڪي جمهوريت ۽ جمهوري عمل کي جٽاءُ دار بڻائڻ ۾ ڪارائتو ڪردار نباهي سگهن ٿيون.

پاڪستان جي ثقافتي تاريخ تي نظر ڊوڙائڻ سان اها خبر پوندي ته هن خطي ۾ سيڪيولرازم ۽ انساني رواداري جا مضبوط بنياد موجود آهن. سنڌ ۾ هڪ پاسي اسان کي لطيف، سچل ۽ سامي جهڙي انساني قدرن جي تشهير ۽ تبليغ ڪندي نظر اچن ٿا ته ٻئي پاسي شاهه عنايت ڪميون جو عملي مثال پيش ڪري ٿو، جنرل هوش محمد انگريزن سان ويڙهه ۾ پنهنجي سرير جو دان ڏيئي وطن پرستيءَ جو عملي مثال پيش ڪري ٿو ۽ هيمون ڪالاڻي آزاديءَ جي هلچل جي هڪ اڏول هيري جو ڪردار نڀاهيندي سوريءَ جو سينگار بڻجي ٿو وڃي.

اهڙيءَ طرح پنجاب ۾ بلي شاهه فريد ۽ وارث شاهه بلڪل ساڳي نموني جو پيغام ڏيندي نظر اچن ٿا جيڪو لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام ۾ ملي ٿو. جڏهن ته ڀڳت سنگهه جهڙا مثير مڙس سموري انسانيت جي ميراث آهن.

جيڪڏهن اسان پختون خواهه ڏي نظر ڪنداسين ته اتي اسان کي خوشحال خان خٽڪ هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ قلم جهلي جبر ۽ ڏاڍ خلاف مهاڏو اٽڪائيندي ڏسڻ ۾ ايندو. بلڪل اهڙي ئي روايت بلوچ شاعرن چام درڪ ۽ ملا پازل ۾ به موجود ملندي.

شاهه لطيف، بلي شاهه، خوشحال خان خٽڪ ۽ چام درڪ جي ٻولي محبت جي ٻولي آهي. سندن انهيءَ پيغام مان اسان موجوده دور ۾ به لاڀ حاصل ڪري سگهون ٿا. مشترڪ قدرن جي بنياد تي گڏيل ثقافتي تاريخ ترتيب ڏيئي سگهجي ٿي ۽ ان ڳالهه کي چٽيءَ طرح

هن خطي ۾ سيڪيولرازم جا مضبوط بنياد آهن

سامهون آڻي انهن قدرن جي بنياد تي اهڙي سماج جي اڏاوت ڪري سگهجي ٿي جنهن ۾ مڙني لاءِ پيار هجي ۽ هڪٻئي جو احترام هجي. پاڪستان جي عوام کي اهڙي طرح هڪٻئي جي ويجهو آڻي سگهجي ٿو ۽ منجهن موجود اوپرائپ واريءَ وڇوٽي کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

اهو ڪم ان انداز سان ڪري سگهجي ٿو ته انهن عظيم شخصيتن جي حياتيءَ ۽ ڪيل ڪم تي سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪئي وڃي. ان مان هڪ فائدو هي ٿيندو ته اسان جا ماڻهو سگهاري نموني پاڻ کي پنهنجي روايتن ۽ تاريخ سان ڳنڍي سگهندا ۽ پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت جي ڳولا ۾ ڪنهن ٻئي پاسي ڪونه واجهائيندا.

پاڪستان مختلف زبانن ۽ قوميتن وارو ملڪ آهي منجهن مشترڪ قدرن ڪانسواءِ اهڙا عنصر پڻ آهن جي انفرادي حيثيت رکن ٿا. ان کي اڏو رکندي ترقي پسند ثقافتي ڪارڪنن جو پهريون فرض اهو ٿو ٿئي ته هو اهڙي ثقافتي پاليسيءَ جي گهر ڪن جنهن ۾ انهن حقيقتن کي تسليم ڪيو ويو هجي ۽ ان جي ضمانت ڏنل هجي ته ملڪ جي سمورين ٻولين کي اوسر جا هڪجهڙا موقعا مليل هجن. اهڙي طرح نه رڳو ان محروميءَ جي احساس کي ختم ڪري سگهبو جيڪو پاڪستان جي اڪثر زبانن جي ڳالهائيندڙن ۾ موجود آهي گڏوگڏ حڪمران طبقن جي ان پاليسي جي به نفي ٿي سگهندي جنهن وسيلي هو مختلف زبانون ڳالهائيندڙن کي هڪٻئي خلاف سندرا ٻڌرائي پنهنجا مستقل مفاد حاصل ڪندا آهن.

ان سلسلي ۾ هاڻي غلط فهميون باقي نه رهيون آهن ۽ اها ڳالهه سيني تي ظاهر ٿي چڪي آهي ته رڳو ان طريقي سان ئي عام ماڻهن ۾ رياست ڏانهن پنهنجائپ جو احساس پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ جمهوريت کي سگهه ملي سگهي ٿي. ٻي سٺي ڳالهه اها ٿي آهي جو هاڻي پنجاب جي دانشورن جو آواز پڻ ان آواز سان سلهاڙجي ويو آهي ۽ پنجاب اسيمبليءَ ۾ پڻ اهو مطالبو ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته پنجاب اندر پرائمري تعليم پنجابي ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي. ان بل جي منظور نه ٿيڻ سان هڪ پيرو وري اها ڳالهه چٽي ٿي وئي آهي ته اهي ڪهڙيون طاقتون آهن جيڪي عوام جي ان بنيادي حق جي حاصلات ۾ رنڊڪ بڻيل آهن. مطلب ته ان قسم جي نئين ثقافتي

پاليسي جمهوريت دشمن ۽ ڦورو طبقن کي هڪ اثرائتي هٿيار کان محروم ڪرڻ ۾ مددگار بڻبي.

اسان جي ملڪ جي ثقافتي ڪارڪنن جي آڏو هڪ ٻيو به اهم مسئلو رنڊڪ بڻيل آهي سو آهي اسان جي عام ماڻهن جي ناخواندگي. منجهن تعليمي شرح يا مقدار گهٽو گهٽ آهي، انڪري ڪتابن ۽ لکيل ٻئي هر قسم جي مواد جي مدد سان مس هڪ سيڪڙو آباديءَ تائين رسائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ان ڏس ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. پر اهي ادارا ايترا ته حڪمران طبقن جي دٻاءُ ۾ هوندا آهن، جو انهن جي لاءِ مقرر ٿيل ضابطن کان بغاوت ڪرڻ تمام ڏکي ڳالهه هوندي آهي.

انهيءَ ڪري انهن ادارن کي محدود حد تائين ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ائين ٿي سگهي ٿو ته جمهوري عمل جي سگهاري ٿيڻ سان مستقبل ۾ اهڙا موقعا فراهم ٿين جو انهن ادارن جا ثقافتي ڪارڪن عوام جي شعور کي وڌائڻ واري ڪم کي اثرائتي نموني انجام ڏيئي سگهن. ائين انهن ثقافتي گروپن جو ڪم تمام گهڻو جوڳو بڻجي ويندو آهي، جيڪي ڊرامن ۽ موسيقي وغيره وسيلي پنهنجي پيغام کي عام ماڻهن تائين پهچائيندا آهن. ان سلسلي ۾ Voices گروپ ۽ دستڪ گروپ جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. انهن ٻنهي گروپن جي خاصيت اها آهي، جو اهي ان ڳالهه تي يقين رکن ٿا ته عوام ۾ بي پناهه صلاحيت موجود آهي ضروري ڪونهي ته رڳو چند ماڻهو ئي ثقافت جي واڌ ويجهه جو بار رڳو پنهنجي ٻلي ڪري چڙهين.

تنهن ڪري انهن گروپن ۾ ”چاڙل سچاڙل ۽ ناميارا“ ڪلاڪار ته ناهن پر اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي فن کي عام ماڻهن جي امانت سمجهن ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ملڪ ۾ هيل تائين جيڪي ڪي ٿورا چڱا پروگرام پيش ڪيا ويا آهن انهن ۾ مٿي ڄاڻايل گروپن جا نالا نمايان آهن. Voices گروپ موسيقي سان لاڳاپيل آهي. اهي ان ڳالهه کي چڱي نموني سمجهن ٿا ته اسان جي ملڪ ۾ جنهن قسم جي موسيقي جي پذيرائي ڪئي وڃي ٿي ۽ جنهن کي اسان جي ثقافت جو اهم ترين جزو ڪري ڄاڻايو وڃي ٿو سا در اصل جاگيرداراڻي دور جي يادگار آهي، جنهن جو مقصد آفيم جي نشي جيان ٻڌندڙ تي ننڊ واري ڪيفيت طاري ڪرڻ ۽ چوڌير صورتحال کان غافل ڪرڻ هوندو آهي.

تنهن ڪري موسيقي جي فن ۾ اهڙين بنيادي تبديلين جي به ضرورت آهي جيڪي اسان جي اڄوڪي ضرورتن ۽ گهرجن سان ٺهڪندڙ هجن ۽ اهڙي موسيقي جيڪا ٻڌندڙ ۾ چرپر ۽ هلچل پيدا ڪري ۽ جيڪا ٻڌندڙ کي لولي ڏيئي سمهارڻ بدران عمل ۽ جدوجهد لاءِ اتساهي. اهي نڪور آواز Voices اسان جي موسيقيءَ جي سلسلي ۾ نئين دور جو نياپو ۽ آغاز بڻجي سگهن ٿا.

”گليلو“، ”پيٽي بورجوا“، ”ايک جلا وطن سے انٽرويو“ ۽ ڪيئي ٻيا ڊراما يا ناٽڪ اسان جي ذهنن ۾ جنهن نالي جو ورجاءُ ڪن ٿا اهو آهي ”دستڪ“. دستڪ نه رڳو ترقي پسند ڪارڪنن لاءِ اتساهه جو ڪارڻ بڻيو پر پنهنجي منفرد انداز سبب عام ماڻهن کي ٻاڻ ڏاهن ڇڪڻ لڳو. دستڪ گروپ جي ثقافتي ڪارڪنن ان ڳالهه جي ٻڙ جوصلي افزائي ڪئي ته مختلف علائقن ۾ اتان جا ماڻهو پنهنجي طور تي ناٽڪ منڊليون وغيره منظم ڪن ته جيئن عام ماڻهو مستقل نموني پنهنجن ثقافتي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن ۽ رڳو دستڪ گروپ جي ڪارڪنن تي ئي نه ڀاڙين.

ان بحث جو حاصل مطلب اهو ٿيو ته اسان جي معاشري ۾ اهڙيون لڪل خوبيون موجود آهن جن کي ڪتب آڻي موجوده بحران کي ٻنجو ڏيئي سگهجي ٿو ۽ سماج ۾ ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ ۽ انتشار جو متبادل ڪري سگهجي ٿو. حڪمرانن جي ثقافت جي ڀيٽ ۾ عوامي ثقافت کي هڪ جوابي ثقافت (Counter Culture) جي طور تي پيش ڪري سگهجي ٿو.

ان سلسلي ۾ ان ڳالهه جي ضرورت تمام گهڻي رهندي ته اديبن شاعرن سميت ثقافتي ڪارڪنن پنهنجي آڏو مڪمل جمهوري معاشري جو آدرش رکن ۽ ڪنهن به طرح جي Rigidity جو شڪار نه ٿين. ان جو مطلب هي آهي ته ملڪ ۾ موجود ڪنهن به سياسي قوت يا قوتن جي ايتري حد تائين حمايت ڪئي وڃي جيتري حد تائين اهو سمجهيو وڃي، ته ان جون پاليسيون جمهوري عمل لاءِ فائدي مند آهن، پر انهن پاليسين تي پنهنجو احتجاج ضرور نوٽ ڪرائڻ گهرجي، جن بابت اهو سمجهيو وڃي، ته اهي پاليسيون Status quo ۽ قائم نظام کي برقرار رکڻ ۽ اوسر جي عمل جي خلاف آهن.

اهو ئي اهو اسان کي موجوده صورتحال ۾ ٻڌ اختيار ڪرڻ گهرجي ائين [illegible] پنهنجي آزاديءَ کي [illegible] سگهبو ۽ پنهنجي آدرش لاءِ به ڪم ڪري سگهنداسين.

پهرين مئي ۽ اسان جون ذميواريون

زبيد احمد فردوسي

صديون گذري چڪيون آهن انساني جدوجهد مسلسل هڪ اهڙي معاشي معاشرتي نظام کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳولا ۾ آهي، جيڪو امن ۽ سڪون ۽ ان جي حقيقي محنتن جو ڦل ثابت ٿي سگهي.

گذريل ٻن صدين ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ جيڪي حيرت انگيز تبديليون ٿيون آهن، انهن نه صرف بهتر سهولتون ۽ آرام پهچايو آهي پر ان سان گڏوگڏ اسان کي پوري انساني معاشري کي وڏيڪ مسئلن جو شڪار ڪيو آهي.

هن ٻن صدين ۾ اسان جا سماجي ۽ معاشي رشتا مڪمل طور تي تبديل ٿي ويا ۽ ٽيڪنالاجي جي حوالي سان سرمائيدارانه نظام هڪ اهڙو جن ٿي اڀريو، جيڪو هيئر تائين نه صرف ختم نه ٿي سگهيو، پر هن کي مڪمل قابو به نه ڪيو ويو آهي. محنت جي شروعاتي ورهاڱي جي عمل کان وٺي هيئر تائين پورهيتن جي وچ ۾ هڪ اتحاد، هڪ هم آهنگي ۽ هڪ ٻئي جي ڏک سور کي سمجهڻ جا فطري رجحان به پيدا ٿيندا رهيا ۽ وڌندا رهيا. پورهيت پنهنجي تمام مفادن جي حفاظت لاءِ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان پاڻ کي جوڙي، متحد طور تي ان حقيقت لاءِ جاکوڙ ۾ رهيا ته هو پنهنجا جائز حق حاصل ڪري سگهن.

پورهيتن ۾ اهڙي قسم جي شعر جي اڀرڻ سبب يورپ جي صنعتي دور جي ابتدائي مرحلن ۾ به پاڻ کي منظم و متحد ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو، ان جو مثال اسان کي، "صنعتي انقلاب جي حوالي سان ملندو. ان دور ۾ برطانوي "شاندار انقلاب" جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ، برطانوي پورهيت پنهنجي هڪ گڏيل تنظيم جو بنياد وڌو، جيڪا پورهيتن جي اڀريل مسئلن تي سرمائيدارن ۽ حڪومت جو ڌيان ڇڪائيندي رهي، پر اهو نه ٿو چئي سگهجي، ته هو مزدورن ۽ اجرتن جي حقن جي جنگ وڙهڻ جي صلاحيت رکندي هئي. پر ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي شايع ٿيڻ کان پوءِ صنعتي ملڪن ۾ جبر ۽ تشدد جو شڪار پورهيت مزدورن، اجرتن ۽ ڪچليل آباديءَ کي يقيني طور تي هڪ نئون حوصلو مليو، اهڙي طرح وقت سان گڏو گڏ پورهيتن جي جدوجهد اڳتي وڌندي رهي.

اوڻيهين صدي جي آخري دور ۾ صنعتي ملڪن کي هڪ نئين ڪيفيت سان منهن ڏيڻو پيو. خاص طور تي آمريڪا ۽ برطانيه پنهنجي صنعتي ڪمپليڪسن جي ڪري ايتري حد تائين اڳتي وڌي ويا هئا، جو انهن لاءِ اهو ممڪن نه رهيو هو ته مزدورن جي وڌندڙ شعور کي پوئتي موڙي سگهن يا انهي کي هڪ هنڌ ڄمائي ڇڏين.

صنعي انقلاب جي تقاضن ۾ هڪ اهم مسئلو اهو به هو، جنهن تي انهن غور ۽ سوچ ڪرڻ جي جاءِ تي طاقت ۽ تشدد جي فرسوده هٿ ڪنڊن وسيلي اڀرندڙ شعور کي ڪچلي من ماني ڪاروائين لاءِ پنهنجي راهه هموار ڪرڻ چاهي. جڏهن ته پورهيتن ۽ مزدورن جو وڌندڙ مطالبو ۽ ڪارخانن ۾ انهن جي وڌندڙ گهرج ان حقيقت جو مطالبو ڪري رهي هئي.

اهڙي طرح غير تربيت يافته مزدورن کي به ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان وڏ مان وڏ تعداد ۾ صنعتي پيداوار جو هڪ عنصر ٿي اڀرڻ جو موقعو مليو. ان عمل سان جتي هڪ طرف سرمائيدار بي انداز دولت ميڙيندا رهيا ۽ انهن جا ڪارخانا برق رفتاري دونهين جا ڪڪر اوڳاڇيندا رهيا ته ٻئي طرف صنعتي ميدان ۾ مزدورن جي وڌندڙ تعداد ۽ ان جي افرادي قوت انهن کي هڪ نئون حوصلو به ڏيندي رهي. انهن جي وڌندڙ اجتماعي قوت هاڻ اهڙو رخ اختيار ڪري رهي هئي جو سرمائيدار هڪ شديد غم و غصي ۽ تنگي ڪيفيت جو شڪار ٿي رهيا هئا. هو هيئر تائين انهيءَ خواب و خيال ۾ هئا ته پنهنجي دولت، طاقت ۽ رعب جي وسيلي هو پورهيتن کي نه صرف ڪچلي ڇڏيندا ۽ رياستي ادارن، قانونن

۽ اهڙن ئي ٻين ۾ تشدد اوزارن جي وسيلي هو پورهيتن ۽ مزدورن جي اجتماعي قوت کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندا.

انهن جو خيال هو ته هو پورهيتن کي ماضي وانگر پنهنجي رحم و ڪرم تي رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا. ان دور ۾ صنعتي انقلاب جي برڪتن سرمائيدارانه نظام کي جيڪا طاقت ۽ قوت بخشي هئي، ان سان هو صرف اهو ئي سوچي سگهيا ٿي. انسانيت رحم، همدردي، محبت، اخوت، ڀائي چارو جهڙا لفظ انهن جي نظرن ۾ ڪڏهن به ڪابه حيثيت نه رکندا هئا.

١٨٨٠ع جي ڏهاڪي ۾ اولهه جي صنعتي دنيا جي سڀ کان وڏي علمبردار سامراجي ملڪ متحده آمريڪا کان جڏهن اتان جي پورهيتن پنهنجي نوڪرين جي تحفظ ڏيڻ خاطر اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو مطالبو، مناسب اجرت، ۽ بهتر سهولتن جو جڏهن امريڪي مزدورن مطالبو ڪيو ته سرمائيدار طبقي کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ زلزلو اچي ويو. ارباب اقتدار، صنعتڪار، منصف، ۽ قانوندان سڀئي هن دليرانه قدم تي حيرت جو شڪار ٿي ويا. اهڙي کليل بغاوت جي بوءِ ڪڏهن به محسوس ڪانه ڪئي وئي هئي ۽ نه ئي وري اهڙي جرئت جي ڪڏهن اميد ڪري سگهجي پئي. جوابي ڪاروائي جي طور تي سرمائيدارن پوري قوت سان انهن کي ڪچلڻ لاءِ هر قسم جو هٿڪنڊو استعمال ڪيو. پنهنجي حقن جي حفاظت، بهتر سهولتن لاءِ مزدورن جي اجتماعي جدوجهد کي هڪ خطرناڪ صورتحال قرار ڏئي ڇڏيو. جيئن هاڻ به قانون نافذ ڪندڙ ادارا امن امان قائم ڪرڻ جي نالي تي پورهيتن جي زندگين سان کيڏندا رهندا آهن، اهڙي طرح هڙتالي مزدورن تي دل کولي گوليون وسايون ويون. پر ان دلير مزدورن به پنهنجي هڪ شهيد ساٿي جي خون سان رنگيل قميص کي پنهنجي جهنڊي طور استعمال ڪيو ۽ اڄ تائين ڳاڙهو رنگ پورهيتن، مزدورن، هارين، پرولتاري، شاگردن، اديبن، جي جمهوري حقن جي جدوجهد جو نشان بڻيل رهيو آهي. اهڙي طرح هنثر دنيا جي تمام قومن کي معلوم ٿي چڪو آهي ته نابرابري ۽ بي رحم جنگ ۾ جام شهادت نوش ڪندڙ ڪير هئا، ۽ اڄ اسين ڪنهن جي ياد ۾ پهرئين مئي جهڙي پروگرام

مزدورن تي دل کولي گوليون وسايون ويون

تقريب جو اهتمام ڪندا آهيون. ١٨٨٩ع ۾ ڪامريڊ اينگلز جي هدايت تي منعقد ٿيل ٻئي انٽرنيشنل جي موقعي تي اهو فيصلو ڪيو ويو ته ١٨٨٦ع جي شهيدن جي يادگار جي طور تي ۽ انهن کي عالمي محنت ڪشن جو خراج عقيدت پيش ڪرڻ خاطر هر سال پهرئين مئي تي انهن جي جدوجهد سان عقيدت ۽ يڪجهتي و يادگيري جو ڏينهن ملهايو ويندو. هي ڏينهن اسانکي انهن شهيدن جي ياد ڏياري ٿو جنهن پنهنجي سيني تي گوليون کائي به مزدورن جي جهنڊي کي بلند رکيو، انهن رحم جي خيرات نه گهري، ۽ نه ئي وري خيرات کي قبول ڪيو پر ايمانداري ۽ وفاداري سان پنهنجي مطالبن ۽ اجتماعي حقن جي جدوجهد ۾ پيش پيش رهيا. پورهيتن جي تمام مطالبن جو جيڪڏهن غير جانبدارانه تجزيو ڪيو وڃي ته سرمائيدارن جي بي رحمي ۽ سفاڪي وڌيڪ واضح ٿئي ٿي. انهي تي بس ڪانه ٿي پر انهن هتين خالي ۽ مجبور مزدورن تي هڙتال جي ڏوهه ۾ گولين جي برسات وسائي وئي، پر ان حقيقت کي يقيني بنائڻ لاءِ ته اهڙي سرڪش تحريڪ ٻيهر اڀري نه سگهي مزدور رهنمائن کي سرمائيدارانه نظام تحت پلجندڙ عدالتي نظام جي ذريعي تختہ دار تي لٽڪائي ڇڏيو. ان ڪجهه رهنمائن کي جيڪي عوام جي حقن جا علمبردار هئا ۽ ان جدوجهد ۾ پيش پيش هئا نجات حاصل ڪئي وئي ته جيئن هو مزدورن ۽ پورهيتن جي رهنمائي نه ڪري سگهن. انهن اڳواڻن ۾ فيشر رابرٽ، انجيل ۽ پيٽرسن کي دهشت گردي ۽ بغاوت جي جرم ۾ تختہ دار تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ انهن وڏي دليري سان موت کي گلي لڳايو. انهن جي چهرن تي دک و درد نه هو پر اطمينان هو، هڪ دلفريب مسڪراهٽ انهن چهرن تي رقصان هئي جيڪو ان حقيقت جي نويد هئي ته فتح هر حال ۾ پورهيتن جي ٿيندي. مزدور اڳواڻن انهن ماڻهن جو حوصلو وڌائي ڇڏيو جنن حوصلو هارائي ڇڏيو هو ۽ هو نئين زندگي جو پيغام ڏئي اسان کان جدا ٿي ويا. پر انهن جو ڏنل پيغام، انهن جو ڏنل حوصلو ۽ انهن جي ڇڏيل راهه عمل انساني زندگي کي اڳتي قدم وڌائڻ ۾ مدد ڪئي.

پهرئين مئي جي انهن شهيدن جون قربانيون رائيگان نه ويون.

يوم مئي جي حوالي سان اڳتي هلي پوري دنيا جي پورهيتن، هارين کي متحرڪ ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏني. هڪ ڊگهي جدوجهد جي نتيجي ۾ ويهين صدي جي ابتدائي دور ۾ انقلاب روس جي ذريعي پورهيتن جي پنهنجي حڪومت جو قيام اهو اهم موڙ آهي جنهن انساني تاريخ جي وهڪرن کي موڙي ڇڏيو. روس ۾ ڪامريڊ لينن جي قيادت ۾ محنت ڪشن جي حڪومت پهريون دفعو سرمائيداري کي هن علائقه کان ختم ڪري انهن جي اجارا داري جي چيلهه ٽوڙي وڌي. هينئر تائين اهو طبقو پنهنجي بي رحمانه من مانين ڪاروائين ۾ مصروف رهندو هو. سوشلسٽ معيشت ۽ پورهيتن جي حڪمراني جي عملي مثال انهن جي زندگي ۾ هڪ اهڙو استحڪام ميسر ٿيو جو بين الاقوامي سطح تائين سرمائيدارن ۽ ان جي دلالن کي نه صرف دفاعي انداز اختيار ڪرڻو پيو، پر هڪ سو سال جي تاريخ ۾ مزدورن جي جدوجهد جي حيثيت کي هر ملڪ ۾ مڃائي ورتو.

١٩١٩ع ۾ پهرئين عالمي تنظيم ليگ آف نيشنز جي وجود سان گڏوگڏ انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن جو قيام به عمل ۾ آيو، جيڪو اڳتي هلي ٻي عالمي تنظيم اقوام متحده جو هڪ اهم حصو آهي. اهڙي طرح ١٩٤٩ع ۾ انساني حقن جي ڪنوينشن سان گڏوگڏ مزدورن جي اجتماعي سودي بازي جي حق کي به تسليم ڪيو ويو اڳتي هلي ڪري ١٩٥٧ع ۾ جبري محنت جي لعنت کي قانوني طور حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پورهيتن جي حقن جي تحفظ کي فروغ ۽ ضمانت سان وابسته قانون به ناهيا ويا، جيڪي عالمي سطح تائين پنهنجو دباءُ قائم ڪيو بيٺا آهن.

هي سڀ ڪجهه اڄا پوري طرح مزدورن جي قبضي هيٺ ناهي، پر انهن کي مڃرائي وٺڻ به هڪ وڏي ڪاميابي آهي ۽ اڄ نه ته سڀاڻي اسان قومي ۽ بين الاقوامي سطح تائين پورهيتن جي حقن ۽ انهن جي حڪمراني جي خوابن کي حقيقت جو روپ به ڏيندا سين.

يوم مئي پوري دنيا ۾ شڪاگو جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ٿي نه پر پنهنجي دنيا جي پورهيتن، مزدورن، هارين، شاگردن ۽ دانشورن جي اتحاد ۽ يڪجهتي جي ڏينهن طور تي به ملهايو ويندو آهي. پاڪستان ۾

اهو دور به جلدي ايندو جڏهن اسين اهو اعلان سرعام ڪنداسين ته "ويو دور سرمائيداري جو"

۾ اهڙو زهر ملائي ڇڏيو جو هو هينئر تائين ان جا ڪوڙا ڍڪ پيئڻ لاءِ مجبور آهن. آهستي ٿي پر سسڪي سسڪي موت طرف وڌي رهيا آهن. سامراج ۽ ان جو قائم ڪيل سرمائيدارانه نظام جڏهن ته مڪمل طور تي ختم نه ٿيو آهي ته پوءِ به هر لمحي ۽ هر وقت ان جي قوت مدافعت ختم ٿيندي پئي وڃي. ۽ اهو دور به جلدي ايندو، جڏهن اسين اهو اعلان سرعام ڪنداسين ته "ويو دور سرمائيداري جو."

پهرين مئي ١٨٨٦ع جي پر تشدد واقعن جي حوالي سان اقوام عالم ۾ پورهيتن جي وچ ۾ يڪجهتي ۽ باهمي اتحاد جي فضا ۾ تيزي سان اضافو ٿيو تي سڄي دنيا ۾ غير قانوني ۽ غير آئيني قرار ڏنو ويو.

اهڙي طرح ١٩٥٨ع ۾ امتيازي سلوڪ جي ڪنوينشن تي توجهه ڏني ويئي ۽ عالمي قانون جي حيثيت سان ميمبر ملڪن ۾ رائج ڪيو ويو. ١٩٦٤ع ۾ بيروزگاري جي خاتمي ۽ ان جي حل لاءِ نوان عالمي قانون ۽ سمجهوتا به رائج ڪيا ويا، جن وسيلي ميمبر ملڪن تي زور پريو ويو ته پنهنجي تمام وسيلن کي ڪم ۾ آڻيندي بنا ڪنهن رنگ جي فرق، نسل، مذهب ۽ زبان جي فرق جي ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ جي جدوجهد ڪن.

ان کان علاوه ١٩٧١ع ۾ پورهيتن جي ڪنوينشن ۾ نمائنده پورهيت تحريڪ اسانکي پنهنجي نظرياتي پسماندگي جي حوالي سان ڪجهه وڌيڪ ٿي نمايان نظر اچي ٿي. هر ملڪ ۾ صنعتي ترقي معاشري ۾ انقلابي تبديلين جي لاءِ هر اول دستي جو ڪم ڪندي آهي. ان جي باوجود پاڪستان ۾ معاشرتي نظام جي ساخت ۽ عمل ۾ ڪڏهن به ڪا واضح تبديلي نظر نه آئي آهي. آزادي جي بعد معاشي ترقي جي انگ اکر جي باوجود ماڻهن في ڪس آمدني جي شرح ۾ ڏيک جي اضافي جي باوجود ان حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته غربت جي عمل ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. پنهنجي تمام فرسوده معاشي پاليسين جي باوجود اسين وڏن

غربت کي محدود ڪرڻ ۾ اڄان تائين بري طرح سان ناڪام رهياسين. اسان جي ملڪ جي معيشت تي سامراج ۽ ان جي دلالن جي اجاره دار حيثيت ۽ سرمائيدارانه ۽ جاگيردارانه نظام جي فرسودگي جي حوالي سان اها اميد رکڻ فضول آهي ته اسين پنهنجي ملڪ جي عوام ۽ هتان جي پورهيت عوام جي رات ڏينهن ۾ ڪا بهتر تبديلي آڻي سگهنداسين. ان ڪري اسان جي ملڪ ۾ غريب، غريب تر ۽ امير، امير تر ٿيندا ٿا وڃن.

صورت حال اها آهي جو اڄ به جڏهن اسين جمهوريت جي منزل طرف قدم وڌائي رهيا آهيون ته هڪ طاقتور طبقو هاڻي به اسان جي معاشري ۾ موجود آهي جيڪو تمام مادي وسيلن کي پنهنجي اجاره داري ۾ رکي سامراجي اشارن ۽ ان جي قوت جي سهاري پوري ملڪ کي محڪوم ۽ بک ۽ افلاس جي شڪنجي ۾ رکڻ چاهي ٿو. اوڻهين صدي جي پورهيتن کي آمريڪا ۾ جهڙن قسم جي حالتن کي منهن ڏيڻو پيو، مملڪت خداداد پاڪستان اسلامي جمهوري روايتن جي حوالي سان اڄ به انهي حالتن ۽ واقعن جو صرف شڪار ٿي ناهي پر ساڳئي وقت الله تعاليٰ جي رحمت سمجهي ان تي فخر به ڪري ٿي.

ان استحصالي نظام ۾ اڄ تائين دنيا جي معصوم ٻارن کي پنهنجي بربريت جو نشانو بنايو ويندو آهه انهن کان پرپور پورهيو ورتو ويندو آهي، فيڪٽرين، ڪارخانن، سرن ٺاهڻ جي ڀٽن، زمين تي، موٽر گاڏين جي ورڪشاپن تي لا تعداد ٻار صبح کان شام تائين مصروف عمل نظر ايندا آهن. انهن جي استادن جو رويو ۽ ان جي

اجرت هڪ الڳ مسئلو آهي. صبح کان شام تائين جيترتي هنن معصوم ٻارن کان محنت ورتي ويندي آهي، اها انهن کي ان قابل به ڪانه ڇڏيندي آهي، ته هو پنهنجي بهتر مستقبل جي باري ۾ سوچي سگهن. اهي اٿين صبح و شام گذاري ڪنهن خطرناڪ بيماريءَ جو شڪار ٿي، ناڪام، ناشاد ۽ نامراد هن دنيا کان رخصت ٿي ويندا آهن.

اهڙيون حالتون ۽ لمحا هر انسان دوست کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون ته اهڙا سلسلا ڪيستائين جاري رهندا، ان حالتن کي تبديل ڪرڻ جي ذميداري اسان سڀني جي آهي ۽ خاص طور تي سوشلسٽ قوتن کي هڪ پيرو

جڏهن ته آمريت جا سرواڻ به نه چاهيندي به اهو ڏينهن ملهائڻ لاءِ مجبور آهن

وري منظر تي ڪري ويڙهه ڪرڻي پوندي.

اسان جي معيشت جو ڍانچو شروع کان وٺي بد ترين سرمائيدارانه نظام جو چربو رهيو آهي، ان معاشي نظام جو تحفظ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ سامراجي دلالن حڪومتي ادارن تي ڪجهه اهڙي طرح قبضو ڄمايو آهي جو حق، انصاف، سچائي ۽ مساوات تي ٻڌل معاشري جو بنياد رکڻ جو عمل شروع کان ئي مشڪوڪ رهيو، اها به هڪ اهم حقيقت آهي ته عوامي اپار، ۽ پورهيتن جي دٻاءَ جي شدت وڌڻ لڳي ته جمهوري ادارن جي مڪمل نفي ڪرڻ خاطر

فوج کي وڏي بي رحمي سان ۽ بي دردي سان استعمال ڪيو ويو. مارشل لا جي بار بار نفاذ سان به سامراجي مفادن ۽ سامراجي سرمائيدارن کي مستقبل ۾ تحفظ جي ضمانت حاصل نه ٿي سگهي. فوجي حڪمرانن ان جو حل مذهب ۾ ڳولي لڌو. اڄا پوئين چند سالن جي ڳالهه آهي، جڏهن آمريت پنهنجي عروج تي هئي. ان دور ۾ اهڙن مطالبن کي وڌايو ويو ته اسان کي بحيثيت مسلمان يوم مئي ڪري نه ملهائڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته پورهيتن کي اشتعال ڏيڻ لاءِ اها ڪميونسٽن جي هڪ سازش آهي.

ڪجهه علماء ڪرام بدترين آمريت جي بي رحم نمائنده کي اهڙين صلاحن سان به نوازيو ته بهرين مئي جي جاءِ تي اسان مسلمانن کي جنگ خندق جي ياد ملهائڻ گهرجي.

اهڙي صلاح وڏي حد تائين جابر حڪمرانن جي سوچ سان مطابقت رکندي هئي، پر انهي تي عمل ڪرڻ جو مقصد اهو ٿئي ها ته پاڪستان اقوام عالم کان مڪمل طرح سان ڪٽجي وڃي ها، جڏهن ته آمريت جا سرواڻ به نه چاهيندي اهو ڏينهن ملهائڻ لاءِ مجبور آهن. ان جي باوجود مزدور انقلاب ۽ صنعتي پيداوار ۾ عظيم تر تبديلين جي عمل سان اسان جي ملڪ جا رجعت پسند ابتدا کان ئي خوف-زده ۽ پريشان نظر اچي رهيا هئا، انهن هر مزدور تحريڪ جي شدت سان مخالفت ڪئي، جنهن جي راهه عمل نه صرف عظيم تر معاشي تبديليون هجن، پر اهي سوشلسٽ نظام معيشت کي روڪي ئي ملڪ جي لاءِ راهه نجات سمجهندي رهي.

اهڙين تنظيمن جي خاتمي ۽

انهن جي اثرن جي خاتمي لاءِ ١٩٧٠ع ۾ آمريڪي سامراج جي اشاري تي نيشنل ليبر فيڊريشن جو وجود عمل ۾ آندو ويو. سي آءِ اي جي مهربانين جي نتيجي ۾ ساڄي ڌر جي دانشورن کي مزدور تحريڪ ۾ اهڙي طرح سان داخل ڪيو ويو جو اندرئي اندر پوري عمل کي انتهائي هوشياري ۽ خوبصورتي سان سبوتاز ڪندا رهيا.

ضياءَ آمريت جي دور ۾ ڪنهن به قسم جي خوف ۽ جهجهڪ جي ضرورت به باقي نه رهي. من ماني انداز سان پاڻي وانگر پئسو هلائي مزدور تحريڪ کي ڪچلي ڇڏيو ويو ۽ ڪا به مثبت تبديلي هڪ خواب بڻجي ويئي. ضياءَ دور جي آمريتي دور جي اختتام ۽ پ پ پ جي نئين قيادت کي جن مسئلن سان منهن ڏيڻو ٿو پوي ان مان سڀ کان اهم حيثيت ملڪ جي معاشي بحران کي حاصل آهي. ان جي باوجود نئين حڪومت جيڪا جمهوريت جي دعويدار ۽ علمبردار آهي، اڃا تائين ڪا اهڙي معاشي پاليسي واضح ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي آهي، جنهن سان بهتر مستقبل جي ضمانت ثابت ٿي سگهي. هيءَ حڪومت موجوده بحران ۽ حالتن تي ڪيئن قابو حاصل ڪندي، ان جو جواب وقت ئي ڏيندو.

بهرحال اها هڪ کليل حقيقت آهي ته سامراج جي مضبوط شڪنجي ۾ جڪڙيل رهي ڪري معاشي آزادي ۽ خوشحالي جي خواهش ڪرڻ صرف هڪ فريب آهي ۽ اهو ئي نعرو ذوالفقار علي ڀٽو جي زوال جو اهم سبب به ثابت ٿيو.

تاريخ شاهد آهي ته پورهيت هر دور ۾ پنهنجي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ انهي لاءِ هو وڏي بهادري سان جنگ ڪندا رهيا. حقن جي لڙائي، ڪردار جي پختگي ۽ مطالبن تي ثابت قدمي جي سڀ کان وڏي مثال اسانکي ١٨٨٦ع جي شڪاگو جي واقعن مان ملي ٿي. هي اهو دور هو جڏهن مرد، عورتون، پوڙها ۽ ٻار کان به ڀرپور مشقت ورتي ويندي هئي ۽ انهن کي ان محنت جي نتيجي ۾ ايترو به نه ڏنو ويندو هو جنهن سان انهن جي بنيادي ترين ضرورتن جو پورائو ٿي سگهي. انجي باوجود انهن جنهن ثابت قدمي سان جدوجهد ڪئي آهي اها تمام دنيا جي قومن جي پورهيتن لاءِ هڪ مشعل راهه آهي. تمام تر تشدد جي باوجود امريڪي سامراج ۽ سرمائيدارن کي جهڪڻو پيو. انهن کي ان مجبور و مفلس مزدورن سان سمجهوتو ڪرڻو پيو. اهڙي طرح اڄ جي حالتن ۽ انهن جي مطالبن کي تسليم ڪرڻو پيو. اهڙي طرح اڄ جي حالتن ۾ مزدور طبقي جي ڳاڙهي جهنڊي کي بلند رکڻ لاءِ ضروري آهي ته مزدور طبقي جي سياست کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ سائنسي انداز سان ان کي فروغ ڏئي پاڪستان جي معاشي ۽ معاشرتي نظام ۾ انکي وڌيڪ متحرڪ ڪرڻ گهرجي. ملڪ جي تمام محروم طبقن کي گڏ ڪري انهن ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي جو نئون جذبو پيدا ڪيو وڃي ته جيئن صدين کان قائم استحصالي نظام جي خلاف جدوجهد نه صرف تيز ڪري سگهجي پر ساڳئي وقت جلد از جلد هنن فرسوده ادارن کي پاڙون پٽي ڦٽو ڪجي. حڪمران

باقي ص ٥٥ تي.



ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي پولٽ بيورو جي ميمبر پروفيسر جمال نقوي سان انٽرويو

قسط ٢

اوهان ڏسو آمريڪا ۾ روز بروز تبديلي اچي رهي آهي، اهو ماڻهو جيڪو ڪميونزم خلاف جهاد ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندو هو، صدر ٿيڻ کان پوءِ ان ساڳي ماڻهوءَ هاڻي سوويت يونين سان هٿيارن جي ڊوڙ کي گهٽائڻ ۽ وچولي درجي جي ميزائيلن کي ختم ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي هي سڀ ڪجهه دنيا جي راءِ عامه جي دٻاءَ سبب ٿيو آهي. ۽ هي عوامي طاقت روز بروز وڌندي ۽ مضبوط ٿيندي، ان ڪري اسان کي به پنهنجو مستقبل روز بروز روشن ٿيندو نظر اچي رهيو آهي. مستقبل اونداهو نه آهي.

سوال: ايران ۽ افغانستان ۾ تبديلي اچڻ کانپوءِ ڪافي حد تائين جيڪا علائقي ۾ تبديلي آئي آهي ۽ حالتون ڀهرئين کان مختلف ٿيون آهن ۽ موجوده حڪومت کي به پاڙيسري ملڪن چڱي نموني ٻلي ڪار چئي آهي ڇا اوهان جي خيال ۾ اندروني ۽ ٻاهرين سپورٽ جي باوجود به هن کي ڪي اندروني قوتون ناڪام ڪري سگهن ٿيون؟

جواب: اها ڳالهه اوهان جي درست آهي ته موجوده چونڊيل حڪومت کي اندروني ۽ بيروني حمايت حاصل آهي پر اتي هڪ ڳالهه هي به آهي ته جيڪڏهن هي ملڪ هٿيارن جي ڊوڙ ۾ نه ٿو اچي، يا هي ملڪ چوڪيدار يا ٺاڻيدار وارو ڪردار ادا نه ٿو ڪري، ته پوءِ ٻين ملڪن کي به ڳڻتي نه ٿيندي ۽ ٻيا ملڪ به آرام ۾ رهندا ۽ مان نٿو سمجهان ته ڪوئي پاڙيسري ملڪ اسان لاءِ خطري جو باعث بڻجي سگهي ٿو، پر منهنجي ذهن ۾ جيڪو سوال اڀري ٿو ته ماضي ۾ ڪنهن خطرو پيدا ڪيو ڇا ايوب خان ۽ يحيٰ خان جون آمرانه حڪومتون ۽ بدترين مارشلائون ڪنهن ٻئي ملڪ جي خطري ڪري آيون هيون. نه منهنجي خيال ۾ اسان کي ڪنهن ٻئي ملڪ مان خطرو نه هو ۽ نه ئي ڪا اهڙي ڳالهه هئي هر اصل ۾ چونڊيون وقت سر نه ٿي رهيون هيون ۽ مختلف قوميتن به پنهنجا پنهنجا حق گهرڻ شروع ڪري ڏنا هئا، ۽ ٻيون به ڪافي شيون هيون جن ڪري مارشل لا لڳڻ هنن لاءِ ضروري ٿي ويو. ته منهنجي خيال ۾ هي علائقو هاڻي ڀهريائين کان وڌيڪ پرامن ٿي ويندو ۽ ٿيو به آهي خاص طور تي سارڪ جي ٺهڻ کانپوءِ. افغانستان جيڪو سارڪ جو ميمبر به ڪونه آهي تنهن به ميمبر شپ لاءِ درخواست ڏني آهي ڇو ته هي ملڪ به هاڻي پاڻ کي ساؤٿ ايشيا جو حصو سمجهي ٿو نه ڪي ويسٽ ايشيا جو. ٻن ڳالهين جو مان خاص طور ذڪر ڪندس هڪ ته وزير اعظم صاحبه چيو آهي ته هو هٿيار گهٽائيندي. ٻي ڳالهه ته جيڪي شيون اسان بيروني قبضي جي ڪري ڇڏي ڏنيون هيون انهن شين ڏانهن اسان جي توجه ٿي آهي. ۽ سارڪ ۾ اسان کي پهريون دفعو اهي شيون نظر آيون آهن جن لاءِ اسان وٽ تصور به نه هيو ڪري سگهجي.

اسان اها ٽوپي ڏني جيڪا اسان مٿي تي رکندا آهيون، اسان اها گوڏ ڏني جيڪا اسان ٻڌندا آهيون، اسان اهو پٽڪو ڏنو جيڪو اسان پنجاب ۽ سرحد ۾ پائيندا آهيون. اهي سڀ شيون اسانجي ثقافت جو حصو آهن ته اسان انهن شين کي ڏنو ۽ اسان مان فراريت جو احساس به ختم ٿيو جيڪو بيروني قبضي جي ڪري اسان ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ان کان اسان کي نجات ملي ۽ اهڙي طرح مختلف قومن ۾ ڀائيچاري جو احساس پيدا ٿيو آهي.

سوال؟ افغانستان ۾ جيڪا نئين صورتحال پيدا ٿي آهي. پاڪستان ۾ جمهوريت تي ان جا ڪهڙا اثرات مرتب ٿيندا؟

جواب: افغانستان ۾ جيڪا نئين صورتحال پيدا ٿي آهي منهنجي خيال ۾ ان جا پاڪستان جي صورتحال ۾ مثبت اثرات مرتب ٿيندا. ضياءَ دور ۾ جونيجي حڪومت جيڪو جنيوا ناهه ڪيو هو تنهن سڄي عوام ۽ سياستدانن کان مشورو ڪيو هو ۽ هن مسئلي تي سڀني پارٽين ۾ هم خيالي هئي نه

جنيوا ناهه ٿيڻ گهرجـــي البت ڪجهه عـوام دشمن قوتن مسئلي کي بحران واري صورتحال ۾ ٻه آڻڻ جـــي ڪوشش ڪئي هئي. بهرحال موجوده حڪومت منهنجي خيال ۾ تـه محدود اختيارات جي باوجود خاص طور تي خارجه پاليسي جي باري ۾ ائين پيو لڳـي چڻ هن۾ ضياء حڪومت جون چتيون لڳل هجن چو ته ساڳئي اڳوڻي حڪومت جـي انتظامي مشينري آهي اهي ئـي وزير اهي ئي سفير آهـن، جيڪي ضياء حڪومت ۾ هئا. ته هن جي باري ۾ حتمي طور ڪجهه چئي نـــه ٿو سگهجي پر تنهن هوندي ٻه بي نظير ڀٽو جي حڪومت ۾ هــي آساني ٿي جو سوويت فوجـون معاهدي مطابق واپس ويون آهن ۽ انهن جي واپس وڃـڻ سان اهـــي ماڻهو جيڪي هن ملڪ کـــي هٿيارن جو ڊيپو بناڻـڻ گهرن ٿـا ۽ افغانستان ۾ مداخلت جو جواز سوويت فوجن کي پيش ڪندا هيا ته انهن جي لاءِ ـي ڪمزور ٿـــي آهي ۽ انهن جا مقصد ڪمزور ٿيا آهن. هاڻي ته آمريڪي صدر جارج بش ٻـه

هن لهجي ۾ ڳالهائي ٿو ته طبيعت نه ٿي چوي ته مان افغان مجاهدن کي هٿيار ڏيڻ بند ڪري ڇڏيان ته هي معذرت خواهانه لهجو آهي چو ته هاڻـــي انهن وٽ ٻه هٿيار ڏيڻ جو جواز نه رهيو آهي. جيتري هٿيارن جي سياست گهٽ ٿيندي ايتري ئـــي عوامي راءِ عامه جي سياست وڌندي ۽ راءِ عامه جـــي جيڪا سياست هوندي آهـي اها جمهوريت جي جان هوندي آهي مان سمجهان ٿو ته افغانستان جو مسئلو حل ٿيڻ سان هتي جمهوريت جا امڪان وڌندا. ٻـي ڳالهه ته روس جـــون چين سان جيڪي

ڳالهيون ٿيون آهن ان سان چين جـي رويي ۾ مثبت تبديلي آئي آهي ۽ روسي فوجن جي وڃڻ سان ان ۾ وڌيڪ مثبت تبديلي جا ٻه امڪان آهن. جيڪڏهن اهو رويو ائين ئي مثبت رهيو ته ان سان وڌيڪ ڪشيدگي جا امڪان ٻه گهٽ ٿيندا ۽ جيڪڏهن ڪشيدگي جـا امڪان ٻـــه گهٽ ٿيندا ۽ جيڪڏهن ڪشيدگي گهٽ ٿيندي ته هن ملڪ ۾ جمهوريت ٿي هلڻ جون راهـون وڌيڪ کلنديون ۽ جمهوريت جا امڪان وڌندا.

سوال: افغانستان ۾ روســـي فوجن جي وڃڻ کانپوءِ صورتحال

افغان حڪومت ۾ ٻه جيڪا گروپ بندي پهريان هئي سا به هاڻي ختم ٿي وئي آهي

افغان حڪومت جي ڪنٽرول ۾ رهندي يـــا ان ۾ ڪنهـن وڏي تبديلي جا امڪان آهن؟

جواب: مان عرض ڪريان ته پيشنگوئـي ڪرڻ ڏکـــي ڳالهه آهي هن کي پاڪستان جي رويي جي پس منظر ۾ ڏسڻ کپي. سڄي دنيا هن مسئلي تـي توجهه ڏيئي رهي آهـي ته ڇا ٿيڻ وارو آهي پر جيڪي مفروضا ڏاهيا ويا آهن **اهي غلط آهن ته روسي فوجن جي وڃڻ سان نجيب حڪومت ختم ٿي ويندي، اهو سڀ غلط آهي اها صورتحال قطعي طور ائين نه آهي جيئن پيش ڪئي پئي وڃي. ڪيترا ڏينهن اندروني جنگ جاري رهندي ان جـي بـاري ۾ اڳ ۾ ڪجهه ٻه چئي نـه ٿو سگهجي. جنگ ته** جنگ آهي. آخري فتح ڪنهن جي ٿيندي ان لاءِ ٻـه اڳ ۾ ڳالهه نٿي ڪري سگهجي، افغان انقلاب جي ڪاميابي سان افغان معيشت ڪافي ترقي ڪري چڪي آهي ۽ انهن ۾ نون سياسي عنصرن جو ٻه واڌارو ٿيو آهـي ۽ انهن نون عنصرن کي ختم ڪرڻ ايترو آسان نه آهـــي. مان اوهان کي مثال ڏيئي ٻڌايان هڪ عورت يا ڪٽنب جون عورتون تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول يا ڪاليج تائين پڙهڻ وڃـــن ٿيون ۽ ٻاهـريـون آزاد ماحول ڏسن ٿيون. ڪيس چادر چار ديواري ۾ قيد ڪرڻ مشڪل ڪم آهـي. افغانستان ۾ ڪيترن هارين زمين حاصل ڪئي آهي ۽ افغان نوجوان روسي ادارن ۾ جديد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. تنهن منهنجي خيال ۾ هــي سڀ شيون اڳيان وڌنديون ۽ انهن سيني عنصرن کي ختم ڪري بنياد پرست مجاهد حڪومت تي قبضو ڪري وٺن مونکي اهڙو امڪان نظر نٿو اچي ۽ ٻي ڳالهه ته هاڻي روسي فوجن جي وڃڻ کانپوءِ نجيب حڪومت پاڻ مسئلن کي سنڀالڻ شروع ڪيو آهي ۽ پاڻ ٻه تجربو حاصل ڪري رهي آهي. فرض ڪيو ته جيڪڏهن ڪا بدترين صورت ٻه پيدا ٿي وڃي ته افغانستان ٻن حصن ۾ ورهائجي ٻـه سگهي ٿو پر ان جا امڪان تمام ٿورا آهن. افغان حڪومت ۾ ٻه جيڪا گروپ بندي پهرئين هئي سا هاڻي ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ته هو پنهنجي حڪومت جو ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي تحفظ ڪندا. پاڪستاني سڌ سماء جـ ذريعا ٻــه جيڪو بيان ڪن ٿا ته پاڪستاني انٽيليجنس انهن رجعت پسندن کـــي متحد ڪري رکيو آهي تنهن هوندي ٻـــه ايران وار شيعه افغان پاڪستاني سرحدن ۾

رهندڙ مجاهدن سان گڏجڻ لاءِ تيار نه آهن. انهن پاران بائيڪاٽ ڪيو ويو آهي. هنن جو هن ڳالهه سان اتفاق آهي ته انقلاب اڳتي نه وڌي. اصل ۾ هنن ڪي سندن مستقل مفادن ٿي گڏي رکيو آهي. اهي مفاد آهن افغانستان جي غريب عوام جي ڦرلٽ ڪرڻ جا. مثال طور جيڪڏهن انقلاب ناڪام ٿو ٿئي ته پوءِ به ڪامريڊن لاءِ صرف ايجنڊا تي هڪ ئي نقطو هوندو ته انقلاب برپا ڪيو وڃي. آخر اوهان آڏو فرانس جو [illegible] فرانس ۾ پيرس ڪميون ٺهيو پر اهو ناڪام ويو. ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته هاڻي فرانس ۾ انقلاب ئي نه ايندو. فرانس ۾ انقلاب ايندو ۽ ضرور ايندو.

سوال: نومبر جي چوندن

ماڻهو [illegible] تا [illegible] کي گهٽ ملي ٿو ۽ ڪن کي وڌيڪ، وڌيڪ ڪنهن کي ملي ٿو. پاڪستان جي رجعت پرست حڪمران طبقي کي، جنهن ۾ مختلف قومن جا جاگيردار ۽ وڏيرا شامل آهن. پر سڀ کان وڏو حصو پنجاب کي ملي ٿو. نواز شريف ۽ آءِ جي آءِ وارن جي ڳالهين [illegible] هنن جا طبقاتي مفاد آهن. هي پنجاب جي هاري ۽ مزدور کي ڪجهه به ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن پر پنجابي هاري کي سنڌ جي مقابلي ۾ آڻي [illegible] متحد ڪرڻ واري قوم پرستي نه آهي. هنن جي قوم پرستي ۾ جمهوري قدر شامل نه آهي پر هنن جي قوم پرستي ٽڪراءَ واري قوم پرستي آهي! هن قوم پرستي جو مطلب آهي ته يا اوهان منهنجي

جي اچڻ سان هنن واويلا ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي پر اسان سمجهون ٿا ۽ ماڻهن کي ٻڌائڻ به گهرون ٿا ته هي خاص طبقن جو نيشنلزم آهي. هي پنجاب جي رولنگ ڪلاس جو نيشنلزم آهي، هي هڪ ٻئي خلاف محاذ آرائي ڪرائڻ وارو نيشنلزم آهي. ان ڪري اسان ان جي خلاف آهيون.

سوال: سورنهين نومبر ۽ اوڻهين نومبر وارين چوندن ۾ فرق آهي ۽ ضمني چوندن ۾ اهو فرق وڌيڪ گهرو ٿيو آهي. اوهان هنن چوندن ۽ ان مان پيدا ٿيل صورتحال کي ڪيئن ڏسو ٿا؟

جواب: مون اوهان کي اڳ ۾ عرض ڪيو هو ته هي سڀ ڪجهه ضياءَ دور جو تسلسل آهي ۽ هي ان جو ئي حزو آهي ۽ پوءِ

ڪن کي وڌيڪ ملي ٿو ڪن کي گهٽ ملي ٿو پاڪستان جي رجعت پرست حڪمران کي وڌيڪ ملي ٿو........!

کانپوءِ پنجاب ۾ پوزيشن اڳ کان مختلف رهي آهي ۽ ڪجهه نوان رجحان پيدا ٿيا آهن. اوهان هنن نون رجحانن کي ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا ۽ مستقبل جي ملڪي سياست تي انجا ڪهڙا اثر مرتب ٿيندا؟

جواب: مان عرض ڪريان ته قومي حقن ۽ صوبائي معاملن ۽ قوميتن جي جيڪا ڳالهه ٿي رهي آهي ۽ پنجاب ۾ آءِ جي آءِ جا وڏا ليڊر مثلن نواز شريف پنجابي شاونزم جي ڳالهه ڪري ٿو ان کي مان هن نظر سان ڏسان ٿو. مان سمجهان ٿو ته اسان وٽ پنجاب وانگر ٻين صوبن ۾ به ان قسم جون ڳالهيون ٿين ٿيون، ڇاڪاڻ ته ڪن علائقن ۾ گهڻي ترقي ٿي آهي ۽ ڪن ۾ گهٽ اهڙي طرح ناهمواريون پيدا ٿيون آهن ان تي

تابع ٿيو يا مان اوهان جي تابع ٿيان. هي صرف استحصالين جي قوم پرستي آهي، ڇو ته اڃان ناهمواريون آهن ۽ جمهوري عمل اڃا هاڻ شروع ٿيو آهي ۽ هي استحصالي طبقو هن نئين جمهوري عمل کي مختلف بهانن سان ختم ڪرڻ گهري ٿو. اسان اهو چاهيون ٿا ته هر صوبي کي پنهنجن اندروني معاملن کي قومي ۽ جمهوري انداز سان هلائڻ گهرجي جيئن ڪنهن ٻئي صوبي ۾ مداخلت جو عمل نه ٿئي پر اهي ماڻهو جيڪي ٻين جا حق پنهنجي پيٽ ۾ وجهون وينا آهن انهن کي هن نوزائيده جمهوري عمل مان خطرو محسوس ٿي رهيو آهي ڇو ته هو سمجهن ٿا ته اڄ هي ماڻهو پنهنجي ووٽ جي ذريعي جمهوري حق حاصل ڪري وٺندا. ان ڪري جمهوريت

کان وڏو جزو پنجاب جو آهي. مان سمجهان ٿو ته سڀ کان وڏو جزو هجڻ ۽ ڪل هجڻ ۾ فرق آهي. سنڌ ۾ جتوئي صاحب ۽ ان جا پيا ساٿي واويلا ۽ شور مچائي مرڪز ۾ ويٺل ان حڪومت جي مخالفت ڪن ٿا جنهن عوام جو زيادهِ اعتماد حاصل ڪيو آهي ۽ [illegible] جي چوندن ڪري اڄ سان ملڪ جي سالميت مضبوط ٿي آهي ۽ اهي ماڻهو جيڪي ملڪ جي سالميت جا ٺيڪيدار آهن انهن ته هنن جو رکيو اقتدار ويندو [illegible] اڪثريت طبقن جون ته جانيون وينديون ان ڪري هو پنهنجي مفاد جي ڪري بي نظير جي حڪومت بچائڻ گهرن ٿا هاڻي بي نظير هنن کي ڪيترو ڪيش ڪرائيندي هي هن جو ڪم آهي ان لاءِ في الحال ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

هاسندڙ

پاڪستان ۾ قوميتي مسئلو

ڊاڪٽر فيروز احمد

شعور نظاماڻي

قسط ٢

خاردار تارون ۽ بيگار ڪئمپون انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ عام هيون. ريلون پٽڙين تان لاهڻ، شاخن ۾ گهارا وجهڻ ۽ پوليس پارٽين کي گهات هڻڻ پڻ عام هو. بغاوت روڪ آپريشن ۾ مدد لاءِ پنجاب کان پوليس آندي ويئي. اهم ڳالهه جنهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، سا اها حقيقت آهي ته انهن مشڪوڪ حالتن جي باوجود، حر هلچل جو اصل مقصد سنڌ جي آزادي هو.

پير صبغت الله پاڳاري دعويٰ ڪئي هئي، ته سنڌس وڏڙن جي اڳڪٿي هئي ته، سندس پيڙهيءَ جو گادي نشين سنڌ تي راڄ ڪندو. جيتوڻيڪ سندس خيال آپيشاهي وارو راڄ قائم ڪرڻ جو هو، تڏهن به هن برطانيه کان سنڌ جي آزاديءَ جو نعرو هنيو هو. جيئن اميد هئي، ان هلچل سنڌي ماڻهن جي قومي شعور کي نئين سگهه ڏني.

مسلم ليگ واري تحريڪ جي پيٽ ۾ هن هلچل ۾ تمام وڏيڪ تعداد ۾ عام ماڻهن حصو ورتو، جيتوڻيڪ اها به ساڳئي دور ۾ جاري هئي. نه رڳو ائين، پر پير ۽ سندس پوئلڳ، پاڪستان جي تحريڪ جي اڳواڻ مسٽر محمد علي جناح کي گهڻو پسند به ڪونه ڪندا هئا.

امڪان پوريون نه ٿيڻ

قومي اڏاوت جو عمل، سدائين ڏاڍو پيچيده هوندو آهي، خاص طور تي گهڻ قومي رياستن ۾ پاڪستان لاءِ اهو ڪم، پيسن ڪيترن ئي نون آزاد ٿيل ملڪن جي پيٽ ۾ اڃان به وڌيڪ ڏکيو هو، اوڀر بنگال، جنهن ۾ ملڪي آباديءَ جي اڪثريت هئي، ان جي اولهه پاڪستان کان جاگرافيائي دوريءَ کانسواءِ پنجن صوبن مان هرهڪ جي پنهنجي مخصوص قوميت هئي، جن جي، برطانوي قبضي کان اڳ پنهنجو مڪمل طور تي خود مختيار رياست يا نجي خودمختيار رياست هئي. جنهن کانسواءِ اهي صوبا پنهنجي ايراضي آبادي، وسيلن، سماجي ترقيءَ جي سطح، ۽ اقتدار کان ويجهڙائيءَ ۾ هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف هئا. ١٩٤٧ع ۾ هندوستان جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ آباديءَ جي لڏپلاڻ پڻ، ڪين مختلف نموني متاثر ڪيو. سڌي ييئڪي راڄ جي خاتمي جي نتيجي ۾، انتظامي اختيار وڏي پئماني تي سول ڪامورا شاهي جي هٿن ۾ اچي ويو، جنهن ۾ گهڻائي پنجابين ۽ اردو ڳالهائيندڙ ۽ هندستاني پناهگيرن جي هئي. ابڀرندڙ اقتصادي قوت، سرمائيدار طبقو هو، جيڪو پڻ تقريبن مڪمل طور تي پنجابين ۽ هندستان مان لڏي آيل ڪاٺياواڙين تي مشتمل هو. زميندار طبقو، جيڪو پنجاب ۽ سنڌ ۾ گهڻو طاقتور هو، سو هڪ جديد رياست ۾ سياسي اڳواڻي ڪرڻ جي قابل نه هو، ۽ ان جي اقتصادي سگهه گهڻي ڀاڱي مقامي نوعيت جي هئي. آخر ۾ اها فوج هئي، جيڪا پاڪستان جي آمريڪا سان اتحاد جي نتيجي ۾، ملڪ جي سڀ کان مٿيري سياسي قوت جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. هي ادارو پڻ بنيادي طور تي پنجابين تي ٻڌل هو، پر ان ۾ تازو پشتونن پڻ سگهاري ٻئي نمبر جي حيثيت حاصل ڪئي آهي. دولت، اقتدار ۽ قوميتي معاملن جي اهڙي حالت ۾، گهٽ رعايت يافته قوميتن کي اوپرائپ کان بچائڻ لاءِ نهايت خبرداريءَ ۽ احتياط جي ضرورت هئي.

پر پاڪستان جي حڪمرانن ان جي ابتڙ طريقو اختيار ڪيو. هنن مرڪزيت پسند وحداني طرز حڪومت لاڳو ڪرڻ گهريو، ۽ ملڪ کي طاقتور اقتصادي ۽ سياسي طبقن ۽ گروهن جي هيڄ جو شڪار بنائي ڇڏيو.

سنڌين جي محرومي

پاڪستان جي حڪمرانن جي بي حسي ۽ بيدرديءَ جو نتيجو ١٩٧١ع ۾ اوڀر بنگال جي پاڪستان کان علحيدگي جي شڪل ۾ نڪتو. پر هن تجربي مان ڪو به سبق نه پرايو ويو ۽ ١٩٧٣-١٩٧٧ع تائين وري بلوچن کي فوجي ڏاڍ جو نشانو بڻايو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ بلوچ پاڪستان کان بلڪل ويڳاڻا ٿيڄي ويا. تازو جڏهن سنڌي ماڻهن پاڪستاني فوج خلاف قومي هلچل هلائي، تڏهن انهن به جن سنڌن ناراضپي جي بنيادن جو تجزيو ڪرڻ جو خيال رکيو تن به، ١٩٧٧ع کان آرميءَ جي سنڌي ماڻهن سان غير معمولي طور سخت

ترين ورتاءَ کي الزام ڏيڻ بدران، فقط ٿورو اڳڀرو ٿي، سنڌي ماڻهن جي 'مايوسي' جي ڪجھ سماجي، اقتصادي ڪارڻن تي روشني وڌي انهن مان ڪنهن به اهو ڪونه چاڙهيو ته سنڌي ماڻهن تي ٿيندڙ قومي جبر، ١٩٧١ع کان اڳ بنگالين سان ٿيندڙ جبر کان به وڌيڪ سخت آهي، ۽ سنڌن محروميءَ کي فقط فلسطينين ۽ آمريڪي انڊينس سان ڀيٽي سگهجي ٿو. اها ڪا وڌاءَ واري دعوا ڪانهي. ١٩٤٧ع کان سنڌين سان ٿيندڙ ورتاءَ جي اپياس مان اهڙو اندازو ڪري سگهجي ٿو. مکيه واقعا ۽ پاليسيون، جن سنڌ ۾ ناراضپي واري صورتحال کي جنم ڏنو آهي، تن کي سولائي خاطر هيٺ چئن درجن ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.

آبادياتي: هندوستان ۽ پاڪستان وچ ۾ آباديءَ جي لڏ پلاڻ جي ڪري، جتي پنجاب ۽ سرحد صوبن ۾ نسلي طور وڌيڪ هڪجهڙائي پيدا ٿي، ۽ بلوچستان تي ڪوبه اثر نه ٿيو، اتي سنڌ ان کان ڊرامائي طور تي متاثر ٿي، جتي سنڌين جو تعداد مطلقن ۽ نسبت طور گهٽجي ويو. ڏهه لک کن هندو سنڌي هندوستان ويا، ۽ سنڌن جاءِ تي ڏهه لکن کان وڌيڪ ماڻهو جيڪي گهڻي ڀاڱي اردو ڳالهائيندڙ هئا، هندوستان مان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. سنڌ جي هيٺين حصي ۾ صنعت ۽ واپار جي مرڪوزيت جي ڪري پنجاب ۽ سنڌ مان ماڻهو لڳاتار اچي رهيا آهن، لکين بهارين کي بنگلاديش مان گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويو. آدمشماريءَ جي اڻپوري سرشتي جي ڪري، ڪنهن کي به صحيح تعداد جي خبر ڪانهي، پر عام طور تي اهو سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌي سنڌن پنهنجي صوبي ۾ اڳيئي اقليت ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ پاڪستان جي سمورن صوبن کان وڌيڪ شهر-ڪاري (Urbanzation) (اٽڪل ٤٥%) آهي، تنهن هوندي به سنڌس ڪنهن به مکيه شهر ۾ سنڌين کي واضح اڪثريت ڪانهي. جيتوڻيڪ اهو آبادياتي لاڙو، هندو-پاڪ عام لڏ پلاڻ وارن سالن کانسواءِ سنڌ تي اقتصادي غلبي ۽ استحصال جو نتيجو آهي، پر ناانصافين ۽ محرومين کي برقرار رکڻ لاءِ، انهيءَ کي هاڻي هڪ عقلي جواز ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي.

سنڌين سان ٿيندڙ قومي جبر ١٩٧١ع واري بنگالين سان ٿيندڙ جبر کان به وڌيڪ سخت آهي

اقتصادي: پاڪستان جي اڌ کان وڌيڪ صنعت سنڌ ۾ آهي. پر سنڌين جو عملي طور تي ان ۾ ڪوبه حصو ڪونهي، نه مالڪن/مئنيجرن جي صورت ۾ ۽ نه پورهيتن جي شڪل ۾ واپار، ٽرانسپورٽيشن، اڏاوت ۽ خدمتن وارو نفعي بخش شعبو جيڪو پاڪستان جي Gross domestic Product جو ٥% آهي، سو به گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ آهي. پر سنڌين جو ان ۾ ٿورڙو حصو به ڪونهي. سرڪاري ملازمت ۾، تعليمي ادارن ۽ ٻين سفيد ڪالر وارن ڪمن ۾ پوري پاڪستان توڙي فقط سنڌ ۾ سنڌين جو حصو، سنڌن آباديءَ جي تناسب جي لحاظ کان گهڻو گهٽ آهي. ٧٠-١٩٦٩ع ۾ سنڌي شاگردن پاران ڪيل هڪ سروي ۾ ڄاڻايو ويو ته سنڌ ۾ خانگي صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ ڏهه لک ڪارڪنن مان وڌ ۾ وڌ هڪ هزار سنڌي هئا. صوبي جي ڏهه هزار کان وڌيڪ بئنڪ ملازمن مان فقط ٢٥٠ سنڌي هئا. مرڪزي حڪومت جي ملازمتن ۾ ڏهه هزار تي هڪ سنڌي هو، جڏهن ته سنڌ حڪومت ۾ سنڌي ٤٠ سيڪڙو کان به گهٽ هئا. وڌيڪ اهم ڳالهه اها ته سنڌي گهڻي ڀاڱي گهٽ درجي ۽ گهٽ پگهارن وارين نوڪرين تي هئا. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ صورتحال ۾ ڪجھ سڌارو آيو، جڏهن ڪجھ سنڌين کي نيشنلائزڊ شعبن ۾ نوڪريون مليون پر فوجي حڪومت، سرڪاري ملازمن ۽ سرڪاري شعبي جي ادارن مان هزارين سنڌين کي ڪڍي ڇڏيو.

زرعي زمينون سنڌي (زميندار) اقتصادي سگهه جو مرڪز سمجهيون وينديون هيون. پر پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ صورتحال ۾ تيزيءَ سان تبديلي اچي ويئي. هندستان لڏي ويندڙ هندن پاران ڇڏيل اٽڪل ويهه لک ايڪڙ زمين، بي زمين سنڌي هارين ۾ ورهائڻ بدران پناهگير ڪليم رکندڙن کي ڏني ويئي. ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج جي اڏاوت سبب پوک هيٺ آيل زمين مان ڏهه لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين، غير سنڌي فوجي ۽ سول آفيسرن کي ڏني ويئي، يا خوشحال پنجابي آبادگارن، نيلامن ۾ پڳڙن مٿ تي "خريد" ڪئي، سنڌ جي پلي زرعي زمين جو ٤٠ سيڪڙو غير سنڌين جي هٿن ۾ ڏنو ويو، جڏهن ته ڪل سنڌي هارين جي ٽي ڀاڱي چار حصي وٽ بلڪل زمين ڪانه هئي، ان سان

گڏوگڏ زمين جو وڏو حصو اڳي ئي ڪجهه وڏن سنڌي زميندارن جي هٿن ۾ هو.

هن نئين صورتحال عام سنڌي جي حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيو. سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي ورهاست بابت پنجاب ۽ سنڌ وچ ۾ ١٩٤٥ع ۾ ٿيل ٺاهه جي پيچڪڙي جو به گهڻو اثر سنڌي زميندارن بدران هارين تي پيو. سنڌ جي مرضيءَ کان سواءِ نيون آبپاشي جون رٿائون تعمير ڪيون ويون، جنهن جي نتيجي ۾ آبپاشيءَ جي پاڻي ۾ سنڌ جو حصو گهٽجي ويو. ايوب خان پاران، ترقيءَ جي نئين بينڪي سرمايه دارانه ماڊل تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾، ٻين شعبن جي مقابلي ۾ زراعت لاءِ نهايت ئي نقصانڪار واپاري شرط وجود ۾ آيا. جيتوڻيڪ هن پاليسيءَ جا اثر ملڪي سطح تائين ڦهليل هئا. پر سنڌي ماڻهن جي زراعت تي وڌ کان وڌ دارومدار جي ڪري انهن تي واضح طور وڌيڪ اثر ٿيو. انهن واپاري شرطن کي ڀٽي جي دور ۾ ڪجهه سڌاريو ويو، پر فوجي حڪومت لاءِ آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ جي دٻاءُ تحت ڪيٽريون ئي زرعي سبسڊيز ختم ڪري شهرن ڏانهن جهڪاءُ جو لاڙو رکيو.

تازو بدين ويجهو وڏي مقدار ۾ تيل لڌو آهي، جنهن بابت اڳيئي سوال ڪيو پيو وڃي ته ان کي مقامي آباديءَ جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو يا بلوچستان جي قدرتي گئس واري نموني ان کي ٻاهر ڪڍيو ويندو.

سياسي: مرڪزي صوبي ۾ لاڳاپن جي شروعات غلط بنيادن تي ٿي. پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، مرڪزي حڪومت نه فقط قاعدن قانونن بلڪ شائستگيءَ جي بنيادي اصولن کي به ريٽي ڇڏيو. جن معاملن تي ان سنڌي سياستدانن کي انتظامي ڪارروايون جو نشانو بنايو ۽ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ان جنهن بيدرديءَ جو مظاهرو ڪيو، اهي اڄ ناقابل يقين ٿا لڳن، پر اهي حقيقتون افسانن کان به وڌيڪ عجيب آهن. شروعات ۾ مرڪزي حڪومت، محمد ايوب کهڙي لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي حمايت کان ڪن لاتار ڪندي، سر غلام حسين هدايت الله کي سنڌ جو وڏو وزير مقرر ڪيو. جنهن بعد ڪيس گورنر ۽ کهڙي کي وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. مرڪزي حڪومت، سنڌ مان هندن کي لڏائڻ لاءِ فرقيوار فساد شروع ڪرائڻ گهريا ٿي، جيئن مهاجرن لاءِ جڳهه پيدا ٿي سگهي، کهڙي ان کان انڪار ڪيو، ۽ انهن ماڻهن کي سزائون ڏنيون، جيڪي پناهگيرن جي غلبي واري ڪامورا شاهيءَ جي چرچ تي بدانتظامي پيدا ڪري رهيا هئا. کهڙي، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ لاءِ پڻ انڪار ڪيو. جنهن تي مرڪزي حڪومت ڪيس هٽائي جيل اماڻي ڇڏيو ۽ پيرالاهي بخش نالي هڪ ڪاٺ جي گڏي کي غير قانوني طور وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. ١٩٤٨ ۾ هن سنڌين کي سنڌن مکيه شهر ڪراچي کان محروم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو، جنهن کي سنڌ کان ڌار ڪري ”وفاقي راڄڌانيءَ جي ايراضي“ قرار ڏنو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ان ڇڙ جوڳي حالت ۾ ڦاسي پئي، جو سندس حڪومت ان شهر ۾ هئي، جنهن جو سائس واسطو نه هو، ڇو ته صوبي جي ٻئي ڪنهن شهر ۾ اهي بنيادي سهولتون نه هيون، جيڪي صوبائي حڪومت لاءِ گهرجن. پير الاهي بخش جڏهن مرڪز لاءِ اهو ڪڏو ڪم مڪمل ڪيو ته، ڪورٽ نهايت آسانيءَ سان سندس مقرريءَ کي غيرقانوني قرار ڏيئي ڇڏيو. پوءِ مرڪزي حڪومت، يوسف هارون کي مقرر ڪيو، جيڪو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به نه هو، جلد ئي ڪيس هٽائي قاضي فضل الله کي مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد کهڙي کي واپس آندو ويو ۽ جلد ئي ڪيس هٽايو ويو. جنهن بعد مرڪز سنڌ ۾ هڪ پنجابي وڪيل دين محمد جي نظرداريءَ هيٺ گورنر راڄ لاڳو ڪيو. جڏهن مرڪز کي مير غلام علي ٽالپر جي شڪل ۾ هڪ مقرر ڪرڻ جوڳو اميدوار مليو ته گورنر راڄ ختم ڪيو ويو، پر ان به مرڪزي حڪومت جي ڪجهه بدترين سنڌ دشمن منصوبن جي مزاحمت ڪئي ۽ ڪيس هٽايو ويو. تڏهن، غير معمولي حالتن تحت، عبدالستار پيرزادي کي مرڪزي وزارت مان آڻي، سنڌ وزارت جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. تيستائين، مرڪزي حڪومت جا ملڪ ۾ آمريت آڻي، ۽ سنڌ جي سڃاڻپ ختم ڪرڻ جا منصوبا پڌرا ٿي چڪا هئا. پيرزادي جي

کهڙي ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ لاءِ انڪار ڪيو، جنهن تي مرڪزي حڪومت ڪيس جيل اماڻيو.

اڳواڻيءَ ۾ سنڌ اسيمبلي قانون ٺهراءَ پاس ڪري، سنڌ کي ڪراچي موٽائي ڏيڻ ۽ سنڌ جي قومي حقن جي تحفظ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو فوجي آفيسرن کي سنڌ جون زمينون ڏيڻ جي ڪوشش جي مخالفت ڪئي. سنڌ ۾ آبپاشيءَ جون ٻه رٿائون تعمير ڪرڻ جي منظوري ڏني. سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي ورثي تي تحقيق جي ادارن لاءِ رقم منظور ڪئي ۽ ون يونٽ جي قيام جي مخالفت ڪئي. عبدالستار پيرزادي، قومي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي گورنر جنرل جا اختيار گهٽائڻ لاءِ ووٽ ڏنو. اهو سڀڪجهه، مرڪزي حڪومت جي غضب کي دعوت ڏيڻ لاءِ ڪافي هو، ۽ کيس پڻ مرڪز پاران هٽايو ويو. آخرڪار، پنهنجن مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مرڪزي حڪومت مسٽر کهڙي کي وڏي وزير طور واپس آندو، جنهن کي اڳ ۾ به پيرا هٽايو، جيل ۾ وڌو ۽ سرڪاري عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو هو.

مرڪز جي لاڏلي طور ڪم ڪندي، هن پيري کهڙي ڏاڍ ۽ دٻاءَ وارا حربا استعمال ڪيا، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي پنهنجي چوڌاري گڏ ڪرڻ ۽ ”ون يونٽ“ جو بل منظور ڪرڻ لاءِ هن اغوا، نااهلي ۽ داب دڙڪي وارا طريقا ڪم آندا. اهڙي ريت ١٩٥٥ع ۾ صوبن کي ”ون يونٽ“ ۾ تبديل ڪري سندن سڃاڻپ کي به ختم ڪيو ويو. ٽپال کاتي جي عملي کي هدايت ڪئي وئي ته ڪو اهڙو خط جنهن تي ”سنڌ“ جو لفظ لکيل هجي، ماڳ تي نه پهچايو وڃي. پنجاب جي ١٠٠٠ ملين رپين جي گهاٽي کي جزوي طور پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اڪائونٽ جا واڌو ٣٣٠ ملين رپيا استعمال ڪيا ويا. قوميتن ۾ وڌندڙ مايوسين، محرومين ۽ شديد نفرتن جي ڏيڊ ڏهاڪي کانپوءِ ١٩٧٠ع ۾ ”ون يونٽ“ ٽوڙيو ويو ۽ اصل صوبا ٻيهر جوڙيا ويا. ”ون يونٽ“ جي پهچايل نقصانن کي ختم ڪرڻ خطري کان خالي نه هو.

سنڌ جي شهرن ۾ سنڌين جو هڪ پورو نسل جوان ٿي چڪو هو جن وٽ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جو ڪو تصور ئي نه هو. ۽ نه ئي اهو ته ڪراچي سنڌ جو حصو آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪجهه هيٺين درجي جي صوبائي حڪومت جي ملازمت جي اچڻ کي مريخي ماڻهن جو حملو ليکيو ويو، ۽ سنڌ ۾ سنڌي زبان جي واڌاري لاءِ اسيمبلي بل جي نتيجي ۾ وڏا وڳوڙ ۽ قتل عام ٿيا. جڏهن ته اڃا سنڌين جديد بينڪي ترقي جي ميز تان اڃا گرهه کڻڻ به شروع نه ڪيو هو ته ساڄي ڌرپاران سنڌي غلبن“ جي ڏند ڪٿا گهڙي وئي، ڇاڪاڻ ته وزيراعظم سنڌي هو

پاڪستان جي تنگ نظر ماحول ۾ هڪ وزيراعظم لاءِ ڪا جاءِ ڪانه هئي. جناب ذوالفقار علي ڀٽي خيال ۾ نه اچڻ جوڳو ڪم ڪري ڏيکاريو پر انهن ٻنهي ڳالهين جي ڪيس سنڌي ماڻهن کي قيمت ادا ڪرڻي پئي. مسٽر ڀٽو، سندس عالمي سطح جي سوچ ۽ نڪته نظر ۽ هڪ اقليتي صوبي مان اچڻ جي سندس احساس جي ڪري، علائقائي ۽ قوميتي اهنجن جي تدارڪ واري معاملي ۾ حد کان وڌيڪ محتاط هيو. تڏهن به سندس ذات جي ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ اميد هئي، انهن پهريون ڀيرو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو ته پاڪستان ۾ سندن ڀلائي جو ڪجهه امڪان آهي. جنرل ضياءَ جي فوجي ڪودتا ان خواب کي ڀيانڪ سپنو بڻائي ڇڏيو.

سنڌي ماڻهن جي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت سان سنڌ جي جوش ۾ گهڻن سنڌين اهو نظر انداز ڪري ڇڏيو ته ١٩٧٣ع جي آئين ۾ مناسب مقدار ۾ صوبائي خودمختياري نه ڏني وئي آهي، نه ئي سندن قومي حقن کي تحفظ ڏنو ويو آهي. سياسي طور باشعور ۽ پنهنجو آواز رکندڙ ٿورائي جيتوڻيڪ هڪ سنڌي جي وزيراعظم هجڻ ۽ صوبائي وزارت ۾ سنڌين جي اڪثريت هجڻ مان مطمئن نه هئي اها بلوچن جي جدوجهد سان همدردي رکندڙ ۽ سنڌين تي ٿيندڙ معروضي جبر تي زور ڏيئي رهي هئي.

مرڪزي حڪومت ۾ تمام گهٽ اقتدار ۽ صوبي لاءِ ناڪافي خود مختياريءَ جي باوجود سنڌي سياسي طور غالب سمجها ٿي ويا. جڏهن ته روزمره جي ڪمن ۾ سرڪاري عملدارن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ۾ اوپرا سمجها ٿي ويا ١٩٧٠ع ۾ ون يونٽ ٽٽڻ واري وقت سهيڙيل انگن اکرن جي پيٽ ڪندي ظاهر ٿو ٿئي ته ١٩٨٨ع کان اندرون سنڌ، ڊپٽي انسپيڪٽر جنرلن ۽ سپرنٽنڊنٽ آف پوليس جي ١٨٤ مقررين مان فقط ٥٣ مقامي سنڌي هئا. مقرر ٿيل ١٥٠ ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن مان فقط ٤١ سنڌي هئا. ڪراچيءَ ۾ انهن سينئر عهدن تي ڪو به سنڌي مقرر نه ڪيو ويو. سنڌين سان، هڪ آڌ مڃايل ڌاري آباديءَ وارو سلوڪ ڪندڙ هنن عملدارن جي بي حسي ۽ ڏاڍ ماڻهن جي پاڪستان جي

رياست سان اوبـرائپ وڌائڻ
۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

ثقافتي:- سنڌي ماڻهن جـي اقتصادي محرومين مٿن سياسـي غلبن ۽ ڪين آبادياتي طور گهيري ۾ آڻڻ کي ڪين ثقافتي طور ختم ڪرڻ جي ڪوشش سان نسبت ڏيئي سگهجي. سڀ کان پهرين، سنڌين کـي سنڌن پنهنجي شهر ڪراچـيءَ ۾ اجنبي بڻايـو ويو، جتي تمام ٿورڙا ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ ڪين مجبورن اردو پڙهڻي ٿي پيئي. ڪراچي ۾ ڪو به نئون سنڌي ميڊيم اسڪول نه کوليو ويو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪيترائـي پراڻا سنڌي اسڪول بند ڪيا ويا. ١٩٤٢ کان هڪدم پوءِ، ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن کي اردو پڙهڻي ٿي پيئي، جڏهن ته غير سنڌين کي سنڌي پڙهڻ کان ڇوٽ ڏني ويئي. جيتوڻيڪ اندرون سنڌ، سنڌيءَ جي پڙهائي جاري هئي، پر ١٩٥٨ ۾ ايوب خان جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هڪ زباني حڪم جي ذريعي اهو سلسلو ختم ڪيو ويو. جڏهن ته اردوءَ کي سنڌين لاءِ لازمي قرار ڏنو ويو. ١٩٧٢ ۾ هن ابتي قصي کي درست ڪرڻ لاءِ سنڌي کي سيني لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي قرار ڏيڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي سنڌي زبان جو بل پاس ڪيو. پهريون شرط عام طور فقط اهڃاڻي طور لاڳو ڪيو ويو، جڏهن ته پوئين ۾ بيقاعدي نموني ترميم ڪري ١٢ سالن جي مدي جي ڇوٽ ڏني ويئي، اهو مدو جولاءِ ١٩٨٤ ۾ پورو ٿي ويو، پر ضياءَ سرڪار ان کي لاڳو نه ڪيو.

هڪ ٻئي پويان ايندڙ پاڪستاني حڪومتن نه فقط سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي همٿائڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي، پر حقيقي طور انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پاڪستان ۾ اخبارن، رسالن ۽ ٻئي ڇپيل مواد کي دٻائڻ، ۽ سينسرشپ عام ڳالهه رهي آهي، پر سنڌي ڪتاب ۽ رسالن سان جهڙو سلوڪ ڪيو ويو، اهڙو ڪو به مثال نٿو ملي. پهريائين حڪومت رڳيل سنڌي پبليڪيشن کي روڪڻ جا اپاءَ وٺندي، انهن کي ڊڪليئريشن ڏيڻ کان نابري واري، جنهن بعد ان موجود رسالن کي ختم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. ١٩٧٥ ۾ حڪومت عملي طور تقريبن سمورن سنڌي رسالن تي بندش وجهي ڇڏي، ايستائين جو حڪومت جي پنهنجي رسالي کي به ڪو نه بخشيو ويو. جنهن بعد فقط حڪومت ۽ جماعت اسلامي کي سنڌي ۾ اخبارون ۽ رسالا شايع ڪرڻ جي اجازت هئي.

جڏهن، سنڌي ليکڪ جا سنڌن پنهنجي ملڪ ۾ اظهار جا رستا بند ڪيا ويا، تڏهن ڪنهن سنڌي ليکڪ يا شاعر هندوستان ۾ شايع ٿيڻ جي همت ڪئي ته ڪيس فورن پاڪستان جو غدار سڏيو ويو ٿي. ڪنهن سنڌي ليکڪ کي ملڪ دشمن جو لقب حاصل ڪرڻ لاءِ هندوستان ۾ پنهنجو ڪو ليکڪ شايع ڪرائڻ به ضروري نه هو. پنهنجي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪوشش ۽ پنهنجي عوام جي احساسن جي عڪاسي ڪرڻ، ڪنهن سنڌي ليکڪ کي مصيبت ۾ وجهڻ لاءِ ڪافي هئي. امرجليل ابراهيم جويو، شيخ اياز، تنوير عباسي، طارق اشرف ۽ رشيد ڀٽي اهڙن ليکڪن جا ڪجهه مثال آهن جن تي پاڪستان جي نظرئي کي نقصان پهچائڻ جون تهمتون هنيون ويون.

امر جليل جي ڪهاڻي "سرد لاش جو سفر" تي جيڪو ممڻ مَتو، اهو انهـي سلسلي جـو هڪ مثال آهي.

مون کي پاڻ، سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪنهن به مواد سان پاڪستان سرڪار جي جلين جو تجربو تڏهن ٿيو، جڏهن مون ڪجهه عرصي لاءِ ماهوار "سانيهه" شايع ڪيو. ان جي پهرئين شماري تي ٽن بنيادن تي ڏنڊ وڌو ويو. ٻيو شمارو اڳ سينسر ٿيل هو. تنهن هوندي به "بحران" لاءِ "گهوٽالو" جو لفظ استعمال ڪرڻ تي ڏنڊ وڌو ويو، جڏهن ته ٽيون آخري شمارو جيڪو پڻ اڳ سينسر ٿيل هو، تنهن جي ٽائيٽل جي تشريح ڪئي ويئي ته ان سان ضياءالحق جي "اسلامائيزيشن" وارن اپائن جو اپمان ٿئي ٿـو، ڇاڪاڻ تـه ان تـي هڪ اهڙي تصوير هئـي، جنهن ۾ ساوڻ پنن جي پس منظر ۾ ڪوريئڙو ۽ ان جو جار ڏيکاريل هـو. جيتوڻيڪ منهنجي اردو رسالـي "پاڪستان فورم" پڻ حڪومت کي ڪاوڙايو هو، پر انهن ٻنهيءَ سان هر هڪ ۾ جيڪي ڪجهه ڇپيو هـو، ان جي نسبت سان حڪومت جيڪا سختي ڪئي، تنهن لحاظ کان ٻنهي رسالن ۾ ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي.

مونکي سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪنهن به مواد سان پاڪستان سرڪار جي جلين جو تڏهن پتو پيو جڏهن ماهوار "سانيهه" شايع ڪيم

هلندڙ

قومي، طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ هارين جي قرباني ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي

فوٽو رستماڻي

۲۱ مئي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي موجوده صدر جو مضمون پيش ڪري رهيا آهيون.

— ادارو

جاگيرداري نظام جي بگڙيل شڪل (جديد جاگيرداري شڪل ۾) زمينداري نظام آهي. هي نظام انگريز سامراج طرفان رائج ڪيو ويو. خاص ڪري دنيا جي ڪافي ملڪن ۾ اهڙو ڦر لٽ جو نئون نظام رائج ڪيو ويو هو. گڏيل هندستان جي ملڪن ۾ به قديم دؤر کان وٺي وقت بوقت پرماريت ۽ ڌارين ظالمن جا حملا ٿيندا رهيا آهن. گهڻي ڀاڱي حملاآور اولهه جي ملڪن جا هوندا هئا. خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب پهرين ظلم جا شڪار ٿيندا هئا. انهن ظلمن جو وڏو داستان تاريخ ۾ موجود آهي. هي ٻئي علائقا دريائن جي ڪناري ڪري سدائين نه ته ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جا گڏيل علائقا به پئي رهيا آهن ۽ ٻنهي علائقن ۾ گذر جا وسيلا گهڻي ڀاڱي هڪ جهڙا آهن.

برسات نه پوڻ ۽ ڏڪار جي حالت ۾ ٻين خشڪ ملڪن جا ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري هتي اچي آباد ٿيندا هئا، پيا اهي وحشي حملاآور مار ڌاڙ ڪري ماڻهن کي ڦري ڌاڙا هڻي ويندا هئا ۽ ٿيا جيڪي فوجون وٺي علائقن تي قبضو ڪري حاڪم ٿي ويهي راڄ ڪندا هئا. هڪ ته اهڙن بي رحم ظالمن جي وحشيانه ظلمن ڪري ۽ ٻيو ته هر هڪ حملاآور پنهنجا پنهنجا احڪامات جاري پئي ڪيا، ان ڪري هتي جا ماڻهو ڏکي غلاميءَ جا شڪار ٿيا آهن. ان کان علاوه مختلف وقتن ۾ ٻاهريان آيل ماڻهو هتي اچي آباد ٿيا آهن، سي پنهنجون پنهنجون ثقافتون پاڻ سان کڻي آيا آهن. اهڙيءَ ريت هتي ڇڙن ڇڙن جو مربو پيدا ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ پنجاب جي ماڻهن خاص ڪري هارين، انهن حملاآورن ۽ ظالمن خلاف هر دؤر ۾ جدوجهدون ڪيون، تحريڪون هلايون. عربن، ترخانن، ايرانين، رومين، تاتارين، افغانين، مغلن، چينين ۽ انگريزن وغيره خلاف هارين جون بغاوتون ۽ قربانيون ڪنهن کان ڳجهيون ناهن. هر دؤر ۾ جيڪي به غدار ٿيا سي سڀ مٿين ڪلاس جا ماڻهو هئا. آخري حملاآور انگريز سامراج هو.

قاضي قاضن ۽ نورمحمد پليجي جهڙا ماڻهو انگريزن جا دلال ٿيا ۽ ملڪ جي اصلي رهواسين تي ظلم ڪرايا ويا. پنجاب جا مڙيئي چوڌري انگريزن جا نوڪر ۽ غلام ٿيا. انهن پنهنجي پنجابي عوام کي به لالچن ۾ جڪڙائي ڇڏيو. علائقن جا علائقا انگريز سامراج جي مفادن جي حفاظت لاءِ چونڊيا ويا. جتان انگريزن لاءِ فوجين جي ڀرتي ڪرائي ٿي وئي. سڄي ملڪ جي هارين کي ڪتڙائي لاڪڇي بڻايو ويو. اهي پنهنجن ثقافتن ۽ تهذيبن کان به هٿ کڻي ويا باقي سنڌ صوبي ۾ وڏيرا، رئيس ۽ پيردار گهڻي ڀاڱي انگريزن جا دلال ٿيا ان دلالي جي عيوض ۾ جاگيرن جا مالڪ ٿيا. باقي هاري ۽ ٻين محب وطن ماڻهن سامراجي دلالي قبول نه ڪئي. اهي پنهنجي بقا، ثقافتن ۽ تهذيب جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. اهڙين جدوجهدن ۽ جدوجهد ڪندڙ سورمن جي شاندار تاريخ آهي. هر دؤر ۾ ڌارين ٻرمارن ۽ اندرون ملڪي جاگيردارن ۽ غدارن خلاف جدوجهد ۾ نمايان ۽ مٿانهون ڪردار هاري جو رهيو آهي. ڇا جي لاءِ جو اڳي ڪارخانا ڪو نه هئا. سنڌ زرعي ملڪ هو ۽ هتي اڪثريت هارين جي هئڻ ڪري، جنگ ۾ هاري ئي اهم عنصر هو.

انهن بغاوتن ۽ جدوجهد جي ڊگهي تاريخ آهي. سدائين هيٺين طبقي جي پورهيت عوام ڏاکي به ڏاکي جدوجهدون ڪيون. دنيا ۾ لاشعوري دؤر خلاف جدوجهد کان پوءِ جڏهن ماڻهو شعوري دؤر ۾ داخل ٿيو ته پهرين سرداري ۽ قبائلي دؤر هليو. هڪڙا سردار يعني آقا هوندا هئا ۽ ٻيا سڀ ماڻهو غلام هوندا هئا. انهن سردارن آقائن جي خلاف غلامن جون بغاوتون هليون. ڪئين سال جدوجهد کان پوءِ اهو نظام تبديل ٿيو. ان جي جاءِ جاگيرداري نظام والاري آهي. جاگيرداري جي خلاف هارين جون بغاوتون مشهور آهن. هڪڙا زمين جا مالڪ ۽ ٻيا ان زمين تي هاري هوندا هئا. جاگيرداري دؤر ڪافي وقت هليو. هارين جي جدوجهد ۽ بغاوتن ڪري ان ۾ بنهي ۾ وقت به وقت تبديليون اينديون رهيون. مثال طور زمين جو هڪ ٽڪرو هاري جو ۽ ٻيو اوترو يا ان کان وڌيڪ زمين جي مالڪ جو. ٻئي ٽڪرا هاري ڪيڙي ٻج وجهي آباد ڪندو هو. ان کي هر ڪري، ڳاهي ان صاف ڪري مالڪ کي ڪڻي گهر پهچائي ڏيندو هو. آخر هارين پنهنجي حصي واري زمين ۾ وڌيڪ پورهيو ڪرڻ شروع ڪيو، نتيجي ۾ زمين جي مالڪ کان هاري کي وڌيڪ پيدائش ملڻ لڳي. جاگيردارن وري ان ۾ تبديلي آندي ته هاڻي هاري زمين گڏيل آباد ڪندو. ان جا ڪل ٥ حصا ٿيندا. پيدائش ۾ ٣ حصا زميندار کڻندو ۽ ٢ حصا هاري کي ملندا. جنهن ۾ فصلن تي خرچ، ڏاندن جي ڪمائي، ٻج ٻئي مثال، فصلن جي ڪٽائي، گاهه، هر، ان صاف ڪرڻ ۽ کڻي مالڪ کي گهر پهچائڻ وغيره هاري جي ذمي هوندو هو. ان کان علاوه ڪانگ تڙي، واهي، ڪمداري جو حصو پڻ هاري کي ڏيڻو هوندو هو.

ٻيا آهي هاري جن وٽ سواءِ جسماني پورهئي جي ٻيو ڪجهه به نه هوندو هو. انهن کي صرف ١٦ آنن مان ٻه آنه پيدائش مان حصو ملندو هو. آهي ماڻهو ٻارين ٻچين مالڪ وٽ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻڌل هوندا هئا. عورتون مالڪ جو گهرو ڪم ۽ مال جو گاهه ۽ ڍڳن صاف ڪرڻ، جنڊ هلائي اٽو پيهڻ، مانيون پچائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ وغيره جو ڪم ڪنديون هيون. ننڍڙا ڇوڪرا، مالڪ جون ڍڳيون، ٻڪريون، مينهون ۽ ٻيو سال چاريندا هئا.

سدائين هيٺين طبقي جي پورهيت عوام ڏاکي به ڏاکي جدوجهدون ڪيون

اهڙو نظام ڪافي وقت کان هلندڙ هو. ان کان وري انگريز سامراج ان کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. جاگيردار مان قرائي ان جو نالو زميندار رکيو ويو. ملڪ ۾ واهه، بيراج ڪڍائي، بيڪار ٻيل زمين جي مڪمل سروي ڪري سندن دلالن، وڏيرن، رئيسن ۽ پوتارن کي ڏئي باقي زمين وڪري ڪرڻ جا قانون قاعدا ناهي ڏيڻ جو سلسلو جاري رکيو. هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ وراثت جو ڪو به قانون ڪو نه هو.

زميندارن تي ڍل ۽ آبيانو (سواءِ جاگيري زمين جي) رکيو ته جاگيردارن ۽ زميندارن، هارين کي ڇيو ته سرڪاري خرچ هيٺو ٻيو آهي. ٽنهنڪري هاري جي حصي مان، هڪ ٽويو آبدار جو، هڪ ٽويو ٽپيدار جو ڪڍڻو پوندو ۽ جيڪو ڪڍيو ويو. ان کان پوءِ ملڪ ۾ واپار، سرمائيداري شروع ٿي وئي. زميندار سيٺن کي جنس ڏيڻ لڳا ته وڌيڪ هاري جي حصي تي ڏروائي. ڪرار ٿي هڪ ٽويو هاري جي حصي مان ڪڍڻ جو اعلان ڪيو ويو. اهڙو سلسلو هلندو رهيو ۽ انهيءَ ظلم ۽ غلاميءَ خلاف هارين جي به جدوجهد هلندي رهي.

عالمي مزدور تحريڪ ۽ هاري جدوجهد

جهڙيءَ ريت برصغير، سنڌ ۽ پنجاب وغيره ۾ هارين ۽ محب وطن ماڻهن جي پنهن جي آزادي ۽ خوشحاليءَ لاءِ جدوجهد هلي رهي هئي. اهڙيءَ ريت سڄي دنيا ۾ پورهيت عوام جي جدوجهد هلي رهي هئي. قديم دؤر ۾ هارين جي جدوجهد جي اڳواڻي گهڻي ڀاڱي خود روءِ هئي. ڪڏهن ڪڏهن پڙهيل ڳڙهيل وطن دوست عالمن پنڊتن يا وچولي طبقي جي ماڻهن، ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اڳواڻي تي ڪئي. جنهن جي تصديق لاءِ بابا گرو نانڪ، رنجيت سنگهه، بابا بلاشاهه، شاهه منصور ۽ شاهه عنايت شهيد وغير مشهور آهن.

هارين جي جدوجهد جي تمام قديم تاريخ آهي. ان ۾ سماجي تبديليون وقت به وقت اينديون رهيون. ڪڏهن ڪاميابيون ٿينديون هيون پر اهي وڏيون ڪاميابيون ڪونه هونديون هيون. وري وري جاگيردارن ۽ سردارن طرفان حملا ڪرائي ڪين نقصان پهچايو ويندو هو. اهڙيءَ ريت خالص هارين جي تجربڪ دوران، سست رفتاريءَ سان آهستي آهستي ٿورو ٿورو پنهنجي قرلت ۾ تبديليون آڻيندا هئا.

ڪجھ رعايتون ملنديون هيون.

آخر ڪار انهن پورهيت ماڻهن ۽ هارين جي جدوجهدن سچي سماج ۾ واڌارا آندا. ڪجھ واپاري پيدا ٿيا، ڪي لوهار، واڍا ۽ ڪپڙن ناهڻ جا ڪوري پيدا ٿيا. چيزن ۽ شين جي مٽا سٽا جو به سلسلو شروع ٿيو. مارڪيٽون وجود ۾ آيون. نوان نوان اوزار ٺهيا. سرمائيداري وجود ۾ آئي ۽ يورپ جي ملڪن ۾ ڪارخانا ٺهيا ۽ زراعت ۾ به مختلف فصل پوکڻ شروع ٿيا.

جيئن جيئن سماج ۾ تبديليون اينديون ويون، تيئن تيئن ڦورو ظالم ٽولن پنهنجن ڦرلٽ جي طريقه ڪار ۾ ڦير گهير ڪيا. ڦورو ٽولن جي مفادن کي بچائڻ ۽ عوام کي منجهائڻ ۾ سيني مفت خور ٽولن ۽ گروهن مختلف رنگن ۽ روپن ۾ وڏا وڏا قهر ڪيا. ان ۾ مذهبي ملن ۽ مولوين، ڀاون ۽ ٻانيڻن، پوپ پالن ۽ پادرين فتوائون ڏيئي ڪئين پورهيت دوست انقلابي مارائي ڇڏيا.

هر دؤر ۾ سماجي ترقيءَ ۽ نون نون سڌارن جي مخالفت ٿيندي رهي. هر نئين ۽ ڀرائي جي وچ ۾ ٽڪر رهيو. ملن، مذهبي عوام دشمن نام نهاد عالمن، پيرن، ميرن، رئيسن، پوتارن، وڏيرن، سردارن، ڀاون، ٻانيڻن، پوپن، پادرين ۽ ٻين جاهل ماڻهن، چاٺي واٺي ٻا لاشعوري طرح هرهڪ نئين شيء جي مخالفت ڪئي. ماڻهن کي دڙڪن سان گڏ لالچون ۽ دلاسا به ڏيندا رهيا:

بابا الله جي مرضي. جيڪي ڪري خدا. الله حي ڪجھ ۾ هٿ نه وجهو. ڪنهن به ڳالهه لاءِ سوچ ويچار نه ڪريو، عزت ۽ ذلت الله جي هٿ ۾ آهي، فلاڻي کي الله نوازيو آهي، ڪنهن کي ڪجھ حاصل ڪرڻو آهي ته خدا کان گهري، شاهوڪاري ۽ غربت الله جي هٿ ۾ آهي، مات ڪريو ڪافر ٿيندا، هيءَ دنيا بيڪار آهي، آخر فنا آهي، سڀ ڪجھ اڳتي آهي، جيڪي به ڪرڻو اٿو اڳتي لاءِ ڪريو، ڏيو سڀ ڪجھ خيرات ڪريو، ڏهه دنيا ستر آخرت اڳتي لاءِ سڀ ڪجھ آهي، بهشت ۾ کير جون نديون وهنديون، باغ ۾ ميوا جام هوندا، وڏا وڏا هندورا هوندا، آرام لاءِ بنگلا هوند حورون ۽ غلمان هوندا وغيره.

هتي جيڪو به ماڻهو بغاوت ڪندو، شڪر ۽ صبر نه ڪندو. عالمن ۽ الله وارن کي ڪجھ به نه ڏيندو، ۽ چوڻ نه وڃندو، اهڙن ماڻهن تي الله ۽ رام راضي نه ٿيندا. اڳتي ملائڪ آهن، انهن کي تکا خنجر هٿن ۾ هوندا. لوهه جون شيخون تپائي انهن ماڻهن کي چيري ڦاڙي ڇڏيندا. اهي اتي عذاب ۾ پيا سڏڪيون پريندا. پوءِ انهن کي دوزخ ۾ وڌو ويندو. واٽ تي پل صراط هوندي ان پل تان پار ٿيڻ مشڪل آهي تلوار کان تيز ڌار واري پل هوندي، هيٺان دوزخ آهي اتي باهه جا آڙاهه ٻري رهيا هوندا، ماڻهو پنهن جي پگهر ۾ ٻڏو پيو هوندو ۽ قبر جو عذاب تنهن کان سواءِ هوندو.

اهڙن دڙڪن، دابن ۽ دلاسن جي باوجود به پورهيت ماڻهو سوچڻ تي مجبور ٿيا. اهو ڪجھ سمجهڻ لڳا ته اسان هزارين ڪروڙين پورهيت ماڻهن الله سائينءَ جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو اسان تي ناراض آهي. اسان جي قسمت ڇو خراب آهي؟ جو اسان جي مقدر ۾ سدائين ڏک، بک، بيماري بي روزگاري، جاهليت ۽ دربدري آهي.

ڪم اسان ڪريون ان آپايون مشينون هلايون، کوهه کوٽي پاڻي ڪڍون. جايون ۽ بنگلا تعمير ڪريون. مال متاع، ٻڪريون، ڍڳيون، مينهون ۽ ٻيا جانور پاليون واهه کوٽيون، رستا، روڊ ۽ پليون ٺايون، باغ باغيچا مختلف فصل پوکيون، رات ڏينهن سردين توڙي گرمين ۾ بنا اجهي ۽ اڃڻ جي وقت گذاريون. دنيا ۾ سڄو ماندائو اسان جي پورهئي تي هلي رهيو آهي تنهن هوندي به قسمت اسان پورهيت ماڻهن، هارين ۽ مزدورن جي خراب آهي. الله سائين ۽ رام رحيم ڇو ناراض آهي ان کي ڪهڙيءَ ريت راضي ڪريون.

اهڙيءَ ريت ماڻهون سرڇيندا به رهيا ۽ پنهنجي خوشحاليءَ لاءِ مفتخورن سان وڙهندا به رهيا. تجربا ڪندا رهيا. هر چيز کي آزمائيندا رهيا. ڏسندا رهيا ته چند ٿورڙا مفتخور، رئيس، وڏيرا، پوتار، سيٺ، سرمائيدار، چوڌري، خان وغيره، ڪم به ڪونه ٿا ڪن، سدائين خلق خدا سان ظلم پيا ڪن. عياشي، شرابخوري ۽ زنا پيا ڪن، بي گناه ماڻهو پيا مارائن. سڄو ڏينهن ڪوڙ ٿا ڳالهائن اهڙن داداگيرن تي الله ڇو راضي آهي؟ اهڙن ڪولين جي قسمت ۾ عيش ۽ آرام لکيو ويو آهي. ماڻهون اهو ڪجھ سمجهڻ لڳا ته قسمت وغيره ناهي. هي سڀ ڪجھ چالاڪي ۽ ٺڳي آهي.

اڳواڻي جو رول:

سائنس - ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي ايٽمي راز هٿ اچڻ کانپوءِ پورهيت ماڻهن جي شعور ۽ سوچ ۾ وڏو ڦيرو آيو. ڪارخانن ۾ مزدور پيدا ٿيو. ڪافي انسان ذات جا گهڻگهرا پيدا ٿيا. هارين جي هلندڙ جدوجهد کي مزدورن سان گڏجڻ جي

ڪوشش شروع ٿي وئي- اڳي هارين جي تحريڪ جي اڳواڻي خود روءِ يا ٻين ماڻهن ڪئي پئي، آخر تحريڪ جي اڳواڻي مزدورن شروع ڪئي. هارين ۽ مزدورن جي گڏيل ٻڌي تي زور ڏنو ويو- نظرياتي ڇنڊڇاڻ ۽ سماجي جوڙجڪ بابت عوام دوست ۽ محبوطن ماهرن تجزيا ڪيا. علم کي عمل سان ڳنڍڻ ۽ عمل کي علم جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ سان مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۽ اهڙي نظرياتي سياست ۽ تنظيم ڪاري ذريعي آڪٽوبر ١٩١٧ع ۾ مزدور طبقي جي نظرئي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪامريڊ لينن جي سربراهيءَ ۾ سڄي دنيا ۾ هارين ۽ مزدورن پهريون ڪامياب انقلاب آندو- روس جي زارشاهي کي شڪست ڏئي پورهيتن جي سوشلسٽ اسٽيٽ قائم ڪئي وئي- آڪٽوبر انقلاب جي اثر سڄي دنيا جي ملڪن، قومن ۽ طبقن کي جهنجهوڙي ڇڏيو هو. هر ملڪ ۾ ۽ هر هنڌ مزدورن، هارين ۽ محبوطن ماڻهن جا حوصلا بلند ٿيا. اها ڳالهه يقيني بنجي وئي ته پورهيت ماڻهون پنهن جي حڪومت قائم ڪري هلائي سگهن ٿا. دنيا ۾ پورهيتن جي جدوجهد وڌيڪ تيز ٿي وئي.

ان کان ٣٢ سال پوءِ ١٩٤٩ع ڌاڌين چين ۽ دنيا جي ڪافي ملڪن ۾ پورهيتن انقلاب آندا ۽ ڪافي ملڪ ڪاميابي جي منزل کي ويجهو پهتا. ان کان پوءِ جلد ويٽنام، ڪمبوڊيا ۽ ڪيوبا ۾ انقلاب آيو.

سڄي دنيا ۾ مزدور نظريي تي مبني مزدور پارٽيون (ڪميونسٽ پارٽيون) وجود ۾ آيون. سرمائيدارن ۽ جاگيردارن ۾ واويلا مچي وئي. انهن رجعت پسند قوتن پنهنجو آخري زور ويٽنام تي لڳايو پر اتي به پورهيت انقلابي ڪامياب ٿي ويا.

اها ڳالهه يقيني ٿي وئي ته پورهيت ماڻهون به پنهنجي حڪومت قائم ڪري هلائي سگهن ٿا

سماجي جوڙجڪ

جڏهن کان طبقا وجود ۾ آيا ۽ طبقاتي نظام قائم ٿيو، تڏهن ٻن نظرين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي- ڦورو ۽ مفتخور طبقي جو نظريو، جنهن ۾ قبائلي سردار، جاگيردار، سرمائيدار ۽ انهن جي اسٽيٽ مشينري يعني بيورو ڪريٽ (ڪامورا شاهي) اچي وڃن ٿا، ٻئي طرف انهن جي مقابلي لاءِ مزدور نظريو، جنهن ۾ مزدور، هاري ۽ ننڍو وچولو ڪلاس ۽ ٻيا پورهيت ماڻهون اچي وڃن ٿا، تاريخ ۾ هزارين سال ڪشمڪش هلي- ڪيئي جنگيون لڳيون ڪروڙين ماڻهن قربانيون ڏنيون، جنگ هلندي رهي- تجربا ٿيندا رهيا. سماجي ڦيٽو اڳتي هلندو رهيو- آخر منزل طئي ڪري ١٧ آڪٽوبر جي روسي انقلاب کانپوءِ پورهيت عوام پنهن جي طبقاتي حيثيت مڃرائي ورتي- دنيا ٻن بلاڪن ۽ ٻن نظرين جي ٽڪراءَ ۾ به ٽڙيون آمهون سامهون اچي ويون. اڄ ڏاڏين ذهني، نفسياتي، نظرياتي، جسماني جنگ جاري آهي، سماج اڳتي وڌي رهيو آهي. پورهيت نظريي جي ڪاميابي يقيني آهي.

١٧ آڪٽوبر ١٩١٧ کان اڳ

روسي انقلاب کان اڳ پورهيت طبقو: هارين ۽ مزدورن جي اندر طبقا ڪو نه هوندا هئا. سردارن ۽ جاگيردارن وٽ ماڻهو نه ته گهٽي پاڳي سڀ جا سڀ غلام هوندا هئا يا سڀ جا سڀ ڏينرمين هاري هوندا هئا. زمين وڏن جاگيرن ۽ پرڳڻن ۾ ورهايل هئي. ان تي قابض ٿورا وڏا وڏا مالڪ هوندا هئا. قرابت جو نظام تمام گهڻن ئي ماڻهن هڪ جهڙو لاڳو ڪيل هو. معاشي هڪ جهڙائي تقسيم ڪري ماڻهن جي سوچ ۽ سندن نفسيات گهٽي پاڳي هڪجهڙي هوندي هئي. جدلي ماديت جي قانون موجب، ٿوڙي فطري قانون مطابق سماجي سوچ ۽ نفسيات جو گهڻي پاڳي دارومدار معاشيات تي هوندو آهي. معاشي تبديلين ڪري سماجي تبديليون اينديون آهن. اقتصاديات ۽ معيشت سماجي تبديليءَ جي محرڪ قوت آهي. ثقافتون، تهذيبون تمدن جو سڄو دارومدار معيشت تي آهي. ان کان ڪو به ڏاهو، مفڪر، فيلسوف ۽ نفسياتي ماهر انڪار نٿو ڪري سگهي. ان ڪري ماڻهو ڪنهن مسئلي تي وڏي تعداد ۾ يڪدم گڏ ٿيندا هئا. مسئلا هڪجهڙا هئا. ٻئي طرف مزدورن ۾ به هڪجهڙائي هوندي هئي. هڪ ته مزدور اتي جو مقامي هوندو هو. ٻيو ته مزدورن جي اندر طبقا ڪو نه هوندا هئا. گهڻي پاڳي سڀني مزدورن سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. پگهار به سڀني کي ساڳي ڏيندا هئا. ڪو به گريڊ وغيره ڪو نه هو. ان ڪري مزدور سڀ منظم ۽ هڪ سوچ رکندا هئا. ڪو به مسئلو پيدا ٿيندو هو يا مطالبو ڪندا هئا، سو سڀني مزدورن جو هوندو هو. اهڙيءَ ريت مزدورن ۾ ڌاريائپ يا ٻئي اهڙي مسئلي

وارو ويچو ڪو نه هو. وڏي پيماني تي يڪدم ڪنهن فيصلي تي عمل ڪرڻ آسان هوندو هو.

آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ مختلف ملڪن ۾ پورهيت طبقي وڏهي آزادي حاصل ڪئي. دنيا ۾ اقتصادي، معاشي ۽ معاشرتي تبديليون آيون، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڪري تمام وڏيون تبديليون آيون آهن. سائنس کي بنهي نظرين جي ماهرن استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. گذر جي وسيلن، زمين ۽ ڪارخانن ۾ نئين سر جوڙ جڪ ڪئي وئي. وڏي جاگيرداري کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي نئين جديد جاگيرداري يعني زميداري نظام قائم ڪيو ويو. ان کي اسٽيٽ طرفان تحفظ ڏيڻ لاءِ زرعي قاعدا ۽ قانون جوڙيا ويا. زراعت ۾ سرمائيدار کي پاڳي پاڻيوار ڪيو ويو ۽ زمين هڪڙي گهر جي سڀني ڀاتين جي نالن تي رڪارڊ ۽ ڪاغذ ۾ ورهائي ڪئي وئي. ڪنهن زمبندار جي گهر ۾ ڏهه ماڻهو آهن ته اهو هزارين ايڪڙ رکي سگهي ٿو. ان کان علاوه ٽريڪٽر، ٿريشر ۽ ٻي مشينري استعمال ٿيڻ شروع ٿي وئي. مختلف ڪيميائي ڀاڻ، ٻج ۽ دوائون ايجاد ٿيون. ڪافي ايراضين تي باغات، ڀاڄيون ۽ روڪڙي جنسون تيار ڪيون ويون. افرادي قوت ۽ جانورن جي محنت جي جاءِ مشينري والاري آهي. غيرآباد زمين کي بيراجن، ڊيمن ۽ ٽيوبويلن ذريعي آباد ڪيو پيو وڃي. سواري لاءِ ڪافي روڊ ۽ ٽرانسپورٽ کي استعمال ڪيو پيو وڃي. ڏاند گاڏين جي جاءِ تي ٽرالي ۽ ٽرڪون ڪم ڪن پيون.

سرمائيدارن ۽ جاگيردار زميندارن ملي يڪجهتي، گڏجي جوڙ ڪري صوبن يا ملڪن جي ماڻهن کي لڏ پلاڻ ڪرائي ٻين علائقن ۾ آباد ڪرايو اهڙي ڏاري آبادي کي گذر جي وسيلن ۾ حصو پتو ڏئي شريڪ ڪيو ويو. زرعي زمين ۾ آفيسرشاهي ۽ سرمائيدارن کي حصو پتي ڏئي پاڳي پاڻيوار ڪيو ويو. اصل حقيقي هارين کي زمين تان بيدخل ڪري خانه بدوش بڻايو ويو. پوءِ مقامي ننڍڙو آبادگار وجود ۾ آيو. جيڪو سرمائيدارن ۽ وڏن زميندارن جي ظلم جو شڪار آهي. زمين لاءِ سوچي رهيو آهي. ملڪن ۾ ڪارخانه، صنعت کي به گهڻي قدر ترقي اچي وئي آهي. مزدورن جي صورتحال غور طلب آهي. اسان سنڌ جي صنعت جو ڪنهن حد

مزدورن جي صورتحال غور طلب آهي

تائين جائزو ورتو آهي. هتي مزدورن ۾ ٽي طبقا ڏٺا ويا آهن. هڪڙا اهي مزدور جيڪي ٻين ملڪن، صوبن کان آڻي لڳايا ويا آهن. ٻيا اهي مزدور جن کي وڌيڪ مراعاتون ۽ سهوليتون ڏنيون ويون آهن. ٽيا اهي مزدور جيڪي مقامي ماڻهو آهن، گهڻي ڀاڱي انهن کي ڊيلي ويجز تي رکيو ويو آهي. چوٿان اهي مزدور جيڪي ٺيڪيداري سسٽم ڪري. انهن تي قابو ٿيا پيا آهن. مختلف شڪلن ڪري خود مزدورن جي اندر به تضاد آهي. اقتصادي حالتون هر ڪنهن گروه جون جدا هئڻ ڪري، مزدورن جون سوچون ۽ نفسيات به ڌار ڌار شڪلن ۾ هڪ ٻئي کان ٻري ٻنل آهي. هڪڙي گروه جي مسئلي لاءِ ٻيا گروه منظم ٿيڻ لاءِ تيار نه آهن. گهڻي ڀاڱي مزدورن جي اندر علائقائي ۽ ٻيا تضاد تمام تيز آهن.

نظرياتي مسئلا

اڄ پاڪستان ۽ سنڌ ۾ پڙهيل ڳڙهيل، دانشورن، اديبن، فيلسوفن تاريخدانن، مها ڏاهن، مارڪسسٽن، ليننسٽن، سوشلسٽن، جمهوريت پسندن، وطن دوستن، سنڌ دوستن، قومي سورمن، پورهيت دوستن جي ڪابه ڪمي ناهي. تمام گهڻا دوست آهن ۽ سئو کن پارٽيون آهن ته ٻن سون کان مٿي سماجي ۽ پورهيتن جي نالي ۾ تنظيمون آهن. اها تمام سٺي ڳالهه آهي. جيترا دوست گهڻان اوترو فائدو. عوام جي ڀلائي مظلوم قومن ۽ طبقن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ ڪاميابي جو دارومدار گهڻن دوستن جي پيدا ٿيڻ ۽ جدوجهد تي آهي. جڏهن به ڪٿي ترقي پسند نالي ۾ ڪا تنظيم وجود ۾ اچي ٿي آئون بذات خود خوش ٿيندو آهيان ۽ ان ڏينهن جي انتظار ۾ آهيان شل سڄي ملڪ ۾ گهر گهر پارٽي هجي ۽ گهر گهر تنظيم هجي اڃان به هر گهر ۾ هرهڪ ماڻهون پارٽي هجي. ڏهه ڀاتي ته ڏهه پارٽيون هجن. انهن ۾ نظرياتي اختلاف به هئڻ گهرجن. هڪ ٻئي ۾ دوستاڻي نموني بحث مباحثا ڪن. جيئن ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ، شهر شهر اهڙي چوپول هجي. پنهنجي قوم ۽ طبقي جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ۽ مٿا ماري هلي. ان ۾ اهو خاص خيال رکيو وڃي جيئن بحث دوران هڪڙي گهر جي ٻن ڀاتين جا هٿ ڪهاڙيءَ ۾ نه هجن. همراه بجاءِ قومي آزاديءَ جي پاڻ ڳاڙها ٿيا بيٺا هجن. الله دوستن کي هدايت ڏيندو ته جيئن دشمن ۽ دوست جي وچ ۾ فرق

ڪن. اسان انقلابي آهيون سڀ جا سڀ ڪارل مارڪس، ڪامريڊ لينن، هوچي منهه، اينگلس، استالن، مائوزي تنگ وغيره جا مثال ڏئي، بحث دوران پگهر مان شل ٿي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ ۽ هڪ ٻئي کي منجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. جيڪڏهن ٻئي همراه پنهن جي ضد تي بيٺا رهيا ته پوءِ خبر ناهي ته ڇا ٿيندو. اهڙي روش جي ڪري سدائين اسان پنهنجو نقصان ڪيو آهي.

اسان صرف نالي جا شوقيا مارڪسسٽ آهيون. مارڪسزم ڇا ٿيندو آهي؟ اها ڪهڙي بلا آهي؟ مارڪسسٽ سڏائڻ ته سولو آهي. صرف مارڪس جا حوالا ڏيڻ سان مارڪسسٽ ڪونه ٿيندو. ”مارڪسزم سائنس آهي.“ سماج کي سمجهڻ ۽ ان کي تبديل ڪرڻ، انفراديت کي اجتماعيت ۾ تبديل ڪرڻ. علم ۽ عمل کي گڏيڻ، ابتڙ جو ايڪو ۽ ڇڪتاڻ کي سمجهڻ، سماجي تضادن ۽ ضدن کي سائنسي طريقي سان منهن ڏيڻ، هر چيز جي ضدن ۽ تضادن جو جائزو وٺي اهڙيون پاليسيون مرتب ڪرڻ، نوان نوان انقلابي رستا تخليق ڪرڻ. تنقيد ۽ خود تنقيدي وات تي ٻين سان گڏ پنهن جي اصلاح ڪرڻ وغيره. هي سماج هڪ هنڌ بيٺل ناهي. هرڪا شئي چرپر ۾ آهي. ڏينهون ڏينهن سماج ۾ سائنسي طرح واڌارا ايندا رهندا آهن. سماجي ڏارو اڳتي وڃي رهيو آهي.

پيداواري وسيلن کي سمجهڻ پيداواري قوتن جو جائزو وٺڻ، پيداواري لاڳاپن کي سمجهڻ، قرابت جي نوعيت کي سمجهڻ ڪانسواءِ ڪي به پاليسيون ڪارآمد ثابت نه ٿينديون. جيتري قدر تنقيد ۽ خود تنقيد جو مسئلو آهي. اهو هٿيار اسان سيني يارن کان ڇڏائي ويو آهي. اڄ ڪلهه تنقيد معني دشمني ۽ خود تنقيد معني همراهه پڪڙجي پيو ته جان ڇڏائي انهيءَ ٻنهي شين کي ذاتي شخصيت جي انا جي تحفظ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن شخصيت بحال رهي باقي انقلاب ۽ آزادي جيڏانهن وڃن وڃن هليا، معتبري بحال ته همراه بهار.

منهن جو هڪڙو پراڻو يار مونکي ياد اچي ويو آهي. عمر جي لحاظ کان ٻئي هڪ جيترا آهيون ۽ صرف جا ساٿي به هڪ جيترا آهيون، اهو دوست ڪلاس جي لحاظ کان مونکان مٿي آهي آئون پيرن اگهاڙو واري ڪلاس مان آهيان. دوست به دل وارو آهي، اسان ڪافي گهڙيون گڏ گذاريون آهن. جهڙوڪر هڪڙي گهر جا ڀاتي هجون. همراهه آهي به مارڪسسٽ. تنقيد ۽ خود تنقيد جو ماهر به آهي. مونسان گڏ ٻين کي به نصيحتون ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن سندس ڪوتاهين تي ٿورو گهڻو غلط پاسن تي تنقيد ڪيم ۽ انهن هاڃيڪار پاسن جي نشان دهي ڪيم. مون سمجهيو ته دوست خوش ٿيندو منهن جي آجيان ڪندو پر، افسوس جو دوست آپي کان نڪري ويو، پگهر ۾ شل هجي، بجاءِ سياست ۽ نظريات جي ٻانهون ڪنجي همراهه گارين تي لهي پيو. ٿورڙو پڇي پاسي تي بيهي گاريون ٻڌم. گاريون به اهڙيون ڏنائين جو مونکي اميد ئي ڪانه. همي ته هھڙو ماڻهون يا ڪي ٻيا اهڙا ماڻهون بي هوش ٿي ذاتيات کي سماج تي ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته پوءِ غريب پورهيت عوام جو ڇا ٿيندو، پوءِ ڪافي وقت مان ۾ سوچيندو رهيس، ڪافي ماڻهن چيو ته تون به اهڙو ئي عمل ڪر. مون چيو ته اسان غريب مظلوم ۽ هاري طبقي سان واسطو رکون ٿا. اُهي اهڙو وڏو ماڻهو ناهيان، جو ڦوڪجي وڃان. اُهي هڪ ته ڇا پر اسان جي پوري طبقي کي وڏيرا، رئيس ۽ پوتار گاريون ڏيندا آهن ۽ طرحين طرحين تعزيرون ڪندا آهن.

جيڪو ڦورو ڪلاس پنهنجي گهر واريءَ کان ڪاوڙ ڪندو آهي ته گاريون ۽ موچڙا اسان مسڪين هارين کي ڏيندو، ٻين حرام خورن جون گاريون ڪائي مان ڪريون ٿا. باقي پنهنجي دوست گاريون ڏنيون ته خبر آهي

اي وڙ نه ويڙهيچن،
جو سيڻ مٺائن سون تي.
(شاهه)

انور ابڙو

نئين نثرانا نظم

ڇڄريل ڇاهتون،
ڳڙندڙ خون سان،
رومال ۾ ويڙهي،
چڙ مان،
لهندڙ سج کي اڇلائي،
منهن ۾ ٿو هڻان.

مئه ڪدن ۾،
اڄ ڪکوهه سڙي پيو،
اي شرابيو!
اي ساقيو!
ڪٿي آهيو؟ ڪٿي آهيو؟؟
اي قاتل!
تون مونکي مار پل،
پر منهنجي خون مان،
هڪ ڍڪ غرور پرجانءِ،
مونکي پڪ آ،
ان کان پوءِ تون،
ڪنهن کي به نه مارينديں.

نظام ڪيئن بدلبو آهي

سنڌيڪار: ابو رضا

قسط: ٢

تاريخ جو مادي نظريو :

ذڪر وڏندڙ مهانگائيءَ جو ٿي رهيو هجي، يا زير بحث افراط زر جو مسئلو هجي، ڳالهه نوڪري رهائش، ٻارن جي تعليم وغيره جهڙين روزمره وارين پريشانين سان شروع ٿئي يا افلاس، ناخواندگي ۽ رشوت ستانيءَ جهڙن ملڪي مسئلن سان ..... ڪم و بيش اتفاق انهيءَ تي ٿيندو آهي ته انهن سڀني خرابين جي جڙ موجوده نظام آهي ۽ انهيءَ کي بدلائڻ کان سواءِ مسئلن جو حل ممڪن ڪونهي. مگر نظام مان ڇا مراد آهي ۽ اهو تبديل ڪهڙيءَ طرح ٿيندو آهي.

انهيءَ باري ۾ تمام گهٽ واقفيت ڏني ويئي آهي. اهوئي سبب آهي جو هتي اسان وٽ ته اسلامي نظام، مغربي جمهوريت ۽ سوشلزم سڀني جا حامي ملي ويندا ۽ انهن ٽنهي جو تقابلي مقابلو اڄ ڪلهه جو هڪ مقبول بحث آهي. پر جيڪڏهن ملڪي مسئلن ۾ اسان جي دلچسپي فقط زباني ۽ ڪلامي حد تائين نه آهي ۽ اسين واقعي پنهنجي معاشري کي بدلائڻ چاهيون ٿا ته انهن نظامن جي خامين ۽ خوبين ۾ منجهڻ کان پهرين اسان کي اهو طئه ڪرڻو پوندو ته آيا اسان وٽ اهي نظام رائج به ٿي سگهن ٿا، يا اهي خالي هڪ خيالي جنت جا تصورات آهن ..... جيڪڏهن اسان جو جذبه حب الوطني وقتي جوش جو نتيجو نه آهي، ته نظام ۽ تبديلي نظام جي مسئلن جو گهرو مطالعو ضروري آهي. اهو معلوم ڪرڻ گهرجي ته هڪ نظام جي قابل عمل ٿيڻ ۾ ڪهڙا شرط آهن ۽ اها به خبر چار وٺڻ گهرجي ته هڪ نظام جي جڳهه، ٻيو نظام ڪهڙيءَ طرح وٺي ٿو. هن مضمون ۾ انهن ئي مسئلن جو سائنسي مطالعو ڪنداسين. پهريان اسان ڏسنداسين ته نظام مان ڇا مراد آهي؟ پوءِ اهو ته نظام بدلجندو ڪهڙي طرح آهي؟

لفظ نظام عام طور تي معاشري جي سڀني سماجي، اقتصادي، قانوني سياسي، علمي تعلقات ۽ تصورات لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هي تعلقات ۽ تصورات ڪهڙي طرح قائم ٿيندا آهن ۽ ڇا جي ڪري تبديل ٿيندا آهن؟ اسان جي مضمون جو اصل موضوع آهي. اهو ئي موضوع دراصل فلسفه تاريخ جو بنياد آهي ۽ ماضيءَ ۾ دانشورن هن جا مختلف جواب فراهم ڪيا آهن. مؤرخين جي هڪ گروهه معاشرتي نظام جو بنياد خارجي مادي عنصرن ۾ تلاش ڪيو آهي سندن نزديڪ موسم ۽ جاگرافيائي قيرين گهيرين جهڙا خارجي عنصر معاشرتي نظام جي تشڪيل ڪندا آهن. پر اسان ڏسون ٿا، ته دنيا جي مختلف علائقن ۾ جتي لکن ۽ ڪروڙن سالن کان موسم ۽ جغرافيائي زمان و مڪان ۾ ڪابه تبديلي واقع نه ٿي آهي، اتي گذريل چند صدين ۾ ڪيترائي نظام بدلجي چڪا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته جغرافيائي ماحول جهڙا خارجي عنصر معاشرتي نظام جي تشڪيل ۾ فيصلہ ڪن ڪردار نٿا رکن. جيڪا شيءِ ڪروڙن سالن ۾ نه بدلجي اها انهن معاشرتي تبديلين جو سبب ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ جيڪي چند سؤ سالن جي اندر رونما ٿيون آهن.

دانشورن جي هڪ ٻئي گروه جي نزديڪ نظام جو بنياد اسان جا خيال ۽ عقيدا هوندا آهن. مگر هيءَ حقيقت ته مختلف عقيدن رکڻ وارن ملڪن ۾ هڪ نظام ملي ٿو ته ٻئي طرف هڪجهڙي مذهب رکڻ وارن ملڪن ۾ اسان کي مختلف نظام ڏيکاري ڏين ٿا. انهي ڳالهه جو ٺوس ثبوت فراهم ڪري ٿي ته نظام متعين ڪرڻ ۾ خيالن عقيدن جو ڪردار بنيادي اهميت جو حامل نه آهي ....

اسان پنهنجي هن تحقيق ۾ ڪيترن ئي داخلي و خارجي سببن جو جائزو وٺي سگهون ٿا. مثلا نسل، آبادي وغيره. پر معمولي غور ۽ فڪر ظاهر ڪري ٿو ته نظام تشڪيل ڏيڻ ۾ اهڙن سڀني سببن جو اثر بنيادي به پر اضافي ۽ فروعي نوعيت جو هوندو آهي پوءِ آخر اهو ڪهڙو عنصر آهي، جيڪو هڪ نظام کي ترتيب ڏيڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو؟ اهو بنيادي عنصر جيڪو اسان جي سماجي، اقتصادي، قانوني، سياسي ۽ علمي تعلقن ۽ تصورن کي متعين ڪري ٿو.

اهو آهي اسان جو پيداواري

عمل .... يعني اهو عمل جنهن رستي اسان پنهنجون مادي ضروريات زندگي مثلا : کاڌ خوراڪ، ڪپڙو ۽ رهائش گاهه وغيره حاصل ڪريون ٿا. اهو سمجهڻ لاءِ ته اسان جو پيداواري عمل ڪهڙيءَ طرح هڪ پوري نظام کي متعين ڪري ٿو پهرين چند بنيادي تصورن جي وضاحت ضروري آهي.

بنيادي تصورات

[پيداوار – پيداواري ذريعا / ذرائع پيداوار – پيداواري ذريعن جي سماجي نوعيت – پيداواري رشتا – پيداواري قوتون]

پنهنجي ابتدائي دور کان وٺي اڄ تائين انسان جي بنيادي ۽ اهم ترين مصروفيت قدرت وٽان ضروريات زندگي حاصل ڪرڻ رهي آهي. قدرت ۾ موجود خام [بيڪار] (ڪچو) شين کي ضروريات زندگي ۾ تبديل ڪرڻ جي عمل جي لاءِ اسين پيداوار جو لفظ استعمال ڪندا سين. پيداوار جي دوران ڪيل ڪم "محنت" جي زمري / حصي ۾ اچي ٿو. اها محنت ئي هئي جنهن سبب انسان قدرت کان ئي آزاد ٿي ڪري پنهنجو معاشرو قائم ڪرڻ جي قابل ٿيو .... انسان جي ذهني ارتقا ۾ محنت جو ڪردار بنيادي آهي .... انسان جي عظيم عقلي ڪارناما مثلا زبان جي تشڪيل، زراعت جي دريافت، مشين جي ايجاد سڀ پيداواري عمل جي دوران ۽ ان جي ضروريات جي پيش نظر ممڪن ٿيو .... قديم انسان جو پيداواري عمل تمام سادو هو ۽ وڻن جي ميون ۽ چارن گڏ ڪرڻ ۽ شڪار پڪڙڻ تائين محدود هو. قديم انسان جن ذريعن سان پيدوار حاصل ڪندو هو. اهي زمين تي موجود وڻ ۽ شڪار هو .... جن کي هو پٿر ۽ ڏنڊي جهڙن سادن اوزارن جي مدد سان حاصل ڪندو هو. پر وقت سان گڏوگڏ پيداوار جا نوان نوان طريقا رائج ٿيندا ويا ۽ اهو سڀ پيداواري ذريعن جي پيش نظر ئي ممڪن ٿي سگهيو. اڄ انسان جي ذرائع پيداوار ۾ جانور زمين، هر، مشينون، جهاز، ڪوئلو ۽ ڌاتو سڀ شامل آهن .... اسين پيداوري ذريعن / ذرائع پيداوار کي ٻن وڏن واضع گروهن ۾ تقسيم ڪري سگهون ٿا. هڪ اهي جن تي محنت ڪئي وڃي .... مثلا زمين ڌاتو ۽ خام مال وغيره ۽ ٻيو جن جي ذريعي محنت ڪئي وڃي .... مثلا آلات و اوزار وغيره، مشينون عمارتون وغيره.

انسان جي ذهني ارتقاء ۾ محنت جو ڪردار لازمي!

جيئن ته جيئن زماني سان گڏ وگڏ انسان جو پيداواري عمل به تبديل ٿيندو آيو آهي. پر انسان هي عمل ڪڏهن به اڪيلي سريا ڪ و تنها سرانجام نه ڏنو آهي پر هميشه اجتماعي طور تي ڪيو آهي يعني پيداوار جي نوعيت هميشه سماجي رهي آهي. جيڪڏهن هڪ سماجي عمل کي بار بار دهرايو وڃي ته، ان دوران ماڻهن جا هڪٻئي سان تعلقات پيدا ٿي ويندا آهن.....مثال طور تي گڏ رهڻ سان دوستانه يا دشمنانه تعلقات جنم وٺندا آهن پيداوار به چو ته، هڪ بار بار ورجائڻ/دهرائڻ وارو سماجي عمل آهي تنهنڪري ان جي دوران به ماڻهن جي وچ ۾ تعلقات قائم ٿيندا آهن جن کي پيداواري رشتا سڏيو ويندو آهي. انهن رشتن جو بنياد خون عقيدي ۽ زبان وغيره تي نه پر ٺوس مادي شين تي هوندو آهي ....مثال طور هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ پيداواري رشتن جو بنياد زمين ۽ ان جي پيداوار هوندي آهي. پيداواري رشتن کي هيئن ظاهر ڪري سگهجي ٿو........ ....

انسان شيءِ انسان

پنهنجن خوني رشتن جو ته اسان سڀني کي علم آهي ۽ اسان جا اڪثر ماڻهو قانون، سياست ۽ اخلاق وغيره جي ناطي ذريعي ڌارين سان پنهنجي تعلقاتن کان به آگاه آهن. يعني ته اسان کي پنهنجي غير پيداواري سماجي رشتن جو به شعور آهي. پر موجوده دور ۾ انسانجو پيداواري عمل ايترو گنجان ۽ وسيع ٿي ويو آهي جو اسان مان تمام گهٽ ماڻهن کي پنهنجي پيداواري رشتن جو صحيح شعور هوندو. مثال جهڙي طور تي پاڪستاني ڪوٺن ۾ ڪپهه اپائڻ واري کي نيويارڪ ڪاٽن مارڪيٽ ۾ سٽي کيڏڻ وارن سان [واپار ڪرڻ وارن سان] پنهنجي رشتي جو شعور نه هوندو.

پيداواري عمل جي متعلق هڪ ٻيو اهم تصور پيداواري قوتن جو آهي. هيءَ عام مشاهدي جي ڳالهه آهي ته هڪ هنرمند ماڻهو هڪ غير هنرمند ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پيدا ڪندڙ هوندو آهي يعني هن جي قوت پيداوار وڌيڪ هوندي آهي. آلات و اوزار به پيداوار ۾ اضافي جو باعث هوندا آهن. يعني هي پيداواري اوزار [سنڌ ڪار] هڪ پيداواري قوت آهي. جيڪڏهن جپان پنهنجي ڪارخاني ۾ پنجن منٽن ۾ تيار ٿيڻ واري ڪار جي عيوض پاڪستان جي هڪ ڳوٺ جي سڄي سال جي پيداوار طلب ڪري ٿو ته انهيءَ جو اصل سبب

جپاني ڪارخاني ۽ پاڪستاني ڳوٺ جي پيداواري قوتن ۾ فرق آهي.

پيداوار – پيداواري ذريعا – پيداواري جي سماجي نوعيت – پيداواري رشتا ۽ پيداواري قوتون سماجيات جا اهي بنيادي ستون آهن جن جي مدد سان انساني تاريخ جو سائنسي مطالعو ممڪن آهي. هنن جي مدد سان اسين مطالعو ڪري سگهون ٿا ته انساني تاريخ ۾ نظامن جي تشڪيل ۽ ان ۾ تبديليءَ جو باعث نه ته آب هوا آهي ۽ نه ئي ڪوئي شريعت ۽ قانون. پر انسان جو پيداواري عمل ئي هر معاشرتي نظام جو حقيقي بنياد آهي.... ....

تاريخ جي مادي تشريح

طرز پيداوار/پيداوار طريقو:

ڳوٺ جي هڪ پوڙهي جيڪا چرخي تي سٽ ڪتي ٿي ۽ اسپننگ مل ۾ ڪم ڪرڻ واري مزدور جي پيداواري عمل ۾ وڏو فرق آهي. انهيءَ فراق جو باعث سبب ٻنهي جي پيداواري قوتن جي نوعيت آهي. اسين ڏسون ٿا ته جيئن جيئن نوان ۽ پيچيده آلات و اوزار زير استعمال ايندا ويندا رهن ٿا تيئن تيئن انسان جي پيداواري عمل ۾ به وسعت ۽ پيچيدگي ايندي وڃي ٿي ۽ تقسيم جو رجحان وڌندو وڃي ٿو. هڪ خاص سطح تي پيداواري قوتون، پيداواري عمل ۾ محنت جي هڪ مخصوص اشتراڪ ۽ تقسيم تي زور ڀرينديون آهن. محنت جو اشتراڪ ۽ تقسيم مخصوص پيداواري رشتن کي جنم ڏيندي آهي.

اهوئي سبب آهي جو هڪ پوڙهي عورت جا پيداواري رشتا مل مزدور جي پيداواري رشتن کان ڪافي مختلف هوندا آهن. ياد رکڻ واري اصل ڳالهه اها آهي ته پيداواري رشتا پيدا واري قوتن سان منسلڪ هوندا آهن. پيداواري عمل جي تسلسل لاءِ ضروري آهي ته پيداواري قوتن ۽ پيداواري رشتن ۾ مطابقت هجي. هيءَ سماجيات جو ٻيو قانون آهي. پيداوري قوتن ۽ رشتن ۾ متعلق پيداواري عمل جي اندروني توازن لاءِ هڪ معروضي شرط آهي. پر پيداواري رشتن جو تعين ڪير ٿو ڪري؟ ڇا ڳوٺ جي پوڙهي عورت يا مل مزدور پنهنجن پيداواري رشتن طئه ڪرڻ ۾ خود مختيار هوندا آهن؟ ڇا ڪم جي تقسيم سندن مرضيءَ سان ٿيندي آهي؟ ڇا پيداوار جي ورهاست سندن راءِ مطابق ٿيندي آهي؟ ايئين نه ٿيندو آهي پر انهن امورن جو فيصلو زمين جو مالڪ يا مل جو مالڪ ڪندو آهي.

اهو بنيادي رشتو جيڪو پيداواري عمل جي دوران جنم وٺي وارن سماجي رشتن جي ڪنجان نظام جو ڪردار متعين ڪري ٿو. جيڪو پيداواري ذريعن جي ملڪيت مان جنم وٺندو آهي. ڇو ته ذرائع پيداوار جي ملڪيت ئي فيصلو ڪري ٿي ته ڪير ڇا ڪندو؟

سوشلسٽ طرز پيداوار:

هن طرز پيداوار ۾ پيداواري ذريعا سڄي معاشري جي مشترڪه ملڪيت هوندا آهن. پيداواري ذريعا مشترڪه ملڪيت هئڻ جي سبب محنت جي تقسيم فردن جي صلاحيتن ۽ پسند بنائدڙ ڪئي ويندي آهي ۽ پيداوار جي تقسيم سندن ڪم جي مطابق ڪئي ويندي آهي.

سماجي شعور جو مٿيون ڍانچو ۽ سماجي بناوت

هيلتائين جي بحث مان ته اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته انسان جي ترقيءَ جي سطح ۽ معاشي تعلقاتن جا بنياد، پيداوار جا اوزار آهن، پر جيئن ته انسان جا مذهبي دوست اسان کي اڪثر ياد ڏياريندا رهندا آهن ته دنيا ۾ صرف مادي شيون سڀ ڪجهه نه آهن. هڪ انساني معاشري ۾ ڪافي تعلقاتن ۽ طور طريقن جو بنياد انسان جي ذهني سوچن ۽ عقيدن تي منحصر هوندو آهي. هي خيال ۽ عقيدا ڪٿان اچن ٿا ۽ سندن بنياد ڇا آهي؟ ۽ هڪ نظام جي ڪارڪردگيءَ تي سندن ڪهڙو اثر پئي ٿو؟ هي ڪافي وسيع بحث آهي، جنهن جو موضوع دراصل شعور [خيال] ۽ وجود [جسم] جي وچ ۾ تعلق سان آهي........

هي فلسفي جو موضوع آهي ۽ ماديت جو فلسفو اسان کي ٻڌائي ٿو ته "انسان جو سماجي وجود انسان جي شعور کي متعين ڪري ٿو"..... ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته انسان جو رهڻ سهڻ، انسان جي خيالن کي ترتيب ڏئي ٿو–

اسان ڄاڻون ٿا ته هڪ معاشري ۾ پيداواري رشتا ئي واحد سماجي تعلقات نه هوندا آهن، پر اخلاقي ورسمي اصول به زندگي وغيره ۾ سماجي رشتن کي جنم ڏيندا آهن. انهيءَ کان سواءِ معاشري ۾ رهندڙ فردن جي وچ ۾ سياسي، مذهبي ۽ قانوني رشتا به هوندا آهن. جن سماجي تعلقاتن جو انسان کي شعور هوندو آهي، انهن جي متعلق تصور انسان جي ذهنن ۾ پيدا ٿيندا آهن. هي تصور فقط هڪ فرد جي ذهن تائين محدود نه هوندا آهن، پر انهن جي نوعيت سماجي هوندي آهي. سماجي تصورن جي انهيءَ نظام کي نظريو چيو ويندو آهي. اسين ڏسون ٿا ته هر دور ۾ انسان جا اخلاق، مذهب، قانون ۽ سياست وغيره جا نظريا سندن روز مره جي زندگيءَ جو عڪس رهيا آهن. مثال طور تي جاگيرداري دور جي

نظرين ۾ روايت پرستي ۽ اطاعت گذاري حاوي ڏيکائي ڏئي ٿي. جڏهن ته سرمائيداري دور جي نظرين ۾ قانون جي بالادستي / پاسداري ۽ ملڪيت جي تقدس تي زور نظر اچي ٿو. سوشلسٽ دور جي نظرين ۾ تنقيد ۽ عظمت کي اهميت حاصل هوندي آهي. هڪ طرف ته انسان جا نظريا يعني انسان جا سماجي تصور انسان جي مادي زندگيءَ جو عڪس هوندا آهن، پر ٻي طرف هي انسان جي روين (Attitudes) تي اثر انداز پڻ ٿين ٿا.... مثال طور تي هڪ مذهبي نظريي رکڻ وارو شخص پنهنجي مذهب سان تعلق رکندڙ شخصيتن، واقعن ۽ مقامن/ جڳهين سان عقيدت رکي ٿو..... هڪ جمهوري سياست جو حامي آمرن کان نفرت ڪري ٿو..... درحقيقت انسان جا سماجي تصور ئي انسان جي نفسياتي روين/چال چلن کي ڪي متعين ڪن ٿا..... ۽ انهن نظرين [سماجي تصورن] ۽ نفسياتي روين جي ٽالو شعور آهي. انسان جو سماجي شعور انسان جي سماجي تصورن ۽ انسان جي سماجي نفسيات جو مجموعو هوندو آهي.....

> **جيڪڏهن طبقاتي شعور بلند هجي ۽ دنيا ڀر جي مزورن ۾ يڪجهتيءَ جو جذبو هجي ته سرمائيداري نظام جو خاتمو لازمي آهي**

پيداواري رشتا اصل بنياد جن تي هڪ طرز پيداوار استوار ٿئي ٿي، ٻر هڪ طرز پيداوار کي پنهنجي بقا جي لاءِ اهڙي سماجي شعور جي به ضرورت هوندي آهي، جيڪو سندس پيداوار ۽ رشتن کي مستحڪم ڪري.... مثال طور تي معاشري ۾ محنتڪش جي استحصال کي ختم ڪرڻ لاءِ قابل قبول بنائڻ ۾ تقدير جو نظريو يا بعد از موت جيئڻ جو نظريو ڪارگر ثابت ٿيندا آهن. تنهنڪري هي تصور انسان کي طبقاتي معاشري معاشري جي سماجي شعور جو حصو نظر ايندا آهن. ٻي طرف اهڙا نظريا جيڪي رائج سماجي رشتن جي خلاف هجن. طرز پيداوار جي لاءِ خطرو هوندا آهن مثلا: جيڪڏهن انسانن جي برابري جو تصور سماجي شعور جو حصو بڻجي وڃي ته غلام داري طرز پيداوار نٿو هلي سگهي.... يا جيڪڏهن بادشاهه جي مؤروثي حق کي چيلينج ڪيو وڃي يا محڪوميءَ کان نفرت ٿي وڃي ته جاگيرداري طرز پيداواري رائج نٿو رهي سگهي. اهڙي طرح جيڪڏهن طبقاتي شعور بلند هجي ۽ دنيا ڀر جي مزورن ۾ يڪجهتيءَ جو جذبو هجي ته سرمائيداري نظام جو خاتمو لازمي آهي.... تنهنڪري اسين چئي سگهون ٿا ته هڪ طرز پيداوار، جتي پيداواري قوتن ۽ ان سان مطابقت رکندڙ پيداواري رشتن جو اقتصادي بنيادن تي قائم هوندي آهي. اتي ڪيس موافق سماجي شعور جي مٿين ڍانچي جي به ضرورت هوندي آهي هتي مٿين ڍانچي مان مراد اهي سماجي رشتا [پيداواري رشتن کي ڇڏي ڪري هي بنيادي حصو هوندا آهن] ۽ سماجي شعور آهي، جيڪي هڪ طرز پيداوار لاءِ اثر هجن. هڪ طرز پيداوار جو مٿيون ڍانچو نه فقط معاشري جي غير پيداواري سماجي رشتن ۽ سماجي شعور جو ٽالو آهي، پر شعوري سماجي رشتن [غير پيداواري] ۽ ان سماجي تصورن ۽ نفسياتي روين جو مجموعو پڻ آهي، جيڪي هن طرز پيداواري وجود لاءِ اثر هجن. جيڪي رائج پيداواري رشتن کي مضبوط ڪن.... پيداواري ذريعن جي موجوده ملڪيت کي مضبوط ڪن. طرز پيداوار ۽ مٿين ڍانچي جي مجموعي کي سماجي بناوت چيو ويندو آهي. سماجي بناوت اندروني توازن جي حاصل هڪ نوس تاريخي حقيقت آهي....

تاريخ ۾ اڪثر ائين ٿيو آهي ته هڪ معاشري ۾ هڪ ئي وقت گهڻائي پيداواري طريقا رائج هجن ۽ هڪ پيداواري طرز غالب هوندي آهي ۽ چند پيداواري طرز ون ماضيءَ سان متعلق ۽ تنزل پذير هونديون آهن. جڏهن ته طرز پيداوار ترقي پذير ۽ مستقبل ساز هوندي آهي. انهي صورتحال جي سبب هر سماجي بناوت جي مٿين ڍانچي ۽ سماجي رشتن ۾ ماضي ۽ مستقبل جي بناوت جا عنصر موجود هوندا آهن. هڪ سماجي بناوت جي برقراري لاءِ مٿين ڍانچي ۽ اقتصادي بنياد (طرز پيداوار) ۾ مطابقت ضروري آهي. هي سماجيات جو ٻيو قانون آهي.

هيل تائين جي بحث ۽ هيٺ ڏنل شڪل مان واضح آهي ته هڪ معاشرتي نظام ڪهڙن بنيادن تي استوار ٿئي ٿو، انهيءَ جي ترڪيب جا هوندي، سندس مختلف حصن جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق هوندو آهي ۽ اهو ڪهڙي طرح برقرار رهندو آهي ....

هاڻ اسان مضمون جي ٻئي اهم سوال کي وٺون ٿا. يعني هڪ معاشرتي نظام (سماجي بناوت) تبديل ڪيئن ٿيندو آهي.

تاريخ ۾ تبديلي جو جدلياتي عمل

مخالفانه / دشمنانه ۽ غيرمخالفانه طرز پيداوار: مختلف طريقن جي پيداوار کي ذرائع پيداوار جي ملڪيت جي حوالي سان ٻن گروپن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اهڙي طرز پيداوار جنهن ۾ ذرائع پيداوار نجي/ ذاتي ملڪيت ۾ هجن ۽ اهڙي طرز پيداوار جنهن ۾ ذرائع پيداوار پيداواري ذريعا اجتماعي / گڏيل ملڪيت ۾ هجن. ائين ته ٿي به سگهي ٿو ته سڀ ماڻهو پنهنجن پنهنجن پيداواري ذريعن جا خود مالڪ هجن، يعني گهريلو صنعت ۽ دستڪاري جي صورتحال هجي. پر عمل اسان ڏسون ٿا ته گهريلو دستڪاريءَ جي طرز پيداوار تاريخ ۾ ڪڏهن به غالب طرز پيداوار نه رهي آهي.

نجي ملڪيت جي طرز پيداوار ۾ پيداواري ذريعن جي مالڪن کي مراعات حاصل هوندي آهي. تنهن ڪري انهيءَ اضافي ملڪيت جي پيداوار ملڻ سبب ٿي هو مضبوط ٿي ويندا آهن ۽ پيداواري ذريعن کان محروم ماڻهو ڪمزور تر . . . . ائين معاشرو طبقن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هڪ قبيل مراعات يافته، پيداواري ذريعن جو مالڪ طبقو ۽ ٻيو وڏو ٻيوس ۽ محنت ڪش طبقو. انهن ٻنهي طبقن جي مفادن ۾ ٽڪراءُ هوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي طرز پيداوار کي مخالفانه / دشمنانه طرز پيداوار چيو ويندو آهي. انهي جي برعڪس اهڙي طرز پيداوار جنهن ۾ پيداواري ذريعا مشترڪ ملڪيت (اجتماعي/ سماجي) ۾ هجن اتي معاشري کي مخالف ۽ متحارب طبقن ۾ ورهائڻ جو بنياد موجود نه هوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي طرز پيداوار کي غير مخالفانه / غير دشمنانه طرز پيداوار چيو ويندو آهي . . .

هڪ سماجي بناوت اوستائين برقرار رهندي آهي، جيستائين سماجيات جا ٻئي قانون قائم رهندا آهن، يعني پيداواري رشتا، پيداواري قوتن سان مطابقت رکندا آهن ۽ مٿيون ڍانچو اقتصادي بنياد سان مطابقت رکندو آهي. پر جڏهن ميل ميلاپ/ مطابقتون برقرار نه رهن ۽ پيداواري قوتن ۽ پيداواري رشتن يا اقتصادي بنياد ۽ مٿئين ڍانچي جي وچ ۾ ڪو بنيادي تضاد پيدا ٿي وڃي ٿو ته سماجي بناوت ۾ تبديلي اڻٽر ٿي ويندي آهي. چوته سماجي بناوتن ۾ تبديلي تضادن جي اپرڻ جو نالو آهي. اسين چئي سگهون ٿا ته تاريخ جو عمل هڪ جدلياتي عمل آهي. پر هڪ سماجي بناوت ۾ تضاد ڇا لاءِ پيدا ٿيندا آهن؟ اسين ڏسون ٿا ته جديد انسان جو مادي ماحول ابتدائي انسان جي ماحول کان خاصو مختلف آهي.

هي شهر، هي رستا، نهرون، ڪارخانا، ذرائع آمدرفت وغيره سڀ انساني محنت جي پيداوار آهن. انسان شروع کان قدرت سان ڇڪتاڻ ۾ هلي رهيو آهي ۽ محنت جي سماجي عمل جي ذريعي قدرت کي پنهنجي تصرف ۾ آڻي، انسان پنهنجي مادي ماحول کي بدلائيندو رهيو آهي. هر شيءِ مادي سطح پيداواري عمل ۾ وڏيڪ تبديلين جو باعث بڻبي آهي. نوان ۽ بهتر آلات و اوزار ايجاد ٿيندا آهن، نون اوزارن جي استعمال جا امڪان پيدا ٿيندا آهن. انساني صلاحيتن ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ ائين هڪ نئون مادي ماحول، تشڪيل ٿيندو آهي .... جيڪو وڏيڪ تبديلين جو سبب بنجندو آهي.

پيداواري قوتن جي برعڪس سماجي رشتن ۽ سماجي شعور جو ڪردار قدامت پسندانه هوندو آهي اڪثر اسان جا سماجي رشتا بار بار دهرائڻ جي سبب رسم و رواج جي شڪل اختيار ڪري ويندا آهن. انهن ۾ تبديليءَ جو عمل پيداواري قوتن جي پيٽ ۾ سست هوندو آهي ۽ ان جي لاءِ خارجي محرڪ درڪار هوندا آهن. هي محرڪ هر دور ۾ بدلجندڙ پيداواري قوتون ئي فراهم ڪنديون آهن. جڏهن اسان سماجي شعور جو جائزو وٺنداسين ته ان ۾ تبديليءَ جو عمل اڃا به سست نظر اچي ٿو.

هيءَ هڪ دلچسپ حقيقت آهي ته جيستائين اسان جي جسماني (مادي) ضرورتن جو تعلق آهي، ان ۾ ته تبديليون آسانيءَ سان قبول ڪريون ٿا، پر سماجي تصورن جي معاملي ۾ جيڪي در حقيقت اسان جي پنهن جي فڪرن جي پيداوار هوندا آهن، ۽ جني دور انديشي دليل ۽ عقل جو زياده مؤثر هٿ ڪيي اتي رجعت پسندانه رويا اوترو ئي مضبوط ٿي ويندا آهن در اصل ماڻهو ميڪنيڪل ۽ نوس شين کي جلد پنهن جو ڪري وٺندا آهن، جڏهن ته فڪري تبديليون وقت وٺن ٿيون.

اسان نئين اليڪٽرانڪ گهڙي ته فورن استعمال ڪرڻ لڳندا آهيون (چاهي ان تي ملڪ جو ڪافي زر مبادله خرچ ٿيو هجي) پر هڪ فرسوده ڪلينڊر کي بدلائڻ لاءِ، جنهن لاءِ معمولي ارادو يا اتفاق راءِ ضروري هوندي آهي ان ۾ صديون لڳي وينديون آهن.

غير مخالفانه سماجي بناوت ۾ تبديلي ۽ ترقيءَ جو عمل

اسان ڏسي چڪا آهيون، ته پيداواري قوتون ته مسلسل ترقي

ڪنديون رهنديون آهن پر سماجي رشتن ۽ سماجي شعور جو ڪردار (جيڪي پيداواري رشتن سان جڙندا آهن) قدامت پسندانه هوندو آهي ....

پيداواري قوتن جي ترقي پسندي ۽ پيداواري رشتن جي قدامت پرستي جي سبب انهن ٻنهي ۾ مطابقت برقرار نه رهندي آهي. پيداواري عمل جي تسلسل کي قائم رکڻ لاءِ پيداواري رشتن ۾ تبديلي ضرور ٿيڻي وڃي ٿي آهي. ائين هڪ نئين طرز پيداوار جنم وٺندي آهي ....

طرز پيداوار ۾ تبديليءَ سان نون اقتصادي بنيادن ۽ پراڻي ڍانچي ۾ تضاد پيدا ٿي ويندا آهن، جن کي حل ڪرڻ لاءِ سماجي شعور ۾ تبديلي ايندي آهي. ائين هڪ نئين طرز پيداوار جنم وٺندي آهي.

طرز پيداوار ۾ تبديليءَ سان نون اقتصادي بنيادن ۽ پراڻي ڍانچي ۾ تضاد پيدا ٿي ويندا آهن جن کي حل ڪرڻ لاءِ سماجي شعور ۾ تبديلي ايندي آهي، ائين هڪ نون اقتصادي بنيادن ۽ انهي سان مطابقت رکڻ وارو مٿيون ڍانچو تشڪيل ٿيندو آهي، يعني اندروني توازن جي حامل هڪ نئين سماجي بناوت وجود ۾ ايندي آهي هڪ غير مخالفانه سماجي بناوت ۾ تبديليءَ جو هيءُ عمل بغير ڪنهن بنيادي مزاحمت جي جاري رهندو آهي........

مخالفانه سماجي بناوتن ۾ سماجي ترقي طبقاتي جدوجهد ۽ سماجي انقلاب

سماجي ترقيءَ جو جدلياتي عمل سڀني سماجي بناوتن ۾ جاري رهندو آهي .... انهيءَ جو سبب پيداواري قوتن جي ترقيءَ پسندي ۽ پيداواري رشتن ۽ سماجي شعور جي قدامت پسندي جي باعث پيدا ٿيڻ وارا تضاد هوندا آهن. هڪ مخالفانه طرز پيداوار ۾ انهن تضادن جو حل اجتماعي اتفاق سان ممڪن نه ٿو ٿئي ڇو ته اهڙين بناوتن ۾ سماج طبقن ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي ....

محنت ڪش طبقو، پيداواري قوتن ۾ تبديليءَ سان گڏ نون پيداواري رشتن جي تقاضا ڪري ٿو جڏهن ته پيداواري رشتن جا مالڪ طبقا جن کي پراڻن پيداواري رشتن ۾ مراعات حاصل هونديون آهن. نون رشتن جي مخالفت ڪندا آهن ۽ پراڻن رشتن ۽ انهن سان منسلڪ مٿين ڍانچي کي برقرار رکڻ جي شعوري ڪوشش ڪندا آهن. انهن ڪوشش ۾ سڀ کان اهم قانون ۽ رياستي مشينري جي تشڪيل آهي. اهڙي صورت حال اهو طبقو يا طبقا، جن جا مفاد پيداواري قوتن جي ترقيءَ سان وابسته هوندا آهن، رائج پيداواري رشتن مان جنم وٺڻ وارين رعايتن جي خلاف لڙندا آهن ۽ انهن رشتن سان منسلڪ مٿين ڍانچي ۾ تبديليءَ تي زور ڏيندا آهن. اهڙي طرح هڪ سطح تي پيداواري قوتون ۽ پراڻا پيداواري رشتا ۽ ٻي سطح تي نوان اقتصادي بنياد ۽ پراڻي مٿين ڍانچي جي وچ ۾ تضاد، طبقاتي جدوجهد کي جنم ڏيندا آهن. انهن تضادن کي پيداواري ذريعن جي مالڪ طبقن جي مراعاتن ختم ڪرڻ سان ئي حل ڪري سگهجي ٿو.

طبقاتي رعايتن کي ختم ڪرڻ ڏانهن پهريون ۽ بنيادي قدم پيداواري ذريعن تي نجي ملڪيت ختم ڪرڻ يعني هڪ سماجي انقلاب برپا ڪرڻو آهي .... هيءَ تبديلي درجي بدرجي اصلاحن جو نتيجو نه هوندي آهي، پر ڪم و بيش هڪ پر تشدد انقلابي جنگ هوندي آهي، خصوصن قانوني ۽ سياسي ادارن جي خلاف جيڪي پيداواري ذريعن جي ملڪيت جا اصل محافظ هوندا آهن.

مٿيون ڍانچو به طرز پيداوار جي تبديليءَ ۾ هڪ اهم رڪاوٽ هوندو آهي. تنهن ڪري نئين طرز پيداوار جي جدوجهد دوران نوان سماجي تصور ۽ نوان سماجي رويا تشڪيل وٺندا آهن. جيڪڏهن حالات موافق هجن ته اهو طبقو، جيڪو نئين نظام جي جدوجهد ڪري رهيو هوندو آهي. پنهنجي سياسي تنظيم ۽ ٻيا سماجي ادارا قائم ڪندو آهي. ائين سماجي شعور ۾ تقسيم پيدا ٿي ويندي آهي ۽ نون پيداواري رشتن لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارن جي ذهن ۾ مستقبل جي سماجي بناوت جي مٿين ڍانچي جو مرڪز وجود ۾ ايندو آهي ....

طبقاتي جدوجهد خيالن ۽ سماجي نظرين جي وچ ۾ جدوجهد بڻجي ويندي آهي. موجود نظام سندس قانون ۽ سياسي اقتدار جي خلاف جدوجهد نون سماجي تصورن ۽ نون سماجي نفسياتي روين جي رهنمائي ۾ لڙي ويندي آهي. پراڻن پيداواري رشتن جا رعايت يافته طبقا اڪثر ڪري رياستي اقتدار قانون ۽ رائج نظرين ۽ سماجي نفسياتي روين (جيڪي سڀ سندس طرفدار هوندا آهن) جي مدد سان پراڻي سماجي بناوت کي ٽيڪ ڏيندا آهن.

آخرڪار هڪ سماجي بناوت ٻي سماجي بناوت ۾ ڌماڪي سان گڏ بدلجندي آهي .... سماجي ارتقا جو جدلياتي عمل مخالفانه سماجي بناوتن ۾ طبقاتي جدوجهد ۽ سماجي انقلاب جو روپ اختيار ڪندو آهي.

قلندر

ڪامريڊ جام ساقي جي پارٽي جي دوري جي رپورٽ

جام ساقي

ڪامريڊ جام ساقي جي پارٽي جي دوري
جي رپورٽ لاءِ اسان ڪيس ئي عرض
ڪيو ته لکي ڏي ڇاڪاڻ ته اسان وٽ
ڊيٽرا ڪي ريڪارڊ نه هيا جو پنهنجو
نمائندو موڪليون ۽ روايتن کان
هٽي ڪري ڪامريڊ شعور جي لاءِ
هي رپورٽ لکي ڏني جنهن تي
ادارو ڪامريڊ جو عنايت تي
ٿورائتو آهي.
(ادارو)

٣ مارچ تي شام ڇئين وڳي ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تان اڏامي ٦ بجي وڃي دهلي جي اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لٿس ۽ اتان ترت ئي وڃي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي هيڊ ڪوارٽر اجئه ڀون تي پهتس جتي ٤ تائين ڪلڪتي وڃڻ کان اڳ قيام ڪرڻو هو.

٤ مارچ تي سي پي ايم جي اڳواڻن گاڏي موڪلي ته اچي ملاقات ڪر. سي پي ايم جي هيڊ ڪوارٽر پهتس جتي سندن پولٽ بيورو جي ميمبر سرجيت جي ۽ ٻين اڳواڻن سان مڪا ميلو ٿيو. ٥ مارچ تي شام جو مشهور انقلابي فنڪار صفدر هاشمي شهيد جي گهر تعزيت لاءِ ويس جتي سندن جوشيلي والده بيگم آزاد، ڀاڻس سهيل، ڀاڄائي ۽ پيڻس شبنم سان ملاقات ٿي جو سندس گهرواري مالا ڪيرالا ڏانهن ويل هئي.

٦ تي منجهند ڪلڪتي پهتاسين جتي اسانکي اتي جي مشهور وڏي هوٽل اشوڪ ۾ ترسايو ويو. هت منهن ڌوئي وڃي افتتاحي اجلاس ۾ شريڪ ٿياسين جيڪو ڪلڪتي جي مشهور اسٽيڊيم ۾ ٿي رهيو هو جنهن کي ڪانگريس لاءِ سومنات گهري نگري ڪلڪتو جو نالو ڏنو ويو هو. ڪل ڇاڙهياسين استقباليه ڪاميٽي جي چيئرمن آڏر پاءِ ڪيو ۽ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ راجيشور راءِ افتتاح ڪ... ڪئي. ٻئي ڏينهن کان روزمره جي ڪارروائي هلندي وقفي وقفي سان ٻاهرين مهمانن جون تقريرون به ٿيون. پاڪستان جي وفد جي تقرير بابت اندازو هو ته اها ٤٦ وفدن مان ويهين ٻاويهين نمبر تي هوندي پر ٿيو ائين جو سوويت پارٽيءَ چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ افغانستان جي پارٽيءَ کانپوءِ چوٿين نمبر تي ئي پاڪستاني وفد جي اڳواڻ (ليڪ) کي سڏيو ويو جنهن تقرير کانپوءِ هندوستان جي پارٽيءَ کي اجرڪ جو تحفو پڻ پيش ڪيو.

هڪ شام گهمندي جڳ مشهور ڪالي ديويءَ جي مندر ۾ وياسين پيا به ڪجهه وفد هيا جن ۾ عرب ۽ يورپي به شامل هئا. رسين جي گهيري کان ٻاهر مسڪين ماڻهو ديويءَ کي سجدا ڪري رهيا هئا اسانکي غير ملڪي ڏسي پوڄاريءَ رسيون کولائي سڏيو، اڙون اڳتي وڌي ويس وڃي ديويءَ جي پرسان بيهارياڻون. هڪ پوڄاري چوڻ لڳو جناب هي ديوي جي پوڄڻ جو ٽائيم آهي (جيڪو هنو مٿو ترڻ تي پوڄاري پاڻ پنهنجي پيٽ ۾ پهچائيندا آهن) ديوي ڪنهن سان نه ملندي آهي توهان سان خاص قرب ڪيو اٿس پوڄا لاءِ ٿالهه ۾ هڪ سئو روپيا وجهو. چيومانس ميان ديوي گهرايو آهي ته اسين پاڻ ۾ ڇاڻون تون ڪير؟ همراهه اچي هٿ ٻڌي ته نه سائين اهو اوس آهي. آخر ڪيس ٻه روپيا ڪري ڏنم ۽ چيم تون پنهنجي ڪميشن وٺ باقي ديوي ڇاڻي اسين ڇاڻون. ۽ انهن چئي خير سان موٽياسين. ڪلڪتو ماڻهن جو سمنڊ آهي جتي گاڏيءَ کان ماڻهو پيادو ڪلها هڻيو تکو نڪريو وڃي. ٩ مارچ تي اسانکي رابندر ناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل يونيورسٽي شانتي نڪيتن وٺي ويا جتي مقامي ميونسپالٽي پاران آڌر ڀاءُ ڪيو ويو ۽ شام جو شانتي نڪيتن ۾ تربيت وٺندڙ ٻارن بهار جي مند جي مان لاءِ ترتيب ڏنل ناچ ۽ راڳ پيش ڪيو. هيترڙن معصوم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي لباس ۽ قابليت اسانکي سيني کي ڪافي متاثر ڪيو. پڇاڙيءَ ۾ مون مختصر تقرير ڪئي جنهن ۾ چيم ته عام طرح زندگي ۾ سڪندر نظر ايندا آهن پر ارسطو (سڪندر جو استاد) نظر نه ايندا آهن جيتوڻيڪ سڪندر اعظم چوائي ته ارسطو پيا نه سڪندر پيدا ڪري ٿو سگهي پر سڪندر جي وس اهو ناهي ته هو ڪو هڪ به ارسطو پيدا ڪري سگهي. ۽ هتي هن اداري ۾ اسان ارسطو به ڏٺا ته سڪندر به. هڪ فرق آهي هن سڪندر وٽ فتح ڪرڻ لاءِ محدود دنيا هئي پر هنن لاءِ فن جي لامحدود دنيا آهي. ڏهين صبح ٽئگور ميوزم ڏٺوسين. ڏهين شام موٽي ڪلڪتي وياسين ١١ تي منهنجي پريس ڪانفرنس ٿي ۽ هڪ بنگالي اخبار اڄ ڪلهه انٽرويو به ڪيو. هنن وقفن ۾ ريڊيو ماسڪو، پرودا سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي ترجمان) ۽ ورلڊ مارڪسٽ ريويو، بنگالي سواپنا جي نمائندن اچي انٽرويو

به ورتاء.

۱۲ مارچ تي ڪلڪتي جي وڏي گرائونڊ ۾ تمام وڏو جلسو ٿيو جنهن ۾ ڏهن لکن کان مٿي آدم هو. اتي ۴۲ وفدن سان رکيو سوويت وفد، چيني وفد، افغان وفد، پاڪستان جي وفد ۽ بنگله ديش جي وفدن جي اڳواڻن کان تقريرون ڪرايون ويون. جڏهن ته هال جي اندر اجلاس ۾ هر آيل وفد جي اڳواڻ کان تقرير ڪرائي ويئي. واقعي هتي ته وقت جو به مسئلو هو.

ريليءَ جي تقرير ۾ مون چيو ته اسانجي ملڪ جي بورجوا ليڊرشپ ڏاڍي پوم پوم ڊارلنگ (وڙهڻ جهڙي نه) ٿيندي آهي. ڪنهن جو پيءُ تو مارجي ته ڪنهن جي ماءُ ته به اصل قاتل جو نالو وٺڻ کان به ووئن ويندا آهن. رکيو تارا مسيح ليول تي انڌي مذہبي مرغي ٽنگي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيندا آهن. جڏهن ته اصل قاتل يعني آمريڪي سامراج کي ڪجهه چئي نه سگهندا آهن. پيو ته ٿهيو پر ان جي اتحادي ملڪي مضبوط رجعت پسند ٽولن سان وڙهڻ جي همت به نه ساري سگهندا آهن. اهي اسان ترقي پسند ئي آهيون جيڪي انهن رجعت پسند قوتن کي پوئتي ڌڪڻ ۽ هندي وڏي سمنڊ کي آمريڪي ڍنڍ ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ هلچل هلائي رهيا آهيون.

اجلاس دوران دادي ڪلپنا دت سان به ملاقات ٿي، پاڻ ستر سالن جي آهي پر ڦڙڪيون جوش جذبو اجا اهوئي ڪاليج وقت چٽگانگ واري ڪارروائي واري وقت جو اٿس. لکڻ پڙهڻ، پڙهائڻ ڊڪ ڊوڙ شاباس هجيس پڇومانس ڪامريڊ ٽڪجين ڪونه ٿي ڇمائين ڪامريڊ بنجاهي سالن کان پارٽي ممبر آهي ان حساب سان

رڪڻي اٿم سو پرواه ئي ڪونه اٿر! ڪلڪتي جو ميوزم ڏٺم تمام شاندار آهي ايڏو وڏو ۽ سٺوميوزيم رکندڙ شهر کي باشعور ته هئڻ ئي کپي

۱۵ صبح تي سوير ڪلڪتي کان اڏامي اچي دهلي پهتاسين، اها اڏام ڪراچي دهلي واري اڏام کان کي گهڙيون وڌيڪ تي وٺي پارت ملڪ کان وڌيڪ ڪنڊ آهي

سورهين مارچ شام صفدر هاشمي شهيد جي گهر ماني هئي رات اتي ئي ترسي پيس صبح جو سوير سهيل هاشمي لوڌي سلطانن جا مقبرا ۽ باغ ڏيکاريو جنهن ڪانپوءِ همايون جو مقبرو ڏٺوسين جيڪو اڏاوت ۽ ڊزائين جي لحاظ کان تاج محل کان به خوبصورت آهي. منجهند جو اجهه پون موٽي ويس. منجهند جي ماني سنڌيءَ جي مشهور شاعر هريڪانڌ ڪارائي. ۱۸ تي آگرو ڏسڻ ويس اهو انتظام پارت جي برادر پارٽي CPI ڪيو هو. صبح جو سوير ساڍين پنجين بجي اجهه پون سان نڪتاسين مون سان گڏ ڪار ۾ هفتيوار حيات جو ڪامريڊ باقي حسين هو ۽ ڊاري وچي سڪندر پهتاسين جتي، مغل شهنشاه اڪبر جي مقبري جي

عاليشان عمارت آهي عاليشان مقبري جي اندر زير زمين اڪبر جي اصلي قبر آهي ويچارا بادشاه مرڻ ڪانپوءِ به محفوظ نه سمجهيا ويندا هئا سو اڪثر بادشاهن جون اصلي قبرون هيٺ ۽ نقلي قبري مقبرن جي مکيه عمارتن جي وچ ۾ ٺهيل آهن. اڪبر جي اصلي قبر وٽ مجاور بيٺل هو سائين شهنشاه جي قبر تي ميڻ بتي لاءِ ڪجهه نذرانو ته ڏيو؟ هر ڪو ڪجهه نه ڪجهه ڏيئي رهيو هو ڪير چائي ڪهڙن جذبن سان! اڳتي هلي آگري جو قلعو ڏٺوسين واقعي وڏو قلعو آهي ۽ دهليءَ جي لال قلعي کان وڌيڪ خوبصورت به ۽ شان و شوڪت وارو به قلعي کان تاج محل وڃڻ ٿيو تاج جي خوبصورتي قيمتي پٿرن، پڪيڙ ۽ چٽسائيءَ جي ڪري آهي هر وقت ماڻهن جو هجوم چاڪاڻ ته سج جي پوزيشن جي ڪري تاج محل جي رنگ ۾ به هلڪيون تبديلون ايندڻيون آهن. اعتمادالدوله جي خوبصورت مزار ته وڃي ڏٺيسين. انڪان پوءِ وياسين فتح پور سڪري جتي وڏو دروازو محل ۽ انجا ناچ گهر توڙي شيشن محل چوپڙ راند جو ميدان سڀ ڏسڻ

ديوان خشونت سنگهه CPI جي اسيمبلي سربراه سان گڏ

وڏن آهن. اڪبر جي وهڻ واري جاءِ ۾ پڻ، هندوستاني ۽ بخارا جي گڏيل تعمير آهي.

رات واپس هلي پهتس — CPI جي دوست تجويز ڏني ته ٻي مهينا هتي رهه پر سڄي هندوستان جو دورو ڪر ۽ جلسا ڪر مون ڪانئن معافي ورتي ته اسانجي مسڪين ملڪ ۾ مس مس جمهوريت آئي آهي سو موٽي وڃي ڪو ڪم ڪار ڪريون سو ٺيڪ ٿيو ته پهرين اپريل اتي رهبو پوءِ ملڪ موٽبو ان موجب يارن چيو ته هينئر اتي هندوستان ۾ هولي آهي سو سياسي جلسا ايترا سٺا نه رهندا انڪري ٽيهن تاريخ تائين آئون بمبئي مان ٿي اچان جو سنڌين ۽ ڏکڻ هندوستان وارن لاءِ هوليءَ جو خير آهي ٢٠ مارچ تي بمبئيءَ پهتس هوائي اڏي تي، سنڌري اتم چنداڻي اتم، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، جهوليءَ لال جو ايڊيٽر ديال موٽواڻي ۽ بمبئي جا ڪجهه ڪامريڊ آيل هئا ۽ وٽن جو ڳاڙهو جهنڊو ڪنيل هو انڪري ٻي سڃاڻپ ٿي سگهي.

هوائي اڏي تان سڌو وياسين راڄ ڀون يعني ڪميونسٽ پارٽي آفيس جيڪا



ڪلپنادت - چٽگانگ جي انقلابين جي ليکڪاسان گڏ

سردار پٽيل روڊ تي آهي. ٽين ماڙ جو ڪامريڊ اڌيڪاري وارو ڪمرو مونکي رهائش لاءِ ڏنو ويو ڪمري ۾ ٿي ڪچهري ٿي جو شام جو اتم، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ گوبند مالهي ٽيئي آيا ڪجهه دير ڪانپوءِ نند جويري به آيو رات ٿيڻ لڳي ته گهمڻ نڪتاسين گيٽ وي آف انڊيا ڏٺوسين. نريمان پوائنٽ کان اهو علائقو نظر آيو جيڪو بتين جي جهرمر ڪري راڻيءَ جو هار سڏبو آهي.

رات جو وڃي ڪيرت وٽ رهيس جتي دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين ٢١ صبح جي ڏهين بجي ڏاري پارٽي آفيس پهتس ته پارٽي جي مرهٽي اخبار يگانتر ۽ انگريزي اخبار فري پريس جرنل نمائندا انٽرويو ڪرڻ لاءِ انتظار ڪري رهيا هئا. اڍائي ڪلاڪ کن انٽرويو هليو ته مٿان انڊين پيپلز ٿيئٽر بمبئي جي صدر ۽ مشهور فلمي (۽ ٽي وي اداڪار اي ڪي هنگل جو فون آيو ته اچا منجهند جي مانيءَ تي موٽون چو نه پهتا آهيو جنهن لاءِ هو صاحب ڪالهه ئي قرباڻي ڪوٺ ڏيئي چڪو هو. ڪامريڊ بمبئي جي سيڪريٽريءَ سيتا رام سان گڏ سانتا ڪروز ۾ هنگل صاحب جي گهر پهتاسين. يار پاڻ گوشت ڪونه ڪائي پر اسان لاءِ ڏاڍا ڪڪڙ ڪباب ۽ ٻوڙ پلاءُ گهرائي رکيا هئا. ڏاڍو محبت وارو ماڻهون آهي چوڻ لڳو ”ڪامريڊ آئون نسلي طرح ڪشميري آهيان چائيس سيالڪوٽ ۾، پرورش پشاور ۾ ساڃي ڏر وارا سنڌي به آيل هئا جيڪي بقول سنڌن هندو پهرين هئا ته سنڌي پوءِ — رات جي ماني مسٽر چاٻڙيا جي گهر هئي. ويشو

سنڌي اديبن طرفان استقباليه - ڪيرت ٻاٻاڻي - موهن ڪلپنا - ديال موٽواڻي (جهولي لال جو ايڊيٽر)

ماني هئي پر ڪافي مزيدار هئي.
۲۴- صبح جو بمبئي شهر جي پريل واري پارٽي آفيس ۾ بمبئي جي پارٽي ورڪرس جي ميٽنگ هئي جيڪا سٺي ۽ پرجوش گڏجاڻي ثابت ٿي. ان ئي ڏينهن شام جو بمبئي کان دهلي روانو ٿيس بلڪ پهتس جو هوائي جهاز جو سفر، سفر نه پر پهچڻ آهي.

۲۵ مارچ تي صبح جو ۱۱ بجي آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس ۾ تقرير جي رڪارڊنگ ٿي جنهن ۾ لڇمڻ ڪومل، وينا شرنگي ۽ ڪرمچنداڻي ۽ سان ملاقات ٿي. شام جو پريس ڪلب ۾ پارٽي ۽ پاران پريس ڪانفرنس رکيل هئي اتي پتو پيو ته ضيا جي مارشل لا سرڪار هندستان جي پريس ۽ صحافين کي به مال ميوا ڪارائي سچ کي لڪائڻ جي ڪڏي ڪوشش ڪندي هئي.

۲۶ مارچ تي صبح جو اڄڪيون ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي يارن سان ڪچهري ٿي ته شام جو پارٽي جي سابق پارليامينٽ جي ميمبر مولانا اسحان سنڀلي ۽ سان گڏ لکنو وڃڻ ٿيو. سڄي رات ريل جي سفر ڪانپور ۽ صبح جو ستين بجي اسٽيشن تي پهتاسين ته ڪافي پارٽي ۽ جا يار اسٽيشن تي استقبال لاءِ آيل هئا. اسٽيشن کان صوبائي اسيمبلي جي ميمبر ڪامريڊ سرجو پانڊي جي گهر پهتاسين جتي نيرن ڪري وڃي صوبائي اسيمبلين جا اجلاس ڏٺاسين. يو پي ۽ ۽ ڪجهه صوبن ۾ به ايوان پاتم، سرت ساڄهه سنڌ ۾ حاصل ڪيم ۽ هاڻي رهان بمبئي هندستان ۾ تو. الائي گهڻو بدنصيب آهيان؟ يا ايترو خوشنصيب آهيان" رات جو اپٽا (انڊين پيپلز ٿيٽر ائسوسئيشن) پاران گڏجاڻي ۽ جو حبائير. منهن ۽ ڪانپور ۽ آفيس ويٺاسين

شام اتم، ڪيرت باباڻي ۽ گوبند مالهي ۽ سان ڪچهري ٿي. رات ٿي رهي هئي ته هنگل صاحب وٺڻ آيو. آفيس جي پاسي ۾ اڇي بارن ۽ وڏن ورايس آٽوگراف ڏيو فون نمبر ڏيو وغيره وغيره. مس مس جان ڇڏائي مونکي وٺي روانو ٿيو.

اپٽا جي فنڪارن سان ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي. سڀ فنڪار هئا. منجهن مکيه بمبئي اپٽا جو نائب صدر، گرم هوا ۽ ٻين فلمن جو نامور ڊائريڪٽر رميش نلوار، ٿيٽر جي اداڪاره ريٽا راڻي ڪول، فلمن جو ڪاميڊين جاويد خان، اداڪار مشتاق خان، جسپال سنڌو ۽ بمبئي جي جنرل سيڪريٽري

چپندي اتم، ديال ۽ آئون دادا ڪلياڻ آڏواڻي وٽ وياسين. دادي ۽ هٿ جو ٺهيل شربت پياريو ۽ پاپڙ کارايائين. جلد ئي اتم جي گهر موٽياسين. ماني کائي الهاس نگر عرف سنڌو نگر روانا ٿياسين. بمبئي جي تکي لوڪل ٽرين ۾ به ڪلاڪ ورتا. سلامت راءِ وٽ چانهه چڪي پيتي سين ۽ مٺائي کاڌيسين شام جو گڏجاڻي رکيل هئي جنهن بابت اخبارن ۾ خبر ڇپيل هئي. گڏجاڻي ۽ ۾ سلامت راءِ، موهن ڪلپنا، ڊاڪٽر ارجن حاسد، پرچو وديارٿي، اتم، ديال موٽواڻي ڪاٻي ڏر جو اڳواڻ مستر واٽواڻي ۽ پيا به ڪيترائي نوجوان ۽ بزرگ

چيني ڊيليگيشن سان گڏ

شريمتي سلپ آريه - مون کين عرض ڪيو ته اوهين فنڪار ته گونگن جي زبان آهيو اوهان ڪي چا ڀڏايان پر پوءِ به سنڌن سوالن جي جوابن ۾ ڏيڍ ڪلاڪ ڪن ڪچهري ٿي. رات جي ماني سنڌري ۽ اتم وٽ هئي. ٻئي زال مڙس ڏاڍا قربائتا آهن. آڏون پانيان ٿو سنڌ کان ٻاهر سنڌ جو ڪنهن فرد وٽ رڪارڊ هنن کان وڌيڪ شايد ئي ڪنهن وٽ هجي. ۲۲- صبح هولي هئي رنگن جي ڦوهارن کان لڪندي

شامل هئا جن ۾ ڪامريڊ، ڪانگريسي ٽوڙي ساڄي ڌر واري پارٽيه جنتا پارٽي (هندستان جي جماعت اسلامي!) جا اڳواڻ هئا. گڏجاڻي ۽ ۾ مون تقرير ڪئي جنهن ۾ سنڌين کي سڏ ڏنم ته هندستان ۾ ترقي پسند قوتن سان ساٿ ڏيو ته لک لائق نه، ته به فرقي واري طاقتن کان پاسو ڪريو ۽ سيڪيولر سياست جو ساٿ ڏيو انهن ۾ ئي هن علائقي ٽوڙي سنڌ جي سلامتي آهي. تقرير ڪانپور ۽ سوال جواب ٿيا جيڪي

باقي ص ۵۰ تي

شهيد اشرف جوڻيجي جي پهرين ورسي

رپورٽ: ديدار "موسى" ٻهاري

شهيد اشرف جوڻيجو جي پنجين ورسي هر سال وانگر هن دفعي به سياري جي آخري ڏينهن ١ فيبروري تي شهر باڊهه ۾ وطن دوست انقلابي پارٽيءَ پاران ملهائي وئي. جمهوريت ۽ آزاديءَ لاءِ سنڌ ۾ به رت ۽ باهه جي راند کيڏي پئي وئي. هزارين سنڌي جوڌا به ميدان عمل ۾ نڪري آيا ۽ انهن هزارن نوجوانن، پوڙهن، ٻارن ۽ عورتن مان شهيد پٺو، مائي بختاور، شهيد نذير عباسي ۽ شهيد اشرف جوڻيجو جهڙا نالا سر فهرست آهن.

شهيداشرف ١٩٨٣ع جي جدوجهد ۾ پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي هميشه لاءِ امر بڻجي ويو.

سنڌ جي ڏورانهن علائقن کان هن ورسي ۾ شرڪت لاءِ هزارن جي تعداد ۾ وقت کان اڳ ماڻهون پهچي چڪا هئا. سڀ کان پهرين سمورن ساٿين ڪامريڊ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جي قيادت ۾ شهيد جي مزار تي وڃي گلن جي چادر چاڙهي. تنهن بعد جلوس جي شڪل ۾ پنڊال ۾ داخل ٿيا. پنڊال کي انهن جهنڊن ۽ مختلف نعرا لکيل بينرن سان سينگاريو ويو هو ۽ اسٽيج به خوبصورت نموني سينگاريل هئي. جلوس پنڊال ۾ ٤ بجي داخل ٿيو. جلوس جي پهچڻ کانپوءِ ڪامريڊ پنهل ساريو ورسيءَ جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ اسٽيج تي پهتو ۽ ڪارروائي شروع ٿي. سڀ کان پهرين وطن دوست انقلابي پارٽي جي سيڪريٽري جنرل، ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ ۽ ايس اين اي جي اڳواڻ ڪامريڊ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ کي صدارت لاءِ سڏ ڪيو ويو. جنهن کانپوءِ مهمان خاص جي ڪرسي تي ويهڻ لاءِ ايل ڊي ايف جي هڪ ٻي تنظيم مزدور ڪسان پارٽي جي اڳواڻ غلام نبي ڪلو کي سڏيو ويو. ان کانسواءِ سنڌ دوست جي ادريس چانڊيو، وطن دوست مزدور فيڊريشن جي هوت گاڏهي، پنجاب ڪاشتڪار محاذ جي عبدالرشيد، ڊبليو ايس ايف جي ڪامريڊ منان بروهي، وطن دوست ٻار تنظيم جي سارنگ امر، پروگريسو يوٿ آرگنائيزيشن جي اياز چانڊيو، سنڌ هاري ڪميٽي جي غلام حسين ملوڪائي ۽ وطن دوست مزدور فيڊريشن جي ضلع اڳواڻ قادر بروهي کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. تقريرون ڪندڙن ۾ مٿين مهمانن کانسواءِ رشيد ڀٽو، هاشم جمالي، ساٿي پورل، نبي بخش سمون ۽ غفور چانگ پڻ شامل هيا.

سنڌ دوست جي ادريس چانڊيو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "ڪامريڊ جام ساقي اسان لاءِ عزت لائق آهي، مگر اسين ڪنهن به تنظيم يا فرد کي اها اجازت ڪين ڏينداسين ته هو سنڌ ۽ سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي مورچي کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري."

مهمان خاص ۽ مزدور ڪسان پارٽيءَ جي اڳواڻ غلام نبي ڪلو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "شهيد اشرف جوڻيجو اوهان سنڌين سان گڏ هر مظلوم ماڻهن جو ترجمان هئو. انڪري اسين پنجاب جو عوام به کيس پنهنجو شهيد سمجهون ٿا. پنجاب صرف ڪنهن سرمائيدار، چوڌري يا نوازشريف جهڙي غنڊي جو نه آهي، بلڪ ٩٠ سيڪڙو پنتي پيل هاري مزدور جو پنجاب آهي. مگر بد قسمتي سان ان تي اوهان جي سنڌ ڌرتي وانگر ڏهه سيڪڙو جي حڪمراني آهي."

آخر ۾ مجلس جي صدر ۽ وطن دوست انقلابي پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ ارباب چيو ته "شهيد قومن جو ورثو ٿيندا آهن ۽ انهن جي پيغام کي فعال ڪرڻ هر انقلابي ذهن رکندڙ جو اولين فرض آهي." ڪامريڊ، شهيداشرف جوڻيجو کي خراج عقيدت پيش ڪندي وڌيڪ چيو ته "وطن دوست ا-پ هر عملي جدوجهد ۾ سروائي وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. جنهن جو ثبوت ٨٣ جي جدوجهد ۾ سڀ کان ننڍو ۽ سڀ کان پهريون شهيد به واپ جو شهيد مير حسن جت هئو." ان کانپوءِ ڪامريڊ جام ساقي جي ايس اين اي مان نڪرڻ تي ڳالهايو ۽ تنقيد ڪئي.

آخر ۾ ڪامريڊ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ چيو ته "شهيد اشرف سان گڏ سڀني جمهوري جدوجهد ۾ شهيد ٿيندڙن جا يادگار قائم ڪرڻ لاءِ حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا ته شهيدن جي شهرن ۾ يادگار قائم ڪرايا وڃن."

صدارتي تقرير ختم ٿيڻ کانپوءِ جلسي ۾ موسيقيءَ جو پروگرام رچايو ويو. جنهن ۾ اسلم تنيو، ڪمهر ماڇي، عبدالباري ابڙو ۽ بشير چنه انقلابي گيت ڳايا.

نوٽ:
گذريل شماري ۾ سلمان رشدي متعلق جيڪو مضمون ڇپجي چڪو آهي، اداري کي ان تي سخت افسوس آهي ۽ مختلف مذهبي فرقن مان معذرت ڪري ٿو.
(ادارو)

شاعري

جان خاصخيلي

نظر

هيل
ڳولين وسڻ جي مند ڏکي تي
وٺي آهي.
باغن ۾ گل
ٻوٽين جيان پکڙيل آهن.
ڍلارين جي ڌڻ تي
آڳر آڳر
گهٽي گهٽي ۾
تنهنجي منهنجي ناتي
ڪا نه سڃاڻپ ٿيڻي آهي.
رسم ادائي جو آخري پل
مهندي جي هٻڪاريل
لانو لهڻ تي پورو ٿيندو
ها پر ڳوليون
ڍلارين سان گڏ گڏڻ ٿيون
پکين جي آکيرن مان ٿينديون
گهرن منجهه ڪرن ٿيون.
رات ڏکي تي وٺي آهي
چانڊوڪيءَ جو
ڏاتي جي ڌڻ تي
سنگ لنون ٿا
گيت جڙن ٿا
لاٻارو لهندو
سياٽي هيءَ ڪر ٻ آجي ٿيندي
ڪانگڙ ۾ مال سان
پٽڪندڙ ٻارڙا
آين جي مند ڪي ساري
ڳوٺين جي ڌڻ تي ڳائيندا،
هيل
ڳولين وسڻ جي مند ڏکي تي
وٺي آهي
تون ۽ آئون
ٻڪ لڪائي پنهنجي دل ۾
آءُ ته پنهنجا سهرا ڳايون
هيل ڳولين وسڻ جي مند ڏکي
تي وٺي آهي

حليم باغي

غلامن جي پٽ غلام ڏاهن

رهندين ڪيسين؟
سهندين ڪيسين.
دنيا وارا چنڊ تي پهتا
تو مارا چنڊ تي پهتا
تو نه اڃا پي
ڪوشش ڪا ڪئي
جهڙو اڳ هئين تهڙو آهين
ڇا تون انسانن مان ناهين.
پيڙيل جاڳيا
ناهن ساڳيا
پر مارن جي بند ۾ قابو
آهي تنهنجو بت ۽ بازو.
آزادي لئه
آبادي لئه
پنهنجي ڪيڪي پاڻ پٽوڙين
ريت پرائي پويان ڊوڙيـــن.
نان پرائو
هاڻي ڏاڻو
نئون آ دور ۽ هر شئي نياري
نئين آ هيـــڏي دنيا ساري.
موڙي ڪرڙا
سو هي پرڙا.
پس! پکيئڙا چار مان نڪتا
اڪٿين ڪنهن آزار مان نڪتا
پر نه اڃا تو
شعلو ڪيو ڪو
پنهنجي آزادي جو پيارا!
پنهنجيءَ آباديءَ جو پيارا!
جڪڙيل آهين
پڪڙيل آهين.
پرمارن جي قيد ۽ بند ۾
طوق غلاميءَ جو ٿئي ڪنڌ ۾
هوش وڃائي
جوش لٽائي
ڳولن جو ٻ غلام بڻايو آن
بندو تون بـي دام بڻيو آن.
هوش ڪٿي ٿئي؟
جوش ڪٿي ٿئي؟
آخر تون پي انسان آهين
ڪوهه نٿو هي قيد ڪنيائين
ائين ٿي جڪڙيل
ائين ٿي پڪڙيل
رهندين ڪيسين
سهندين ڪيسين؟

انور نگناڻي

نثري نظم

ڪشادين گهٽين ۾
جڏهن
ماڻهن جي سمنڊ چوڙ ڪيو
تڏهن
ڪشاديون گهٽيون ٻه
لڳيون ٿي
سوڙهيون سرنگهون
اهي ماڻهو
جي اشتراڪيت کي ڪافر چوندا هئا
اهي ماڻهو
جي پنهنجي ٿي فائدي جي ڳالهه کي
ملڪ دشمني چوندا هئا
ساڳيا ماڻهو
طوفان بڻجي
نڪري آيا روڊن تي
ساڻ کڻي انقلابين جا فوٽو
هر هڪ هٿ ۾ ڳاڙهو جهنڊو
هر زبان تي هڪ ٿي نعرو
آئيندا سين آئيندا سين
انقلاب آئيندا سين.

افسانو

قنديل

سنڌيڪار: رحمان

مان شهر کان ٻاهر، هڪ وسيع ۽ ويران لوڙهي ۾، پراڻي طرز جو ننڍڙو ٻه ماڙ گهر آهيان. ماڻهو چون ٿا ته ڪنهن گذريل سمي مان شهر جي وچ ۾ هوندو هوس ۽ منهنجي ارد گرد شهر وسندڙ هو. پر اڄڪلهه مان شهر کان ٻاهر زماني جي بي قدريءَ جو شڪار هيٺيءَ حالت ۾ پنهنجي جيوت جا پساهه پورا پيو ڪريان.

هائو سائين! منهنجو نالو تخيل آهي. ڏاڍو عجيب نالو آهي ڪيترن ئي ماڻهن جو اهوئي خيال آهي. بهرحال جيئن ته اهو مون تي نالو پئجي ويو آهي ته پوءِ منهنجي پسند ۽ نا پسند چاهڻ ۽ نه چاهڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ايامن کان ماڻهو پڻ انهيءَ نالي سان سڏيندا ٿا اچن ۽ هاڻي اهو نالو مون سان ايتري قدر وابسته ٿي چڪو آهي جو منهنجي هستيءَ جو ڀاڱو پيو ڀانئجي.

ها! جيڪڏهن توهان هي معلوم ڪرڻ چاهيندا هجو ته مون کي ڪهڙي زماني ۾ ڪهڙن هٿن تعمير ڪيو هو ته پوءِ ان تلاش ۽ اپياس ۾ صديون لڳي وينديون، ڇو ته اڄ ڏينهن تائين ڪوشش جي باوجود ڪوبه انهيءَ ماهري جي ساڃهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي. منهنجي نرڙ تي اهڙو ڪوبه ڪتبو يا تختي لڳل نه آهي جنهن تي بنائيندڙ جو نالو يا سن ۽ تاريخ اڪريل هجي پر دراصل منهن جي تعمير سرن بدران ڪتبن وسيلي ٿي آهي هرڪا سر جيڪا منهنجي اڏاوت لاءِ ڪتب آئي آهي سا پنهنجي ليکي هڪ ڪتبو آهي، ڇو ته هر سر تي هڪ نئون نالو اڪريل آهي. انهن مڙني ماڻهن جا نالا جن منهن جي اندر رهائش اختيار ڪئي منهنجي تعمير ۾ چند سرن جو واڌارو ڪندا رهيا آهن.

اڄڪلهه هتي ڪي انسان رهن ٿا. پر ٻه چوڻ وڌيڪ بهتر ۽ صحيح ٿيندو ڇو ته دربان "زمان خان" ته پيڙهين کان منهنجي سار سنڀال ڪندو ٿو اچي. رڳو ٻه ڪم زماني کان هن جي ٻلي آهن، گهر جي سار سنڀال ۽ مٿين ماڙ تي شام تائي قنديل روشن ڪرڻ. هن قنديل جي هلڪي ڳاڙهسري لاٽ ٻري تائين ڏسجڻ ۾ ايندي آهي ۽ ڏک ڀليل واڌهڙن کي نور جي مناري طور ڪم ڏيندي آهي. ٻين ٻن رهاڪن مان هڪ ته ٻيءَ آهي جيڪو تيزيءَ سان ٻيريءَ ڏانهن وڪون وڌائي رهيو آهي ۽ ٻيو سندس ڳڀرو پٽ....

هنن اڪڙين سوين انقلاب ۽ لاها چاڙها ڏٺا آهن. مان زماني جي لڪن ۽ هيرن کان چڱي ريت واقف آهيان. وڏيون وڏيون ٻوڏون منهنجا پير ڇهي لنگهي ويون پر ڪلهه راتوڪو طوفان. الحفيظ الامان. ڪيڏي نه ڏهڪائيندڙ رات هئي آها........

ڪالهه ساجهر لاڪون ڏاڍي لڪ لڳي رهي هئي سج صفا نيزي پاند هو. ٻڳهر ۾ آدمي شل هو ۽ گهٽ ۽ تپش تاءُ انهيءَ ڳالهه جو اهڃاڻ هئا ته رات جو وڏ ڦڙو وسندو.

شام ٿيندي ئي موسم متجڻ لڳي ۽ ڏسندي ڏسندي جهٽ ڪن ۾ شام جي شرم هاڻي سهڻي فضا ني ڦڪو ڳاهسڙي لٽ ڇانئجڻ لڳي تکا ۽ تيز جهوتا گهلڻ لڳا ۽ هڪدم ڌوڙ ۽ لٽ جا واچوڙا ڌرتي ۽ آڪاش جي وچ ۾ جهمريون پائڻ لڳا سهڻي شام طوفان جي ڪاري اوندهه ۾ ٻڏي ويئي.

طوفان پنهنجي موج ۾ هو. هيڪڙ ٻيڪڙ وڏيون وڏيون ٻوندون ٻه وسڻ لڳيون هيون جو اوچتو هوا جي تيز جهوٽي لڳڻ ڪري مٿين ماڙ جي ڳڙکي زور سان پٽجي ويئي ۽ چينيءَ جو گلدان فرش تي ڪري ذريون ذريون ٿي ويو. ڪراڙي "زمان خان" ڇرڪ ڀري ۽ اهو سوچيندي ته طوفان ۾ ڳڙکي جو ڪليل هجڻ سنو سوڻ ڪونهي، هوريان هوريان اونداهي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو سندس ڪنڌ جهڪيل هو چهري تي فڪر ۽ پريشانيءَ جو ڏيک ڪونه هئو پر سندس چپن تي ٺٺول ڀريل مرڪ هئي. هو سوچي رهيو هو ته "گهر جنن ڀوتن جو واسيل ڀاسندو آهي" ڳڙکي جي ٻنهي تاڪن کي جهلي هن ٻاهر نهار ڪئي ڏاڍا زورائتا جهوتا گهلي رهيا هئا. طوفاني واچوڙا هر سانتيڪي ۽ ٻيئل شيءِ کي پاڙون اکوڙڻ جي ڪيد هئا. تمام ٿلهن ٽڙن وارا وڻ چنبيليءَ جي ٽارين جيان لڏي رهيا هئا. تيز ۽ تکن واچوڙن جي وچ ۾ "تخيل" ائين لڏي رهيو هو جڻ هڪ ننڍڙي ٻيڙي ٻڏندي ٻوندي متل ساگر ۾ پاتال منجهه ننڍڙ ڇولين جي سيني تي لڏي رهي هجي.

ڪو پتڪيل پريشان حال واٽهڙو پنهنجي منزل جي ڳولا ۾ انهن طوفاني هوائن سان سينو ساهي رهيو هو. سندس پير ٿاٻڙجي رهيا هئا. ان لٽ ۽ مينهن جي طوفان ۾ ڪيس ڏسجڻ ۾ ڪجهه به نٿي آيو. هو هر هر ٻنهي هٿن سان هٿن جي ترين سان اکين کي مهٽيندو دوڙا پئي ڏک لهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿي لڳو پر جڏهن لٽ جي ڪري سندس اکيون ٻوٽجڻ ٿي لڳيون تڏهن ٻيهر گهٻرائجي هٿن جي ترين سان اکيون مهٽڻ ٿي لڳو.

"رب منهنجا، رحم ڪر، رڳو جهٽ ڪن لاءِ........ هوءَ انهن جي باغ ۾ اوسيئڙو پئي ڪري......" ڪراڙو زمان خان مرڪيو. "جوڌا دل نه لاهجان.... همت ڪر.... وڌندو هل.... ڇڙيون ٻه چار وکون ۽.... ٻوءِ انهن جو باغ آهي.... چانڊوڪي رات چانيل آهي.... ۽ تنهنجي جيڏل ٻانهون ڊگهيري توکي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائڻ ڪاڻ اتاولي آهي.... وڌندو هل.... ڇڙو ٻه چار وکون ۽........ اهڙا طوفان ته ايندا رهندا آهن........"

زورائتو واچوڙو آيو. ڪارن ڪڪرن جا ولر، جهومندا مست هاٿين جيان وڌيا ته جيئن ڌرتي ۽ آڪاش کي پنهنجي پيرن هيٺان چيڀاٽي ڇڏين. طاق تي قبل مسيح جا رکيل ٽانو فرش تي ڪري پيا. وينس جو سندر، ڪٽيل ٻانهن وارو مجسمو هيٺ ڪري ذرا ذرا ٿي ويو. زمان خان جلدي جلدي ڳڙکي بند ڪئي ۽ ڪمري ۾ قبر جهڙي اوندهه ڦهلجي ويئي. پر زمان خان

ڪي وات لهڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس ڪانه ٿي هو ته جڳن کان تخيل جي طاقن ۾ ڏيئو ٻاريندو رهيو آهي.

چاڙهين تان لهندي هن هوريان چپن ۾ پڪيو "طوفان اچڻ کان اڳ ۾ احتياط ضروري آهي...." "پر ڪجهه ڪڙڪين جو پٽيل رهڻ اڻ ڊر آهي." هن پنهنجي پراڻي قنديل روشن ڪئي ۽ تخيل ۾ هلڪي هلڪي جوت پکڙجي ويئي پر زمان خان جي چپن تي اڃان تائين ٺٺول ڀريل مرڪ هئي جڻ هو انهن مچريل طوفاني واچوڙن ۽ جهيل مانار ۽ اوندهه تي چٿرون ڪندو هجي.

ٻاهر آڳر ۾ زور زور سان در کڙڪائڻ جا آواز اچي رهيا هئا. شايد گهر ڌڻي اچي ويو هو. "زمان خان!. زمان خان. تون ڪٿي آهين .... تون ڪيڏانهن هليو وئين... ڪيڏو شديد طوفان آهي.... سيئي راهون اونداهه ۾ گم ٿي چڪيون آهن."

زمان خان مرڪيو. "اوندهه ته هميشه نور تي غالب ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي آهي سائين؛ ۽ طوفان به ايندا ئي رهندا آهن پر مٿير مڙس انهن اونداهين ۽ طوفانن ۾ پنهنجو ماڳ ڳولهي لهندا آهن."

هو دروازي ڏانهن وڌيو سوچڻ لڳو "مالڪ پوڙهو ٿي چڪو آهي. پوڙهائپ انسان کي محتاط ۽ ڪي قدر پست همت ڪري ڇڏيندي آهي." هو مرڪيو. "ڪيڏي نه عجيب آهي هيءَ زندگي!.... اهو شخص جنهن طوفانن ۾ نيپاج ورتو هجي اڄ طوفانن کان ڪيتريقدر نه هيسيل آهي.... اڄ کيس چيني گلدانن جي ڳڻتي آهي. مائيڪل انجيلو جي مجسمي، سقراط جي فڪر ۽ ليوناردو ڊاونچي جي نقاشي جان کان وڌيڪ عزيز آهن....... ڪيتري نه عجيب آهي هيءَ زندگي! ڳڀرو زندگيءَ سان سينو ساهيندو آهي، طوفانن کي منهن ڏيندو آهي ۽ پوڙهو ٿي زندگي کي ڀاڪرن ۾ ڇو ڪيو پڪڙيندو آهي......."

دروازي تي زور زور سان کڙڪائڻ جو آواز. زمان. زمان ڪٿي آهين. ڪيڏو نه هيبتناڪ طوفان آهي ڪيڏي نه ٻاٽ اوندهه آهي.... مون کي سوجهرو ڏيکار.... مونکي سوجهرو ڏيکار.

زمان خان نهايت ڌيرج سان هوريان هوريان در کوليو. ڪاٻي هٿ وسيلي قنديل ڪلهي کان مٿيري ڪيائين. سندس ڪراڙي گهنجيل پوري مک تي هلڪي هلڪي مرڪ ڪڏي رهي هئي.

"زمان! زمان. سڀ خير آهي نه؟. آءٌ ته ٻڇي ويو هئس."

"ها! سڀ خير آهي چيني جو گلدان ڪري ڀڄي پيو." هن مرڪيو.

"ڇا! هي تون ڇا چئي رهيو آهين؟" هن گهٻرائجي پڇيو.

"سائين منهنجا! ۽ وينس جو مجسمو پڻ...."

"زمان ڪهڙي نه نياڳي خبر ٻڌائي اٿئي. چيني جو گلدان،

وينس جو مجسمو. آف يا خدا هي طوفان ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون گهرندو. زمان! ڪيتريون صديون اڳ منهنجن وڏڙن هي دولت ڏني هئي. اهڙو طوفان ته مون ٻنهنجي ڄمار ۾ نه ڏٺو......"

"سائين منهنجا پليا آهيو" زمان چپن ۾ رڪجي رڪجي ڳالهايو. "ٻوڙهائپ ۾ انسان جي يادداشت پڻ جهڪي ٿي ويندي آهي." هو مرڪيو. پر مالڪ ڪجهه ٻڌو ئي نه. هو بيحد پريشان ۽ ڊنل هو. هو گهبرائجي پڇڻ لڳو: "زمان، زمان! ٻڌاءِ منهنجو ٻچڙو ڪٿي آهي؟ منهنجو ٻچڙو!"

"سڪيلڊو ته اڃا تائين نه آيو آهي سائين منهنجا."

"ڇا هو اڃا تائين ڪونه آيو آهي. اڃا تائين نه آيو آهي! پروردگار هي طوفان. رب اسان تي رحم ڪري، ڪهڙو نه شديد آهي هي طوفان ڪيتري نه ڏيڇارينڊڙ اوندهه آهي."

ڪهڙيون قيامت خيز هوائون گهلي رهيون آهن، ڪهڙو وڏڦڙو مينهن آهي ۽ منهنجو ٻچڙو اڃا تائين نه آيو آهي. زمان! الله نه ڪري هو ڪنهن مصيبت ۾ گرفتار ٿئي. ڏک وڃائي ويهي، زمان! تون ڪيئن نه مطمئن ٿو نظر اچين. نورو قنديل ڪي ته مٿي جهل. اڙي تون مرڪي رهيو آهين! ڇو-ڇو. ڇا تو کي ڪائي ڳڻتي ڪانهي!"

"سائين منهنجا! توهين ڏاڍا پريشان آهيو."

"زمان! آئون سندس پيءُ آهيان."

"سائين منهنجا! توهان جي بابي پڻ ائين ٿي چيو هو."

"ڇا! ڇا چيو هو منهنجي بابي؟"

"سائين منهنجا! ان وقت اوهان جوان هئا. طوفان سان کيڏندا هئائو...."

"ها. ها. ته منهنجي بابي ڇا چيو هو؟"

"توهين هڪ نديءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي نديءَ جي ٻوڏين پر ويا هئا ۽ ٻوءِ رات ٿي ويئي. اوندهه پنهنجي آغوش ۾ طوفان کڻي آئي هئي. وڏ ڦڙو وسڻ لڳو هو ۽ ٻوڏ ۾ اوسي پاسي جي وسندي ڪک پن وانگر لڙهڻ لڳي. توهان جو بابو ڏاڍو وياڪل هو ۽ چيو هئائين!...."

"ها! شايد تون ٺيڪ ٿو چئين زمان!" هن ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو: "پر منهنجو ٻچڙو. منهنجو پٽ. هو اڃا ڪچيءَ عمر جو آهي. سيڪڙات آهي هن کي اڃا اونداهين سان سينو ساهڻ ۽ مچريل موجن کي سيڪت ڏيڻ جو سليقو ڪونهي. هو اڃا ٻار آهي زمان!"

زمان خان مرڪيو. "اهي لفظ توهان جي بابي به چيا هئا.... پر توهين پنهنجي ننڍڙي ٻيڙي انهن مچريل ڇولين جي سيني تي تاريندا موٽي آيا هئا...."

"زمان! تون سچ ٿو چئين. پر زمان! نورو قنديل مٿيري ڪر. تون منهنجي اکڙين ۾ ليئو پائي منهنجي سيني ۾ ڏس. ان منجهه به هڪ طوفان متل آهي. زمان! آئون هن جو پيءُ آهيان."

هڪ زورائتو هوا جو جهوٽو آيو ڪنوڻ چمڪي ۽ هيبتناڪ گوڙ ڪري سڄو گهر لڏڻ لڳو.

"زمان! هي ڪهڙو طوفان آهي!" مالڪ دانهن ڪئي. اهڙو طوفان مون ڪڏهن به نه ڏٺو. ڏس اسانجو "تخيل" ڪيئن ڪنبي رهيو آهي. زمان. زمان جلدي ڪر. پاڻيان ٿو ڪتب خاني جي ڪڙڪي ٻيهر پٽجي وئي آهي. وري ڪا چيز ڪري. آف. منهنجا مصري فرعونن وارا چٽيل ظروف. منهنجو سنگمرمر جو تاج محل.... زمان تون مونکي سوجهرو ڏيکار. مونکي مٿي وٺي هل...."

ڪراڙي زمان ڪي قنديل ڪلهن کان مٿيري جهليل آهي، هوريان هوريان ڏاڪڻ چڙهي ٿو. هڪ ٻيو زورائتو هوا جو جهونو لڳو گوڙ سان ڪٽي ويجهڙائي ۾ ڪنوڻ ڪري. سمورو "تخيل" لرزي ويو. چيني ۽ يوناني گلدان ڪري چيهون چيهون ٿي ٽٽڻ لڳا پر ڪراڙو زمان خان قنديل کي ڪلهن کان مٿيرو کنيو مسڪرائيندو هوريان هوريان ڏاڪڻ تي چڙهندو رهيو.

"زمان! اسان جو تخيل ڪيئن نه ڪنبي رهيو آهي. ڪهڙي خوفناڪ گوڙ هئي.... زمان آئون پوڙهو ٿي چڪو آهيان مونکي هاڻي طوفانن ڪان ڊپ ٿو ٿئي. هاڻي مون ۾ طوفانن سان سينو ساهڻ ڪاڻ ٻل ڪونهي. منهنجا پير ٿاٻڙجڻ لڳن ٿا. منهنجو ٻچڙو!. منهنجو پٽ ڪٿي آهي. ڏس ته وري ڪا شيءِ ڪري پيئي آهي زمان!. اڄ اسان جي وڏڙن ڪيترن ڪشالن ڪانپوءِ هي "تخيل" تعمير ڪيو هو. انهيءَ ڪي انساني ذهن جي تخيل ڪيل سمورن عجيب ۽ غريب حيرت انگيز شاهڪارن سان سينگاريو هو. ۽ اڄ.... آف هي طوفان.... زمان سمورو ورڻو ختم ٿيندو ٿو لڳي...."

هو ڪتب خاني ۾ پهچي چڪا هئا. زمان خان قنديل ڪلهي ڪان مٿيري ڪري جهلي چيني گلدان وينس جو مجسمو، مصري ظروف جا ٽڪرا فرش تي پکڙيل آهن. گوتم جو بت ابتو پٽ تي ڪريو پيو هو. ميز تي رکيل فردوس جي شاهنامي جو پنو پنو ڪندريل هو....

"زمان!" مالڪ ڙر ڪئي. "نورڙو قنديل جي جوت وڌائي آئون هن شيطاني ڪڙڪيءَ کي بند ٿو ڪريان. ڪيئن نه تباهه ٿي رهيو آهي اسان جو اثاثو....."

هو تيزيءَ سان ڪڙڪيءَ ڏي وڌيو. پٺي ٽاڪ جهلي هن ڪڙڪي بند ڪرڻ ٿي چاهي ته ٻيهر ڪنوڻ چمڪي.... هن رڙ ڪندي چيو "زمان. زمان. هيڏانهن اچ، هو ڏس!. لڳي ٿو ڪوئي ڏک پلجي پيو آهي. منهنجو ٻچڙو!..." ڪراڙو زمان قنديل کي ڪلهي کان مٿيرو کيو سندس پويان اچي بيٺو.

"ڪير آهي هيءُ. ڪوئي پٽڪيل واٽهڙو!. ڪوئي وڃڙيل مسافر. زمان ڪير آهي هيءُ....؟"

"ڪوئي پٽڪيل واٽهڙو!. ڪيس انبن جي باغ تائين وڃڻو آهي باغ ۾ سندس جيڏل وڻ جي ٽڙ سان پٽ لڳائي سندس اوسيئرو پئي ڪري شام جو ملڻ جو انجام هئن."

"زمان ڇا چئي رهيو آهين تون."

"پر شام ڪونه ٿي سائين منهنجا! ۽ طوفان اچي رسيو ۽ هيءُ طوفان ان طوفان تي حاوي ٿيڻ ٿو چاهي جيڪو ٻن دلين ۾ ٻنا ٻوڙ ٻيو ڪري...."

"زمان!" مالڪ ڪجهه پڇڻ ٿي گهريو پر هو چوندو رهيو "منهنجا پيارا ڳڀرو اڃا ڪجهه همت ڪر. ڇڙو به چار وکون وڌيڪ. تنهنجي رادها تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهي...."

"زمان!. ڇا سندس جيڏل اڃا تائين سندس اوسيئڙو ڪري رهي آهي هن لٽ ۽ مينهن جي طوفان ۾؟...."

"اڃا هن جا واسينگن جهڙا وار جيڪي مينهن ۾ پڃي جرڪي رهيا آهن، اڃا ڪونه ٿيا آهن سائين اڃا سندس مک، جنهن تي مينهن ڦڙن موتين مالهائون اوتي ڇڏيون آهن گهنجن هاٿو ڪونه ٿيو آهي. اڃا هن جي اکڙين جي جوت، جنهن ڪي طوفاني هوائن جي سٽڪن جهڪو ڪري ڇڏيو آهي. اجهائي ڪانهي .... هاڻي سائين اوسيئڙو ڪندي. جيستائين سندس سيني ۾ ڌڙڪن ۽ وياڪل نگاهن ۾ جوت باقي آهي. هوءَ انتظار ڪندي...."

"زمان! تون ان ڳڀرو کي واٽ ڇو نٿو ڏيکارين؟"

"نه سائين منهنجا! نه اهو منهنجي وس ۾ ناهي!"

"ڇو؟"

"سائين! هيءَ قنديل طوفان ۾ اجهامي ويندي."

"قنديل اجهامي ويندي!"

مالڪ اڇرج ۾ ورجايو.

"هائو سائين منهنجا ۽ سان ان کي ٻيهر ٻاري نه سگهندس"

مالڪ امالڪ مڙيو. چگو پلا هيڏانهن ڏي. اها قنديل مون کي ڏي آءٌ ٿو کيس رستو ڏيکاريان."

"سائين. توهين!"

"ها. ها آئون کيس واٽ ڏيکاريندس."

"سائين ڏاڍو اولو طوفان آهي"

"آءٌ سڄي ڄمار انهن طوفانن سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو آهيان"

"هوائن جا خوفناڪ جهوٽا گهلي رهيا آهن."

"مون انهن ئي هوائن ۾ ساهه کڻڻ سکيو آهي"

"سائين منهنجا! توهان جو سڪيلڊو."

"هو منهنجو رت آهي! طوفان سندس پيرن جي پٺي آهن" هو به ڪنهن ڏک وڃايل واٽهڙو کي واٽ ڏيکاريندو هوندو. ڳڻتي نه ڪر زمان هو ضرور پوئتي وريندو. هو ضرور پوئتي وريندو. نيٺ هن "تخيل" ڪي سينگارڻو به ته. کيس ئي آهي. ——— هو قنديل کنيو ٽڪڙو ٽڪڙو ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ لڳو.

"سائين! جيڪڏهن قنديل تيز هوائن جي ڌڪاءَ ڪري اجهامي ويئي ته پوءِ؟"

"آءٌ ان کي پنهنجي سيني جي ٽانڊن سان ڄرڪائيندس." هو دروازو کولي ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري ويو. ڪراڙو زمان، در تي بيٺو پنهنجي ڊگهي اڇي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري رهيو هو. سندس پوري گهنجيل مک تي هڪ سوياڻي مرڪ کڏي رهي هئي.

— نوٽ —

ڳالهه جي ٻئي

سڀ ڪجهه

وارو حصو ايندڙ

شماري ۾ ضرور

ڏينداسين.

اداره

ٻالڪ رنگ

اڪبر جسڪاڻي

خدا جو گجهه



اڄ منهنجو ڀاڻيجو پريشان هو، ان کي اسڪول ۾ عربي پڙهائيندڙ استاد ٻڌايو هو ته هاڻ جلد هي زمين ختم ٿي ويندي ۽ قيامت ايندي. مون پنهنجي ڀاڻيجي کان پڇيو ته تلو خبر ڏي ڀلا ملان ڇا چيو؟

چپائين: ماما ملان چيو ته زمين ڏاند جي سنڱ تي بيٺل آهي مون کي کل اچي وئي. چيم: ”تلو تو وٽ جيڪي ٻه چقمق هئا اهي ڪٿي آهن“؟ تلو ڊوڙندو وڃي چقمق کڻي آيو. مون وٽ ڀيڀر پڻ ٽاچنيون هيون. اهي ٻنهي چقمقن جي آڏو جهلڻ ٽاچنيون بيهي رهيون. تلو تاڙيون وڄائڻ لڳو. چيومانس: تلو ڌرتي ڏکي جي سنڱ تي نه پر سج ۽ چنڊ جي ڪشش تي بيٺل آهي ۽ سج جو ئي هڪ حصو آهي جنهن کي ٺرڻ ۾ هزارها سال لڳا آهن.“ تلو جلدي ۾ چيو: ها ماما جي ڏاند جي سنڱ تي بيٺل هجي ها ته ڏاند ٿڪجي پوي ها. يا پاڻي پيئي ها ته پوءِ ته ضرور ڌرتي ڪري پوي ها. پر ماما ملان ته اهو ٻڌايو ڪونه ته ڌرتي ڇا تي بيٺل آهي.

ايتري ۾ تلو وري سوچڻ ۾ پئجي ويو. چپائين ته ماما، ملان چيو پئي ته سج ماءُ جو پٽ آهي، تڏهن گرمي اٿس، ۽ جنهن ڏينهن تي ماءُ کي ڳالهايو هئائين ان ڏينهن تي ڪارو ٿي ويندو آهي مون کي کل اچي ويئي. تلو کي چيم، تلو تون مون کان ٻه هوشيار ٿي ويو آهين. وي- سي- آر سيٽ ڪيو وڃين. پر ملان جون ڳالهيون نه تو سمجهي سگهين.

پهرين سج گرهڻ پڙهيو اٿيئي. چپائين ها ماما! ”ته پوءِ ٻڌ تلو ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ چنڊ ٻه سج جي چوڌاري ڦري ٿو. جڏهن چنڊ سج ۽ ڌرتي جي وچ ۾ اچي ويندو آهي، تڏهن چنڊ جو پاڇو سج تي پوندو آهي ۽ اسان کي سج ڪارو نظر ايندو آهي. ڪڏهن وري زمين ٻنهي جي وچ ۾ اچي ويندي آهي، تڏهن چنڊ ويچارو ڪارو نظر ايندو آهي جنهن کي چنڊ گرهڻ چئبو آهي.

تلو چيو ته ”ماما، پوءِ ڀلا اخبار وارن کي ڪيئن خبر پوندي آهي. تلو خان! جيڪي ستارن جو علم ڄاڻندا آهن، تن کي اها خبر پوندي آهي. تون پنهنجي ملان کان پڇجانءِ ته ريڊيو ۽ اخبار وارا اڳ ۾ ڇو ٿا لکن؟

تلوءَ وعدو ڪيو ته ٻئي ڏينهن تي اسڪول ۾ ملان کان پڇندو.

ٻئي ڏينهن تي گهر آيس ته تلو، مونکي ڏسندي روئي ڏنو. چپائين: ماما، مولوي مون کي سوال پڇڻ تان ماريو آهي، ۽ سمجهائڻ بدران رول گهرائي هنيو اٿس ۽ چوي پيو ته، ڇورا خدا جي گجهه ۾ هٿ نه وجهبو آهي.

بقايا - بوم محيءَ.

اسانجي ملڪ جا بورزوا طبقا سامراجي امداد جي بنياد تي سرمائيدارانه نظام معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي آهي، جاگيرداريءَ زمينداري ڀهريائين ئي انجي مضبوط ڍال بنيل آهي. هاڻ مذهب کي ٻه ڀرپور انداز سان استعمال ڪيو پيو وڃي. پر ان تمام تڪليفن جي باوجود سرمائيداري جي ڪرندڙ عمارت کي سهارو ن. ٿو ڏئي سگهجي. هر جاءِ تي اهو ئي نظر اچي رهيو آهي ته سرمائيدارانه نظام جي جاءِ تي سوشلسٽ نظام پنهنجي راهه هموار ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن انڪي پوري ڪاميابي حاصل نه ٻه ٿي سگهي تڏهن ٻه فلاحي رياست جو تصور اهڙي طرح سان ابري آيو آهي جو ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ اهو ئي سرمائيدارانه نظام کي ختم ڪري ڇڏيندو.

شاهه محمد پيرزادو

ترائيل

تنهنجي قربت سمجهايو ڇا آهي خوشي
توکي چمڻ سان وئيم هئڻ حياتي جو
حسن دنيا کي سمجهايو ڇا آهي خوشي
تنهنجي قربت سمجهايو ڇا آهي خوشي
تنهنجي سونهن ٻڌايو مونکي آدرشي
پرينءَ جي پير ۾ گهارڻ واري حياتي جو
تنهنجي قربت سمجهايو ڇا آهي خوشي
توکي چمڻ سان وئيم هئڻ حياتي جو

بقايا- فوج جي جاسوسي ادارو

نقطهء نظر تي بي نظير شديد رد عمل جو اظهار ڪيو ۽ وزير اعظم گل حميد کي سختيءَ سان بڌايو ته بنياد پرستن کي مغربي ملڪ آمريڪا، سوويت يونين، افغان ۽ ايران ڪڏهن قبول نه ڪندو. نيٺ آخر هڪ شوريءَ ٿي، جيڪا ايتري فرقي پرست ناهي.

هيءَ صورت حال ظاهر ڪري ٿي ته آءِ ايس آءِ کي دٻائي نٿو سگهجي. جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سوچ ان جي ابتڙ آهي. بي نظير ڀٽو حڪومت آهستي آهستي حڪومتي معاملن ۾ هن ايجنسيءَ جو عمل دخل گهٽائي رهي آهي ۽ ان جي خاص ماڻهن کي اهم سرڪاري عهدن کان ڪن ٻين هنڌن ڏانهن تبديل ڪري رهي آهي، گل حميد کي ليفٽيننٽ جنرل جي عهدي تي ترقي ڏني وئي آهي ۽ افغان جنگ کان پوءِ هن کي واپس فوج ۾ ڪور ڪمانڊو بڻايو ويندو.

پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا وزير اعظم بي نظير ڀٽو فوج کي ان قابل بڻائي سگهندي ته اها حڪومت ڏانهن جوابده هجي ۽ ڇا هوءَ پاڻ اڳوڻن اڳوائن وانگر ملڪ اندر فوج کي استعمال ڪرڻ کان پاڻ بچائي سگهندي.

بقايا- جام ساقي

ڪافي دلچسپ رهيا. گڏجاڻيءَ ڪانپوءِ جهڙي وير وٽ ڇانهه، پنجيتيهين ۽ رات جي ماني واڻوائي وٽ هئي. ٻئي ڏينهن يعني ٢٣- صبح تي واپس بمبئي روانو ٿيس جتي آفيس ۾ پارٽيءَ جي ڪجهه يارن سان ڪچهري ٿي، شام جو بمبئي پريس ڪلب ۾ بمبئي جي سيني سنڌي سنسٽائز (تنظيمن) پاران گڏيل آجياڻو هو. صدارت مشهور سنڌي اديب گوبند مالهي ڪئي ۽ ڪارروائي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ هلائي. هن تنظيم پاران آجيان طور هار پارايا ويا ۽ هڪ هڪ همراهه ڪجهه اکر ڳالهايا. آخر ۾ مون تقرير ڪئي جنهن ڪانپوءِ ڪافي مزيدار سوال جواب ٿيا.

ان ڪانپوءِ اقليتن جي ترقي لاءِ ٺاهيل بورڊ ڏٺوسين. شام جو لکنوءَ جون مشهور جايون وڏي امام بارگاهه، ننڍي امام بارگاهه، يادگار منارو، ڪجهه پارڪ، پريزيڊنسي ۽ ٻارهن دري ڏسي اچي جلسي گاهه ۾ پهتاسين جيڪو پارٽي آفيس جي ٻاهران ميدان تي ٿي رهيو هو. جلسي ۾ هن دور جي اردو ٻڌي احساس ٿيو ته جمهوريت هجي ته ڌرتي ڪيئن نه پنهنجي ٻولين کي پنهنجي رنگ ۾ ٿي رڱي. رات جو ٻارهين بجي لکنو مان گاڏيءَ رستي مئوناٿ ڀنجن ڏانهن روانا ٿياسين. صبح جو نائين ڌاري مئوناٿ پهتاسين وچ ۾ بنارس تي گاڏي مٽائي سين. مئو ۾ همراهن جو جلوس ڳاڙها جهنڊا لوڏيندي استقبال لاءِ آيل هو! نعرن جي گونج ۾ اسٽيشن کان رهائش گاهه تي پهتاسين. منجهند جو لائبرريءَ ۾ پارٽي ڪارڪنن جو اجلاس هو ۽ شام جو هڪ وڏي ميدان ۾ عام جلسو هو جيڪو تمام وڏو ۽ يادگار جلسو هو. ٢٩ تي صبح مئو مان نڪتاسين تانجو ٣٠ تي صبح جو ڇهين ڌاري بمبئي پهچڻ ٿيو هئاسين ساڳئي ڏينهن منجهند جو واپس لاهور اچي پهتس.

بقايا- يوم مئي

طبقن هر دور ۾ پنهنجي نمائندن ۽ ايجنٽن وسيلي ڪوڙا ۽ بلند بانگ نعرن جي فريب سان پنهنجي دور حڪومت ۾ نه صرف مزدورن جا حق ڦٻايا پر انهن کي ايترو ته مفلوج ڪيو ويو جڏهن انهن کان هڙتال جو حق کسيو ويو ته اهي آف به نه ڪري سگهيا. اهڙين حالتن ۾ يوم مئي جي حيثيت کي اڀارڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجن اختلافن کي ختم ڪري وري ڀيهر درست نموني هڪبئي کي منظم ڪيون. لساني، مذهبي، علائقائي، معاشي ۽ ثقافتي تقسيم ۽ فرق کي مزدور تحريڪ ۽ پورهيتن جي حقن جي راهه ۾ رڪاوٽ پيدا نه ڪرڻ ڏيو. پورهيتن جي حقن لاءِ اسان سيني کي ملي ڪري ويڙهه ڪرڻي پوندي. ليبر قانون جي ڀيهر تدوين- عمل جي لاءِ ۽ ٽريڊ يونين قائم ڪرڻ جي حق لاءِ، هڙتال جي اختيار جي لاءِ، سرمائيداري جي ڇانٽي، ۽ لي آف جي حق جي خلاف هڪ ڀيرو وري ڀيهر سيني کي ملي ڪري ويڙهه ڪرڻي پوندي. اسان جيڪو ڪجهه اڳ حاصل ڪيو هو آمرانه دور ۾ اسان کان اهو کسي ورتو ويو.

يوم مئي جي افاديت انهي ۾ ئي آهي ته اسين پنهنجي صفن کي منظم ڪيون ۽ عائد ٿيل ظالمانه قرلٽ جي معاشي نظام جي خلاف پنهنجي جدوجهد کي تيز کان تيز ڪري ڇڏيون. بهرحال بين الاقوامي سامراج ۽ مقامي دلال طبقن جي جديد هٿڪنڊن جو مقابلو حقيقي پورهيت تنظيمون، فرسوده ۽ دقيانوسي طريقن سان نٿيون ڪري سگهن. انهن کي به پنهنجي علم، تنظيم ڪاري ۽ حڪمت عملي جو معيار بلند ڪرڻو پوندو. نظريو، ٽيڪنيڪل، تنظيم، اتحاد، ديانتداري ۽ قرباني اڄ جي دور جون سڀ کان وڏيون ضرورتون آهن- اسان کي انهن جي حوالي سان پنهنجي جدوجهد کي تيز ڪرڻ گهرجي.

بقايا صفحه ٩٤ تي

MONTHLY SINDHI "SHAHOOR" HYDERABAD - REGD. H(P)/-916

جلد نمبر ١ شمارو نمبر ٢ مئي ١٩٨٩